
# سَٿُ پٿاڍو



مرتب:

آزاد قاضي

# سَڏُ - پڙاڏو

[سائين جي. ايم. سيد ۽ محمد ابراهيم جويي جا خط]

مرتب:

آزاد قاضي

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت

حيدرآباد سنڌ - 2004ع

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سَڏُ - پڙاڏو
مرتب: آزاد قاضي
ڇاپو: پهريون
تعداد: 500
سال: سيپٽمبر، 2004ع
ڇپيندڙ: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد
قيمت: 100 روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب
جي ايم سيد فائونڊيشن
جي سهڪار سان شايع ڪيو ويو.

**SADD - PARADO**

[Letters of G.M. Syed & Mohammad Ibrahim Joyo]

***Compiled by Azad Qazi***

Edition: Ist
Copies: 500
Year: September 2004
Published by Sindhi Adeeban Jee Sahkari Sangat
Price: Rs.100/-

# سؤ ساله جشن




پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهم گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.
(شاهه ڪلياڻ 1)

# فهرست


پيش لفظ — آزاد قاضي 7
ميان محمد ابراهيم جويو — جي. ايم. سيد 19
سندمر ساٿ ڏٺي: سائين جي. ايم. سيد — محمد ابراهيم جويو 24

**خط** 29-86
سائين جي. ايم. سيد ۽ محمد ابراهيم جويي صاحب جا مختلف وقتن
تي هڪ ٻئي ڏانهن لکيل خط (1941-1987)

**مضمون** 87-176
- سنڌ جي تاريخ جو اٿويهه سوَ ستر وارو ڏهاڪو
(قومي ۽ وفاق پسند سياست جي مباحثي جو هڪ دفاعي پاسو) 89
- قومي يڪجهتيءَ لاءِ معقول صلاح 126
- سيد مراد علي شاهه جي قتل جو سانحو ۽ سيد خاندان 131
- جي. ايم. سيد ۽ پاڪستان جو تصور 136
- پاڪستان جو نهراءُ، جيئن اهو 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو
اسيمبليءَ ۾ بحث هيٺ آيو 145
- برطانوي راڄ هيٺ 1937 کان 1947ع تائين سنڌ کي مليل
خودمختياريءَ تي هڪ نظر 152
- جي. ايم. سيد: سنڌن سياسي فڪر جو تجزيو 169

ضميمو: ”جنب گذاريم جن سين“ بابت ”پيچا“ جي ڳالهه 177

# سيد امداد محمد شاهہ

## جي نالي

سَندَڙيانِ سِڳَڙي، ڳالهہ ڳُجهَڙي،
مون ماريندي ڪَڏهِين.

ونءُ اُناءِ اُنَ ڪي، وِهُہ مرَ، ڪَنُ وِڪَڙي،
آرياڻي عبداللطيف چئي، هيءَ مُئا جيارِيندڙي.
(شاهہ، رامڪلي 1)

# پيش لفظ

سائين جي. ايم. سيد ۽ محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي سجاڳيءَ واري حوالي سان، ويهين صديءَ واريءَ سنڌ جا ٻه باوقار ڪردار آهن، ۽ اهي پنهنجي ذهني پورهيي ۽ فڪرانگيز صلاحيتن سبب هڪ داستان (Legend) وارو درجو رکن ٿا. ٻنهي شخصن پنهنجي سموري ذهين پونجي سنڌ جي سنوار ۽ سڌار لاءِ صرف پئي ڪئي.

سائين جي. ايم. سيد 1904 ۾ جنم ورتو ۽ محمد ابراهيم جويي سن ڪان ٿوري فاصلي تي لڪي تيرٿ پرسان ڳوٺ آباد ۾ 12 آگسٽ 1915ع تي جنم ورتو.

سائين جي. ايم. سيد ننڍيءَ وهيءَ کان ئي سن ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ عوام ۾ تعليم جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي مسئلن ۽ مونجهارن کي حل ڪرڻ جهڙن سماجي ڪمن ڪرڻ سان پنهنجي عمل جي شروعات ڪري ڏني هئي. جويي صاحب جي حالاتِ زندگيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته ابتدائي تعليم کان پوءِ 1927ع ۾ کين چيچ کان وٺي سندن ڏاڏي سن ۾ آئي سيد صاحب جي حوالي ڪيو، جنهن سن ۾ برپا ڪرايل اي وي اسڪول ۾ کيس داخل ڪرايو. ٻاهرين خطابين ۽ پرائمري اسڪول جي ٻارن لاءِ ديني مدرسي واري قائم ٿيل بورڊنگ هائوس ۾ رهائش جو پڻ انتظام ٿيل هوندو هو. پر سائين جي. ايم. سيد، ننيڙي ابراهيم جي معصوميت کي ڏسندي، سندس ڏاڏي کي صلاح ڏني ته "هن کي بورڊنگ هائوس ۾ نه پر شهر ۾ پنهنجي ڪنهن واقفڪار جي گهر ۾ رهايو." سيد صاحب طرفان ان مشوري منجهان سندن مطلب هو ته معصوم ٻارڙي جي بورڊنگ هائوس واري اوپري ماحول ۾، ذهني نشو نما صحيح طريقي سان ٿي نه سگهندي. ان دور جي پنهنجي معصوميت واري ڪيفيت جو ذڪر ڪندي جويو صاحب پاڻ لکي

سائين جي. ايم. سيد جي اصرار تي جويي صاحب پاران لکيل ۽ پيش ڪيل اهي ٺهراءَ نہ رڳو سائين جي. ايم. سيد ۽ جويو صاحب جي خيالن جي هم آهنگي، ۽ ان وقت واري خاموش سياسي ماحول کي گهربل مقصد ڏانهن موڙڻ وارين ڪيل ڪوشش جو ثبوت آهن پر اهي سنڌ جي سياسي جدوجهد جو اهم ۽ بنيادي باب آهن. ان ڪري انهن ٺهرائن جو هتي بنهہ مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

## ٺهراءُ پهريون: سنڌ متعلق

پهريون ٺهراءُ سنڌ متعلق (On Sind) آهي ان ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ "پاڪستان کي مستحڪم ۽ مضبوط بنائڻو آهي تہ اهو فقط پاڪستان ۾ شامل سمورن صوبن جي رضامندي ۽ رضاڪاران‍ہ تعاون سان ئي ٿي سگهي ٿو." ان سلسلي ۾ مسلم ليگ جو لاهور وارو ٺهراءَ، جنهن کي اڄ قرارداد پاڪستان سڏيو ٿو وڃي ان جا حوالا ڏنا ويا آهن، جنهن ۾ "سمورن صوبن لاءِ خود حڪومت ۽ ڪل - اختيارات" جا حق تسليم ٿيل آهن[1] ان قرارداد ۾ واضح طور لکيو ويو تہ "پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي، پنجابي، بنگالي، بلوچستاني، سرحدي ماڻهو باوجود انهيءَ جي تہ هو سڀئي مسلمان آهن، بين الاقوامي سياست جي سمورن تسليم ٿيل قانونن ۽ اصولن پٽاندر پنهنجو مستقل قومي وجود رکن ٿا." اهڙي قسم جي وضاحت ڪرڻ کان پوءِ مطالبو ڪيو ويو تہ 'مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي هارين جي هيءَ ڪانفرنس اعلان ٿي ڪري تہ سنڌ جا ماڻهو، خاص قوميت جي مالڪ هجڻ جي حيثيت سان، اهو نہ مڃيندڙ ۽ ناقابلِ ترديد حق رکن ٿا تہ:

(الف) هو هر قسم جي ٻاهرينءَ سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي بالادستيءَ کان پنهنجي آزاديءَ جي ماڻڻ ۽ اُن کي محفوظ رکڻ جو اعليٰ مقصد سامهون رکن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن.

(ب) هو هر اهڙي قدم کي رد ڪن ۽ اُن جو مقابلو ڪن، جيڪو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح هنن جي وطن جي علائقائي يا اقتصادي يڪجهتيءَ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو وڃي يا ڪنيو وڃي؛ ۽

(ج) هو پاڪستان ۾ هر شامل قومي اِڪائيءَ سان مرڪز ۾ نمائندگيءَ جي معاملي ۾ برابريءَ جي درجي، ۽ پنهنجي قومي زندگيءَ جي اندروني ۽

گهرو دائري جي حدن اندر پنهنجي ڪل - اختياريت ۽ خود حڪومت جي ماڻن جي دعوا ڪن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن.“

## ٻهراءُ ٻيو: هندو زميندارن جي ڇڏيل زمين بابت

هن ٺهراءَ ۾ مشرقي پنجاب ۽ ڪن ٻين صوبن مان نڪتل پناهگيرن کي، سنڌ جي هندو زميندارن جون زمينون الاٽ ڪرڻ خلاف آواز اٿارڻ، جنهن موجب سڄي زرعي زمين کي قومي ملڪيت قرار ڏيڻ خلاف آواز اٿاريندي ظاهر ڪيو ويو تہ هي، ڪانفرنس ”حڪومت طرفان سنڌ ۾ اُن مسئلي جي سلسلي ۾ جيڪي لڪل ۽ پڌرا اُبتا طريقا ۽ ذريعا اختيار ڪيا ۽ ظلمي انداز سان عمل ۾ آندا پيا وڃن، تن تي پنهنجي وڏي صدمي، بيحد ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿي، ڇو تہ انهن ئي ذريعن ۽ طريقن جي نتيجي ۾ سنڌ جا اصلوڪا هاري زمين تان بيدخل ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ پناهگير ۽ خانہ بدوش بڻجي رهيا آهن ۽ بنايا پيا وڃن.“

## ٽيون ٺهراءُ: سياسي صورتحال

هن ٺهراءَ ۾ ان وقت واري صورتحال جهڙوڪ ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدو ڪرڻ وقت روا رکيل رويي، هندن جي ڇڏيل زمين تان سالن کان آباد ڪندڙ سنڌي هارين جي بي دخليءَ جهڙا مسئلا بيان ڪندي، مطالبو ڪيو ويو تہ سنڌ جي هارين جي ڪانفرنس جو انهيءَ ڪري پختو رايو آهي تہ ”پاڪستان ۾ قوميتن جو مسئلو ۽ ان مان وقت بوقت اٿندڙ ٽڪراءَ جا اسباب، غلط فهميون ۽ اختلاف مارچ 1940 جي پاڪستان ٺهراءَ جي بنياد تي، صلاح مشوري سان ۽ پُرامن طور، فقط انهيءَ راج نيتيءَ ۽ حڪمت عمليءَ سان حل ٿي سگهندا ۽ ٿيڻ گهرجن، جنهن تي عمل ڪندي سوويت يونين پنهنجي قوميتن جي اهڙي ئي بلڪ ان کان وڌيڪ مشڪل مسئلن کي حل ڪري سگهي آهي.“(1)

1951 ۾ جڏهن سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ، (جيڪو پوءِ

---

(1) رتيديري هاري ڪانفرنس وارو سمورو مواد جويي صاحب ڀاران ڪامريڊ حيدر بخش جي شعري ڪليات ”جيئي سنڌ، جيئي سنڌ“ جي اشاعتي محورت جي موقعي تي ورهايل ڪتابچي ”ادب ۽ سياست عوام لاءِ“ تان ورتو ويو.

سنڌي ادبي بورڊ ۾ تبديل ٿيو) جي سيڪريٽريءَ لاءِ ڳولا ٿي رهي هئي، ان وقت سائين جي. ايم. سيد جي نظر نوجوان محمد ابراهيم جويي تي پيئي ۽ سائينءَ جي خاص توجهه سبب ٿي اهو عهدو کيس مليو جڏهن ته ان لاءِ ٻيا ان پايي جا عالم پڻ موجود هئا پر سائين جي.ايم. سيد جي دور رس نظر هن شخص ۾ ٿي گهربل مقصد لاءِ نه رڳو جوش ۽ جذبو، پر ان سان گڏوگڏ محنت، مشقت ۽ اورچائي وارا گڻ نظر آيا. جنهنڪري هن کي ٿي ان عهدي تي آندو ويو. ان عهدي تي جويو صاحب جنهن جوش جذبي سان ڪم ڪيو ۽ نور نچوئيو. ان جي ثابتي نه رڳو نون ليکڪن ۽ ترجمي نگارن جا ڪتاب آهي پر پيرومل مهرچند آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، جهڙن بزرگ اديبن جا ٻيهر شايع ٿيل ڪتاب پڻ ان ڳالهه جا گواهه آهن ته انهن ڪتابن جي صحت ۽ معيار جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جويو صاحب ڪيڏو نه پورهيو ڪيو. خاص طور تي ٻين مترجمن جي ترجمو ڪيل ڪتابن کي معياري بنائڻ لاءِ جويي صاحب جو دل جي جذبي ۽ اندر جي اڪير سان ڪيل پورهيو هڪ يادگار حيثيت جو حامل آهي. سنڌي صورتخطيءَ جو جويو صاحب وڏو ماهر آهي؛ بيهڪ جن نشانيون، اکرن جي زير زبر، واري فن ۾ وڏي مهارت اٿس. بورڊ جي شروعاتي دور ۾ پاڻ ڪيترن ئي ڪتاب جي اصلاح ڪيائين. سندس ان قابليت جي سائين جي. ايم. سيد کي پوريءَ ريت پروڙ هئي، ان ڪري پاڻ پنهنجي ڪتابن شايع ڪرائڻ کان اڳ انهن جي ٻوليءَ جي درستگيءَ لاءِ جويي صاحب کي ڏيکاريندا هئا. اهڙيءَ ريت سائين جي. ايم. سيد جي شروعاتي ڪتابن ”محال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام“ ۽ ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ کان سواءِ، باقي ٻين ڪتابن جي ٻولي ۽ بيهڪ جويي صاحب جن جي محنت جو ئي نتيجو آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ جويي صاحب جا محنت ڪئي ۽ نور نچوئيو، ان جوئي ڪارڻ هو جو، سائين جي. ايم. سيد کي سندس جذبي سان ڪيل پورهيي لاءِ هينئن لکڻو پيو، ”جويي صاحب بورڊ ۾ پگهار جي حيثيت ۾ ڪم نه ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مشنريءَ ۽ هڪ قوم پرست سنڌيءَ طور ڪم ڪيو آهي.“ سنڌي ادبي بورڊ جي فائونڊر ۽ روح روان جا مٿيان لفظ جويي صاحب جي محنت جي ميڃتا ۽ سندس لاءِ وڏو اعزاز آهن. هڪ وقت

وزيراعظم سنڌ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو صدر محمد ايوب کهڙو ۽ سيد صاحب پاڻ نائب صدر هئا. حقيقت اها آهي تہ ”جي. ايم. سيد صحيح معنيٰ ۾ جويي صاحب جو سرپرست هو سو جويو صاحب بورڊ جيئن وڻندو هوس، تيئن هلائيندو هو.“(1) جويي صاحب پاران بورڊ جي ڪمن ڪارين لاءِ ڪيل پورهيي تي سيد صاحب کي ايترو تہ اعتماد هوندو هو، جو سندس رٿا ۽ رايي جي وڏي اهميت هوندي هئي. جويو صاحب تہ هونئن بہ رات ڏينهن ڪم ڪندو هو پر پنهنجي پسند وارن رٿائن جي پورائي لاءِ دل کولي ڪم ڪندو هو. ان ڪري سائين ميران محمد شاهہ (جيڪو بورڊ جو ميمبر هوندو هو) چوندو هو، ”جويو تہ اسان ميمبرن کي ليکي بہ ڪونہ ٿو، خبر ناهي اها ڳالهہ سائين جي. ايم. سيد تائين ڪيئن پهتي. پاڻ جواب ۾ چيائين تہ ”جويو معنيٰ بورڊ“(2)

محترم سراج الحق جويي صاحب جي وطن پرستيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ”وطن، پرستي، ابراهيم جويي جو مذهب آهي ۽ مذهبن ۾ ’شرڪ‘ ڪبيرو گناهہ آهي“(3) برابر اها ڪبيري گناهہ جي وطن پرستيءَ واري واٽ ئي هئي جا جويي صاحب کي سچي زندگي سائين جي. ايم. سيد جو ساٿ نباهڻ لاءِ اتساهيندي رهي، ۽ اهي وطن پرستيءَ وارا ويچار ئي هئا جن هنن ٻن بزرگ هستين کي هڪٻئي سان ونڊر وارن ولين جيئن وچڙائي، ويڙهي سيڙهي، اڻٽ ناتي سان سلهاڙيو پئي رکيو. جويو صاحب هونئن تہ هر وطن پرست شخص سان محبت ونڊيندڙ ۽ ساٿ ڏيندڙ پئي رهيو آهي پر سائين جي. ايم. سيد سان سندس لاڳاپن جو انداز ئي نرالو پئي هو، جنهن سان هن عشق ۽ اُڪير واري جذبي سان ساٿ پئي نباهيو.

جويي صاحب جي ان انداز سيد کي ايترو تہ اعتماد ۾ ورتو، جو سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب جي وياڪرڻي تبديلي، ترتيب ۽ ڪن حالتن ۾ تصحيح جو پڻ جڻ تہ اختيار کيس ڏيئي ڇڏيندو هو. سيد صاحب پاران جويي

---

(1) اگرو، غلام رباني ”مون سي ڏنا ماءِ“ (ھ) سباجهو ساجهہ وند محمد براهيم جويو. ڇاپو پهريون، حيدرآباد: مالڪ موتي تنظيم 2003 ص 224

(2) ساڳيو حوالو.

(3) سراج، ميمڻ. ”ڪو ڪو مالهو موتيءَ داڻو“ (ھ) ساڳيو ڪتاب ص 164

صاحب لاءِ اهڙو شفيقانہ انداز ۽ جوبي صاحب پاران سيد لاءِ پيار ۽ پاٻوهہ ۽ ان جي سِرَسيتائي سان ڪيل پورهيو ٿي هُيو، جنهنڪري ڪيترن سيد جي فڪر مخالف مائهن مخالفت جو نئون انداز اختيار ڪندي اهو چوڻ شروع ڪيو تہ، سيد جي نالي ۾ ڇپيل ڪيترا ڪتاب سيد جا نہ پر جوبي صاحب (جنهن لاءِ "اڪثر" لفظ استعمال ڪيو پئي ويو آهي) جا لکيل آهن.

پر اها ڳالهہ حقيقت جي بنهہ خلاف، غلط، بي بنياد ۽ محض پروپيگنڊا ٿي آهي. ان ڳالهہ جو سڀ کان وڏو ثبوت سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود سندن قلمي ڪتابن جا اهي نسخا آهن جيڪي تصحيح ٿيل صورت ۾ اڄ بہ موجود آهن. ان ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ هتي ان سلسلي ۾ سيد صاحب پاران ڪتابن جي اشاعتي مسودي تيار ڪرائڻ وارن مرحلن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو.

سائين جي. ايم. سيد ڪنهن موضوع تي لکڻ لاءِ پهريائين نوٽس وٺندو هو. انهن نوٽس جي روشنيءَ ۾ مواد جي ڪاپي تيار ٿيندي هئي. ان تيار ٿيل مواد جي پهرين پڙهٽي ڪري، ان جون بہ ٽي ڪاپيون (ٻين ڪان) لکرايون ويندڙيون هيون. بعد ۾ پاڻ ئي ان مواد جي ٻي پڙهٽي ڪندا هئا، ان ۾ جيڪي سڌارا ڪبا هئا انهن جي بنيادِ تي مسودي جي ٽين ڪاپي ٺهندي هئي ۽ پوءِ اها فيئر ٿيل ڪاپي جوبي صاحب يا ڪڏهن ڪڏهن ڪن ٻين ڏانهن بہ ويندي هئي. ان ڪاپيءَ ۾ جا اصلاح ٿيندي هئي ان جي روشنيءَ ۾ پريس ڪاپي تيار ٿيندي هئي. سائين جي. ايم. سيد جي اها خوبي هئي تہ پاڻ پنهنجي مواد جون سموريون ڪاپيون سنڀالي رکندا آيا. خوش قسمتيءَ سان اڄ بہ سائينءَ جن جي لائبريريءَ ۾ جوبي صاحب جا تصحيح ٿيل هٿ اکر، ڪيترن ڪتابن جا نسخا سلامت رکيا آهن. ان ڪري جوبي صاحب لاءِ سائين جي. ايم. سيد جي مخالفن پاران اهو ظاهر ڪرڻ تہ سائين جي. ايم. سيد جا ڪي ڪتاب غالباً جوبي صاحب لکيا پر سيد جي نالي سان ڇپيا، بنهہ غلط ۽ بي بنياد الزام کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. البتہ اها ڳالهہ آهي تہ ڪتابن مٿان نظرثانيءَ دوران جوبي صاحب جي راءِ سيد صاحب پسند ڪندو هو ۽ ان کي اهميت ڏيندو هو. ايتري قدر جو سيد صاحب جي اڪثر ڪتاب جا عنوان Title بہ جوبي صاحب جا چونڊيل ۽ منتخب ڪيل آهن ۽ اهي عنوان بہ اهڙا

جيڪي مواد ۽ موضوع کي نظر ۾ رکندي، انتهائي موزن جهڙوڪ سون تي سهاڳو ۽ منڊيءَ تي ٽڪ جهڙي سگهجن ٿا.

اهڙن ڪتابن جا ڪجهه مثال هيٺ پيش ڪن ٿا:

1- اسلام جا ٻه تعبير = جيئڻ ڏنو آهه مون

2- مشاهير سنڌ = جنب گذاريم جن سين

3- مشاهير هند = جديد سياست جا نَوَرتن

4- شهيدان سنڌ = سنڌ جا سورما

5- مشاهير عالم = جديد عالمي سياست

سيد صاحب جي ڪتابن جي صحت سڌارڻ ۽ عنوان طئه ڪرڻ واري حوالي سان اهو پڻ ذڪر ڪبو هلجي ته سائين جي. ايم. سيد جو ڪتاب "جنب گذريم جن سين" مهراڻ رسالي جي مشاهير نمبر طور شايع ٿيڻو هو. جاڪاڻ ته سيد صاحب نظر بند هئڻ واريءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي، جويي صاحب کي مواد موڪلڻ وقت اهڙو اشارو به ڪيو هو. (ڏسو خط 5-2-64) جاڪاڻ ته سيد صاحب ڪنهن به حوالي سان مواد شايع ٿيڻ جي حق ۾ هو. پر جويي صاحب، سيد صاحب جي ڪيل محنت ۽ ڪتاب جي مستقل اهميت ۽ افاديت کي نظر ۾ رکندي، مهراڻ جي نمبر طور ظاهر ڪرڻ بجاءِ، ذاتي دلچسپي وٺي اهو مواد، سيد جي ئي نالي سان هڪ عاليشان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو، جيڪو سنڌي ادب ۾ ڪلاسڪ واري حيثيت رکي ٿو. سيد صاحب جي ڪتابن جي نوڪ پلڪ درست ڪرڻ ۽ وياڪرڻي سڌاري وارين ڳالهين کي ته سيد صاحب پاڻ گهريو ٿي. ان سلسلي ۾ جويي صاحب سيد صاحب کي جيڪي خط لکيا، اهي پاڻ جيئن جو تيئن شايع ڪرائي ڇڏيائون. اهي ساڳيا خط هن مجموعي ۾ پڻ شامل آهن. سيد صاحب سان جويي صاحب جي ذاتي ويجهڙائپ جو مثال، 30 اپريل 1968ع واري ڪوهاٽ مان لکيل خط مان ملي ٿو، جنهن ۾ جهيو صاحب کين پنهنجي حيدرآباد ۾ رهائش پذير گهر ياتين لاءِ گذارش ڪندي لکي ٿو "اوهان کي اتان جي معاملن جي پارت هجي. منور کان وقت بوقت ماڻهو موڪلي، حال احوال وٺندا ڪريو. ۽ کين ڪا تڪليف يا ڪا ڳالهه درپيش هجي ته اُن جو وسان تدارڪ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا." مقصد واريءَ ڳالهه جي، اشاعت هيٺ

اچڻ واري حوالي سان، پنهنجي نالي ۽ شهرت کي اهميت نہ ڏيڻ پر اصل ڳالهہ کي وڌيڪ اهم سمجهڻ واري ڳالهہ. هن پنهنجي بزرگن ۾ يڪسان نظر اچي ٿي. بلڪ انهن چئجي تہ اهو سبق جويي صاحب جهڙي عالم بہ سائين جي. ايم. سيد جي صحبت منجهان ئي پرايو. مثال طور، اها ڳالهہ عالم آشڪار آهي تہ "ون يونٽ واري دور ۾ جويي صاحب پس پرده رهي ڪيترا ڪتابڙا ۽ پفليٽ لکيا ۽ مختلف موقعن تي پڌرناما لکي ورهايا، جن ۾ ٻين مائهن جا نالا آيا ۽ اهو نيڪ ڪم محض پنهنجي مقصد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هو سالن جا سال ڪندو رهيو. اهڙو ساڳيو مثال سيد صاحب جي جويي صاحب ڏانهن لکيل هن خطن منجهان ملي ٿو. جيئن تہ سائين جي. ايم. سيد مقصد واريءَ ڳالهہ کي اوليت ڏيندو هو، ان ڪري ڪيس 1967-12-25 ۾ لکيل هڪ خط ۾ لکيو "منهنجي نظربنديءَ ڪري اهي (سيد جا تيار ڪيل) ڪتاب منهنجي نالي ۾ ڇپجي نہ ٿا سگهن، تہ پوءِ هن طرح ڪندا: جيئن ڏنو آهي مون، مصنف ڪوبہ – سنڌي ڪلچر مصنف، مجذوب. سنڌ جي بمبئي کان جدائي جي تحريڪ مصنف "محقق"، سنڌ جي جديد شاعرن جو چونڊ ڪلام مرتب ڪير بہ. "اهڙيءَ ريت سيد صاحب، مواد جي وقت سر اچڻ کي وڌيڪ اهم پئي تصور ڪيو، پوءِ ڀلي اهو ڪنهن جي بہ نالي ۾ ڇو نہ ڇپجي.

مٿين پروگرام هيٺ قومي شاعريءَ وارو مواد ابن حيات پنهور پاران جويي صاحب جي تعاون سان تيار ڪيو ويو. جيڪو ابن حيات پبليڪيشن حيدرآباد 1970ع شايع ڪيو. ڪتاب جي پيش لفظ ۾ پنهور صاحب واضح ڪيو تہ "هن قومي گيتن جي سهيڙپ جو سهرو، محترم جناب جي. ايم. سيد صاحب جي سرتي آهي، جنهن صاحب بزم صوفياءِ سنڌ واري دور ۾ اهو ڪم محترم شيخ اياز، محترم تنوير عباسي، محترم رشيد ڀٽي ۽ منهنجي حوالي ڪيو هو." (1)

ڪٿي پڙهيو اٿم تہ "عشق عجيب نعمت آهي، پر جنهن کي نصيب ٿئي." ۽ اهو عشق جويي کي جڻ تہ ازل کان نصيب ٿيل هو. ويتر جو ٻالپڻ ۾ ئي سيد جهڙي دردمند دل واري، وطن ۽ قوم تان سرگهورَ ڪندڙ مرد مجاهد سان پالو پيس ۽ مٿس سندن شفقت ڀري نظر رهي، تنهن ڪيس عاشقن جي

(1) پنهور ابنِ حيات، قومي گيت؛ ڇاپو پهريون، حيدرآباد؛ ابن حيت پبليڪيشن 1970 ص-2

اتاهين منزل تي پهچائي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت پاڻ ۽ سيد جي صحبت ۾ رهي سچي عمر سنڌ جو عاشق صادق ٿي پيار جو پورهيو ڪندو رهيو. ان ئي حوالي سبب پاڻ سائين جي. ايم. سيد جا پڻ پيار ۽ پاٻوهه ۾ گهڙا پريائين ۽ اجان تائين پريندو رهي ٿو. سچل سرمست سچ چيو آهي تہ "سچو عشق ٻيا نہ ٽيوي توڙي چٽي هو ڏاڙهي" جويي صاحب جنهن جذبي سان ڪالهہ سيد ۽ سنڌ لاءِ آواز بلند ڪيو ۽ لکيو، اڄ بہ ان ئي جذبي، جوش ۽ ولولي سان لکي رهيو آهي. جنهن جو ثبوت هن ئي ڪتاب ۾ سيد جي فڪر جي حوالي سان ويجهڙائيءَ ۾ لکيل ڪجهہ مضمون آهن. سچل سائين عشق ۽ ايمان جي پيٽا ڪندي لکيو آهي؛

ايمان سلامت هرڪو ٿي منگدا، اسين عشق سلامت منگي.
منگن ايمان نہ جاڻ عشق تون، دل حيرت دي وچ ونگي.

ايمان ۽ عشق بہ الڳ الڳ جذبا ۽ عمل آهن. اڪثر ماڻهن جو ايمان جي سلامتيءَ تي زور هوندو آهي. ايمان جي سلامتي يعني پنهنجي ڪيل ڳالهہ تي بيهي رهڻ جي قوت لاءِ ان ڪري ئي چوڻي مشهور آهي تہ "ايمان آ مهمان جنهن وٽ اچي!" اهوئي سبب آهي جو هرڪوئي ان جي سلامتيءَ جو دعاگو هوندو آهي. پر غور ڪري ڏسجي تہ عشق جو مرتبو ايمان ڪان مٿاهون آهي. ڇاڪاڻ تہ بيهي رهڻ ڪان هلندو رهڻ بهتر آهي ۽ عشق اهو اندروني جذبو آهي، جيڪو خاموش ٿي ويهڻ نہ ٿو ڏئي. عشق ڪيئي اڙانگيون واٽون اورانگهڻ ۽ لنبيون لتاڙڻ لاءِ اتساهي ٿو ۽ اڳتي وڌڻ واري همت پيدا ڪرائي ٿو. اهوئي سبب آهي. جو عاشقن سدائين عشق جي سلامتيءَ لاءِ التجائون پئي ڪيون آهن.

عشق تمام، برهہ تمام، وو مَين لوِني يار لوڪو!
مَتِ عقل دِي مُنجهہ ڳتي، آيا عشق امام.
(شاهہ)

جويي صاحب ڪي بہ ٻاروتڻ واري وهيءَ ڪان سيد ۽ سنڌ سان عشق واري جا ڇٽنگ چولي ۾ پيئي آهي سا ڪيس اڄ تائين سڪ سان سمهڻ نہ ڏنو آهي. اهوئي سبب آهي جو ايڏيءَ وڏيءَ عمر هوندي بہ نہ رڳو سنڌ جي حوالي

سان مختلف عنوانن تي اڄ به لکندو رهي ٿو پر سيد صاحب جي ڪيل جدوجهد ۽ فڪري وضاحت لاءِ پڻ ڪيئي مضمون لکيا اٿس. جيڪي سندس پاران سيد صاحب کي لکيل ۽ سيد صاحب پاران لکيل خطن جي هن مجموعي ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جن جي پڙهڻ مان خبر پوي ٿي ته جڏهن سائين جي ايم سيد جي شخصيت توڙي فڪر مٿان هلائون پٽي ٿيون آهن تڏهن جويي صاحب جو قلم ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان جنبش ۾ ضرور آيو آهي.

سيد صاحب سان، جويي صاحب جي خط ڪتابت جو سلسلو 1941 کان ملي ٿو، جيڪو بنهه ذاتي نوعيت وارو نظر اچي ٿو. جويي صاحب جو چوڻ آهي ته پاڻ شاگرديءَ واري دؤر ۾ ڳوٺ جي مسئلن ۽ پنهنجي ذاتي معاملن واري حوالي سان سيد صاحب کي هڪ خط لکيو هئائين پر اهو خط ڪافي ڪوشش جي باوجود هٿ اچي نه سگهيو آهي. جنهنڪري سيد صاحب پاران نومبر 1941 ۾ لکيل خط کي ئي اسين پهريون تصور ڪريون ٿا جنهن منجهان به سيد صاحب جي جويي صاحب سان ذاتي نوعيت واريءَ ويجهڙائپ جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو. سندن اها قربت ئي هئي، جنهنڪري بنهي بزرگن وچ ۾ ٿيل هن لکپڙهه کي پڙهڻ سان سندن وچ ۾ ڪجهه ڳالهين ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي ۽ سائين جي. ايم. سيد جي علمي ۽ اشاعتي سرگرمين جو هڪ باب جيڪو جويي صاحب جي جدوجهد سان وابسته آهي، هن ڪتاب جو ان ۾ نمايان اظهار نظر اچي ٿو. شال جويو صاحب وڏي ڄمار مائي، سيد ۽ سنڌ لاءِ جاکوڙيندو رهي.

طالب العلم
**آزاد قاضي**

ڄامشورو
31 آگسٽ، 2004ع

جي. ايم. سيد

# ميان محمد ابراهيم ولد ميان محمد خان جويو
## (آباد؛ حيدرآباد)

ميان محمد ابراهيم جويو اصل تيرٿ لڪيءَ جي پر ۾ ننڍي ڳوٺ آبادي، تعلقي ڪوٽڙيءَ، جو وينل آهي.

جويا قبيلي جا ماڻهو سنڌ ۾ جيتوڻيڪ ٿورا آهن، پر پنجاب، راجستان ۽ بهاولپور طرف انهن جو تعداد گهڻو آهي. هي راجپوتن جي ڪيچي شاخ جي شجري مطابق، راجپوتن جي 36 ڪلن مان هڪ قبيلو آهي، جي اصل ڏهين قبيلي جي ويجهو، ستلج واديءَ جي پر ۾ رهندا هئا، جتان لڏي مختلف طرفن ۾ ويا. هنن مان ڪيترا اڃا گهرن ۾ سرائڪي بولي ڳالهائيندا آهن.

محمد ابراهيم جو ڏاڏو آخوند محبوب ولد محمد اسماعيل نيڪ مرد، پرهيزگار، سادو ۽ عابد شخص هوندو هو. لڪيءَ وارن سيدن جي زمين سنڀاليندو هو. سيد ميان ولي محمد شاهه جو مٿس پيار هوندو هو. ان کي ٻه فرزند ٿيا: (1) ميان محمد خان، ۽ (2) محمد اسماعيل. ميان محمد خان کي ٻه فرزند ٿيا: (1) محمد عيسيٰ جو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو ۽ (2) محمد ابراهيم.

هن جي جنم جي صحيح تاريخ جو پتو نٿو ملي سگهي. ڳوٺن ۾ داخلا جو پورو انتظام نه آهي. جيڪڏهن اسڪول جي داخلا کي صحيح سمجهيو وڃي ته ان موجب سندس جنم جي تاريخ 12- آگسٽ 1915ع ٺٿي ٿي. هي اڃا ننڍو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو، ۽ ٿوري وقت بعد هن جي والده به گذاري ويئي. ان کان پوءِ هي ڏاڏيءَ جي سنڀال هيٺ رهيو.

ابتدائي تعليم هن آباد جي سنڌي اسڪول ۾ ورتي، جتي فقط چار درجا پاڙهيا ويندا هئا. هن جو پهريون استاد ماستر ٽيڪن مل آراضيءَ (نزد سيوهڻ) وارو هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته هڪ نهايت نيڪ نفس ۽ پَرُاُپڪاري شخص هو. ان ماستر صاحب وٽ چار درجا پڙهي، هو لڪيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. اُتي هو ماستر محمد صالح ٻگهيي، چنيءَ (نزد بوبڪ)

واري وٽ ٻه درجا وڌيڪ پڙهيو. اتان ڇهون درجو پاس ڪري، هي 7- اپريل 1927ع تي اچي، سن اسڪول ۾ داخل ٿيو. آخوند ميان محبوب جو سن جي وينل جمعدار محمد اسماعيل خاصخيليءَ سان دوستانو رستو هو، جنهن جي گهر ۾ هي رهندو هو، ۽ انگريزي اي. وي اسڪول سن ۾ پڙهندو هو. سن ۾ هن ماسٽر فيض محمد ميمڻ وٽ تعليم ورتي، جيڪو منهنجي پنهنجي انگريزيءَ جي استاد جو ننڍو ڀاءُ هو، ۽ هڪ بيحد هوشيار ۽ محنتي استاد ڪري ليکيو ويندو هو. اتان ٽي درجا پاس ڪري 1930ع ڌاري هي ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسه ۾ اچي پڙهڻ ويٺو. سنڌ مدرسه ۾ پڻ ڪيس نهايت لائق استاد نصيب ٿيا. ڪجهه وقت مدرسي جو پرنسيپال ڊاڪٽر دائودپوٽو هو. سنڌس نيڪ استادن مان خاص طرح مولوي ميان عبدالرحيم منگسي، مولوي قاضي عبدالرزاق، مسٽر نهالچند، مسٽر ٽالڪر، مسٽر پگت سنگهه، آغا تاج محمد خان پٺاڻ، آغا سليم صفوي، خان صاحب مريد علي مشهور ۽ مثالي استاد ٿي گذريا آهن. سنڌ مدرسه مان 1934ع ڌاري مئٽرڪ پاس ڪري، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ڪاليج ۾ جن استادن وٽ هو پڙهيو، تن جا مبارڪ نالا هي آهن؛ پرنسيپال پناڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي، پروفيسر ٽي. ايم. آڏواڻي، پروفيسر ايل. ايچ. اجواڻي، پروفيسر اي، ايل، شيخ، ڊاڪٽر ڊيو آرٽ ۽ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند، جن مان هڪ هڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي علمي، ادبي ۽ تعليمي دنيا جو روشن ستارو ليکيو وڃي ٿو، اُتان 1938ع ڌاري هن بي. اي جو امتحان پاس ڪيو.

ڪاليجي تعليم کان پوءِ هو سنڌ مدرسه ۾ ماستريءَ جي نوڪري ڪرڻ لڳو. 1940ع ۾ بمبئيءَ بي. ٽي. پڙهڻ ويو، جتان 1941ع ۾ موٽي آيو. سنڌ مدرسه ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪرڻ بعد، هن هڪ ڪتاب ”سيو سِنڌ، سيوِ دي ڪانٽيننٽ“ انگريزيءَ ۾ لکيو، جنهن تي سنڌ مدرسه جي پريزيڊنٽ پير ميان الاهي بخش صاحب هن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ، هن کي نئين ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ 1948ع ۾ نوڪري ملي. اهو اسڪول پوءِ سنڌ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ آندو ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ 1939ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ بدلي ٿي، حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ آيو.

1951ع ۾ جڏهن آغا غلام نبي خان پٺاڻ جي دور وزارت ۾ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي نئين سر تنظيم ڪئي ويئي، تہ هن کي گهرائي اُن جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي هي فيبروري 1961ع تائين رهندو آيو. ان عرصي ۾ هن سنڌي زبان ۽ ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪيو. انتظامي ذميدارين کان علاوه بورڊ جي ڇپرائڻ کي عملي جامو پهرائڻ، ڇپجندڙ ڪتابن کي نظر مان ڪڍڻ، ويندي پروفن تپاسڻ جي ڪم تائين هن نظرداري ڪئي. هن ڪجهہ وقت رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽري بہ ڪئي. سنڌي ادب لاءِ هن اهو مِشنري جذبو ڏيکاريو آهي. جهڙو ڊاڪٽر عبدالحق اردو ادب لاءِ ڏيکاريو هو. پهرين ائن سالن ۾ بورڊ، جو ڪم ڏيکاريو، اهڙو شايد پاڪستان يا هندستان جي ٻئي ڪنهن بہ اداري مشڪل ڪيو هوندو. پوءِ جيڪڏهن بورڊ جي ڪم جي رفتار اڳئين کان گهٽ رهي آهي، تہ ان لاءِ ڪيتريون ڳالهيون جوابدار هيون، جن جي درستي هن جي طاقت کان ٻاهر هئي، جهڙوڪ (1) ون يونٽ ٿيڻ ڪري مغربي پاڪستان طرفان بورڊ جي آئين کي بدلائڻ ۽ گرانٽن جو گهٽجڻ، (2) مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي تشڪيل جو بدلجڻ ۽ (3) ڪيترن سنڌي اديبن جو انتقال ڪرڻ. بورڊ جي ڪم ۾ پوءِ جيڪا ڍلائي آئي ان ۾ هن جي صرف هيءَ خامي چئي سگهجي ٿي تہ حد کان وڌيڪ ڪم ڪري، هن پنهنجي صحت کي هڪ طرف نقصان پهچايو، ۽ پاڻ کي حسد جو نشانو ٻئي طرف بڻايو. 1961ع ۾ بورڊ جون حالتون سازگار نہ ڏسي، هي وري سرڪاري نوڪريءَ ڏي موٽي ويو. ڪانئس پوءِ بورڊ جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ مختلف صاحبن ڪوشش ورتي، پر حالتون معمول تي اچي نہ سگهيون، ان ڪري وري بورڊ طرفان حڪومت کي هن جي خدمات ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ويو، ۽ 1963ع ۾ هن اعزازي طور وري اچي چارج ورتي، پر هن دفعي بورڊ جي ڪم کان سواءِ ٻيو سرڪاري ڪم بہ ڪيس ڪرڻو پيو. هن وقت اِن طرح هو بورڊ جي ڪم جي سنڀال اعزازي طور ڪري رهيو آهي.

ادارن کي ترقي وٺائڻ لاءِ چند شخصن جي مِشنري جذبي سان گڏ حالات جو سازگار هئڻ بہ ضروري آهي. اهو سوال هن ۽ ٻين سنڌي ادب جي

خيرخواهن جي طاقت کان حال متي پيو ڏسجي. اميد لاهڻي نہ آهي. ممڪن آهي تہ ڪڏهن واءُ سڻاوا لڳن ۽ حالتون درست ٿي وڃن.

منهنجي سائس واقفيت سندس سن ۾ پڙهڻ جي وقت کان ٿي. هي ننڍي هوندي کان ئي ٿور – ڳالهائو، نيڪ طبع، شريف النفس ۽ صالح پٽي رهيو آهي. اڪثر ٻارن وانگر هي رلڻ کان پاسي هوندو هو. پڙهڻ تي گهڻو شوق هوندو هوس. سندس ساري تعليم هن جي محنت، مزدوريءَ ۽ اڻ ٿڪ ڪوششن جو نتيجو آهي. ماڻٽن جي غربت ڪري هن کي پڙهڻ لاءِ ٿوري مدد ملندي هئي، ان ڪري سموريءَ تعليم جو مدار مقابلي جي امتحانن ۾ اسڪالرشپن کڻڻ ۽ خانگي پڙهائيءَ مان پيسي حاصل ڪرڻ تي رهيس. هن درسي تعليم سان گڏ وڏيڪ علمي مطالعو بہ جاري رکيو. سائس اڪثر پيو ملڻ ٿيندو هو، ليڪن سندس ذاتي صلاحيت جو خودمون کي بہ پتو تڏهين پيو جڏهن هن "سيوِ سنڌ، سيوِ دي ڪانٽيننٽ" ڇپائي پڌرو ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ لاءِ جڏهن ڳولا ڪئي ويئي، تہ ڊاڪٽر بلوچ ۽ هن جا ٺالا بورڊ جي سامهون آيا. ڊاڪٽر بلوچ پگهار جي گهٽ هئڻ ڪري نہ آيو؛ آخر قرعہ فال وڃي هن تي پيئي. هن اميدن کان وڌيڪ ڪاميابي ڏيکاري. بورڊ ۾ هن پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم نہ ڪيو آهي، بلڪ سنڌي زبان جي مِشنريءَ ۽ هڪ قوم پرست سنڌي خادم طور ڪم ڪيو آهي.

اجڪلهہ جي ڪيترن نوجوانن وانگر، هن تي بہ حڪمرانً طبقي جي ملڪي معاملن سان بي توجهيءَ، مذهب جي نالي جي غلط استعمال ۽ غريب عوام سان ناانصافين رد عمل پيدا ڪري، اونهي غور ڪرڻ لاءِ موقعو ڏنو. اهڙيءَ حالت ۾ اڪثر نوجوان توازن وڃائي، انتها پسندي اختيار ڪندا آهن. ليڪن هِن، باوجود صفراوي طبيعت جي، اعتدال کي هٿان نہ ڇڏيو آهي، ۽ سياسي ۽ اقتصادي ڳالهين ۾ متوازن نقطہ نگاهہ قائم رکيو اٿس.

بدقسمتيءَ سان برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ ملڪي معاملن ۾ انتها پسنديءَ جي زور ورڻ ڪري، رجعت پسندي ۽ ڪٽر فرقہ پرست گروهن هن کي ڪميونسٽ پٽي سمجهيو آهي، تہ ٻئي طرف انتها پسند اشتراڪي هن کي "رويزنسٽ" سمجهي رهيا آهن.

مون کي سائس ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جنهن ڪري سندس خوبين سان گڏ خامين مان بہ واقف آهيان، خامين کان دنيا ۾ ڪوبہ خالي نہ آهي. هن ۾ بہ آهن، پر اُن لاءِ هن جي بنيادي طبيعت، ماحولِ جي ناسازگاري ۽ سندس مخالفن جي مخالفت جي شدت جوابدار ٺهرائي سگهجن ٿيون. طبيعت جو صفراوي هئڻ، حد کان وڌيڪ محنت ڪرڻ، هڪ ئي وقت گهڻن ڪمن کي هٿ ۾ ڪڻڻ، تفريح ۽ آرام لاءِ پورو وقت نہ بچائڻ، خانگي زندگيءَ جا مسئلا وغيره سندس طبيعت تي اثرانداز ٿيڻ کان رهي نہ سگهيا آهن. پر ان جي باوجود هن جون خوبيون سندس ڪوتاهين کي سج وانگر ڇپائي بيٺيون آهن.

هن هيٺيان ڪتاب لکيا آهن: (1) سيوِ سنڌ، سيو دي ڪانٽيننٽ (انگريزي) (2) ايملي عرف تعليم (روسو جي مشهور ڪتاب جي چونڊ حصي جو ترجمو)، ليڪن سندس علمي معيار انهن ڪتابن تي ئي پرکڻ بي انصافي ٿيندي. "مهراڻ" جا ڪيترا ايڊيشن، سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب، بلڪ منهنجا ڪيترا لکيل ڪتاب سندس قلم جا ممنون منت آهن.

هن بہ شاديون ڪيون آهن– پهرينءَ جي گذر ڪري وڃڻ بعد ٻي ڪئي اٿس. ڪيس چار پٽ بہ نيائيون آهن. سندس پٽن جا نالا هي آهن: (1) منور (2) مظفر (3) محبوب ۽ (4) منصور.

محمد ابراهيم جويو

# سندم سات ذٽي، سائين جي. ايم. سيد

سائين جي. ايم. سيد سان منهنجو سڄيءَ زندگيءَ جو سنبنڌ رهيو آهي. مون کي پاليو ۽ نپايو منهنجن مائٽن، پر مون جو ڪجھ پرايو ۽ ان پراپت مان آءٌ جيڪي ڪجھ بنيس، تنهن لاءِ آءٌ سائين جي. ايم. سيد جو شڪر گذار آهيان.

سائين جي. ايم. سيد جو ڳوٺ سن آهي، ۽ آءٌ ان کان ويهارو ميل پري هڪڙي ننڍڙي واهڻ "آباد" ۾ ڄائو هوس. منهنجو پيءُ ته منهنجيءَ گهٽي سانير کان اڳ ئي گذاري ويو هو، ۽ منهنجي ماءُ به پوءِ وڃڙي ويئي، پر منهنجو ڏاڏو ۽ ڏاڏي حيات هئا، جن مون کي ماءُ پيءُ جو پيار ڏنو. منهنجو ڏاڏو هڪ جامڙد، ڏاهو ۽ خوددار شخص هو، پنهنجو راڄ توڙي آسپاس جا راڄ هن جو ڏاڏو لحاظ رکندا هئا. جڏهن مان 58 ورهين جو اڄي ٿيو آهيان. جڏهن ڳوٺ ويندو آهيان يا پنجاهه سٺ ڪوهن تي ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ پنهنجن ڪن مائٽائن واقفڪارن وٽ وڃڻ ٿيندو اٿم، ته اتي مون کي سڀيئي منهنجي ڏاڏي مرحيات، آخوند محبوب جي نالي پٺيان سڃاڻندا ۽ سڏيندا آهن. مون کي ياد آهي ته آءٌ جڏهن يارهن ورهين کن جو هوس ۽ سنڌي ڇهون درجو پڙهندو هوس، تڏهن اسان کي هر روز ٽي ميل پري، پاسي واري ڳوٺ، تيرٿ لڪيءَ جي اسڪول ۾ سنڌي پڙهڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن ڏاڏو ڪنهن ڪم سان سن ويو ۽ موٽيو ته هڪ اهڙي ڳالهه ڪٺي آيو، جيڪا منهنجي نئين جنم جو سبب بڻي. جيڪڏهن اڄ مون کي اهو معلوم ٿي وڃي ته اهو ڪهڙو ڏينهن هو، جڏهن ڏاڏو سن مان موٽيو هو، ۽ منهنجي نئين جنم جي اها ڳالهه ڪٺي آيو هو، ته اهو ڏينهن آءٌ هوند پنهنجي اصلي جنم جو ڏينهن ڪري هر سال ملهايان.

ڳالهه هيءَ هئي ته سائين جي. ايم. سيد ان سال پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني تعليم جو مدرسو، بورڊنگ هائوس سميت، ۽ سنڌي اسڪول سان گڏ انگريزي تعليم لاءِ اي وي ڪلاس کولايا هئا ۽ جڏهن خبر پيس ته ڏاڏو سن ۾ هو، تڏهن هن کي سڏائي، مدرسي ۽ انگريزي ڪلاسن ۾ پنهنجن ڇوڪرن کي داخل ڪرائڻ جو سخت تاڪيد ڪيائين، آءٌ ڏاڏو هڪ مانيٽو ۽ لچارو ڇوڪرو هوس. پاڻ کي بنهه اڪيلو سمجهندو

هوس. سنڌي پنجين ڪتاب ۾ هڪ آکاڻي "قرب ۽ همدردي" هوندي هئي، جنهن ۾ پاڻ ۽ پيڻ پنهنجي ماءُ جي قبر تي هڪبئي کي آٿت ڏيندي ۽ روئندي ڏيکاريل هئا. اها آکاڻي مون کي ڏاڍي وڻندي هئي ۽ جڏهن به پڙهندو هوس تڏهن پنهنجي منهن روئي ويهندو هوس. جڏهن ڏاڏي گهر ۾ سن جي تئين اسڪول جي ڳالهه ڪئي، تڏهن مان ڏاڍو خوش ٿيس، ۽ هوندئن جو ڏاڏي کان ڊڄندو هوس، سو ڊوڙي وڃي پاڪر وڏو مانس، ڏاڏي ۽ ڏاڏو ۽ ٻيا سڀ گهر جا ڀاتي حيرت ۾ پئجي ويا. ڏاڏو مون کي پنهنجين ٻانهن ۾ جهلي هڪدم اٿي بيٺو، ۽ ڪيس ٻچيءَ ۾ جو منهنجو پاڪر پيل هو، سو آءُ به مٿي لٽڪي پيس! مون کي ياد آهي ته ڏاڏي مون کي پوءِ نرڙ تي مٺيون ڏنيون، ۽ منهنجو پاڪر آهستي ڪري ڇڏائي، پنهنجي پاڪر ۾ مون کي جهلي، هيٺ لاٿائين، ۽ پوءِ مون کي انهيءَ محل پاڻ سان لڪيءَ وٺي ويو، جتي مون کي ڪپڙن جا به وڳا وٺي ڏنائين، درزيءَ کي هيءُ تاڪيد ڪيائين ته قميصون "انگريزي ڪٽ" جون هجن ۽ سٿڻ جا پانئچا "شهري سلائيءَ" وارا تيار ٿين!

هيءُ سال 1927ع جو هو. پوءِ آءُ سن جي انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيس. سائين جي. ايم. سيد وٽ منهنجو ڏاڏو مون کي وٺي ويو، تڏهن مون کي ڏسي، سائينءَ ڏاڏي کي چيو ته "هن کي بورڊنگ هائوس ۾ نه پر شهر ۾ پنهنجي ڪنهن واقفڪار جي گهر ۾ رهايو." اها صلاح شايد ان ڪري سائينءَ مناسب سمجهي جو مون سان به اکر جو ڳالهايائين ته منهنجي ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون، ٻنهه روئڻهارڪو ٿي ويس. ڳالهائڻ ٿي نه اڪلي، مرڳو سرت کان ٿي نڪري ويس. سو سمجهيائون ته هن "ڇوڪرين جهڙي ڇوڪري" لاءِ اجا گهر جي سلامتي ۽ سک ۽ وڏن جو اجهو ۽ ڏيءِ ضروري آهي. آءُ سندن انهيءَ خيال ۽ انهيءَ فيصلي لاءِ، سندن ٻين هزارين مهربانين سان گڏ، سڄي عمر ٿورائتو رهيو آهيان. ڏاڏي مرحوم پوءِ مون کي پنهنجي سينڌ ساڃهه واري سخي مرد، جمعدار اسماعيل خاصخيليءَ جي گهر ۾ رهايو، ۽ سڄا ٽي سال، جيسين ٽي درجا انگريزيءَ جا پڙهي پورا ڪيم، ان گهر ۾ رهيس، سندس گهر واريءَ کي ڏاڏي، پٽن کي ماما، ۽ سڄي انهن جي ويڙهي ۾ ڪنهن کي ڇاچو، ڪنهن کي ادا، ڪنهن کي ماسي، چاچي

۽ نانو، ناني چوندو هوس. جڏهن آءُ پنهنجي ڳوٺ "آباد" ۽ پنهنجي مائٽن جي ويڙهي مان الڳ ٿي ڪونه هوس. ايتريقدر پنهنجائپ ۽ پيار اتي مون کي مليو. اهي ٽي سال جڏهن منهنجي تربيت جا مکيه سال هئا، جن ۾ آءُ پنهنجن پيرن تي بيهي، ڪجهه اڪيلي سر ٻاهرينءَ دنيا کي منهن ڏيئي هلڻ جهڙو ٿيس.

سائين جي. ايم. سيد ان دؤر ۾ ڪراچي ضلعي اسڪول بورڊ جو ميمبر يا چيئرمين هوندو هو، ۽ پوءِ ضلعي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ به ٿيو. پاڻ ان سلسلي ۾ وقت بوقت ڪراچيءَ ويندو هو. جڏهن موٽندو هو، تڏهن گهڻو ڪري پاڻ سان اسان انگريزي پڙهندڙ ڇوڪرن خاص طرح اهي جيڪي مدرسي جي بورڊنگ هائوس ۾ رهندا هئا، تن لاءِ ڪراچيءَ مان ترڪي ٽوپيون، گرم ٽوپ ۽ ڪتاب، نوٽ بڪ، پينسلون ۽ انڊيپنون وٺي ايندو هو، ۽ اچي اسان کي پنهنجن هٿن سان ورهائي ڏيندو هو. مون کي پاڻ هميشه محمد ابراهيم ڪري سڏيندا هئا. ۽ اڄ تائين ان پوري نالي سان مون کي سڏيندا آهن. اسڪول ۾ آءُ هميشه پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر بيهندو هوس، ۽ مدرسي جي فارسيءَ جي تحصيل ۾ مولوي صاحب منهنجي محنت ۽ هوشياريءَ جي ساراهه ڪندو هو. سائين نه رڳو منهنجي پڙهائيءَ بابت پر گهڻو ڪري بورڊنگ هائوس جي سيني شاگردن جي پڙهائيءَ بابت پڇندو هو، ۽ هر ڪلاس مان جنهن جنهن شاگرد جي هوشياريءَ ۽ سٺي نتيجي جي رپورٽ ڪين ملندي هئي تنهن کي سڏي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريندا هئا. اهڙيءَ ريت گهڻو ڪري پنهنجي ڪلاس مان سدائين آءُ سندن انهيءَ مهربانيءَ جو حقدار بڻبو هوس. مدرسي جي بورڊنگ هائوس ۾ هيءَ سندن مجلس هر انهيءَ جمعي نماز کان پوءِ ٿيندي هئي، جڏهن پاڻ سن ۾ موجود هوندا هئا. مدرسي سان گڏ جامع مسجد هئي، ۽ اتي پاڻ جمعي نماز کان پوءِ عام جماعتين جي اڳيان تقرير ڪندا هئا، ۽ پوءِ بورڊنگ هائوس جي هال ۾ اسان شاگردن سان گڏ ويهي ڪچهري ڪندا هئا. پهرين اسان کان سوال پڇندا هئا ۽ پوءِ پاڻ اسان کي ڪراچيءَ جون، اخبارن جون ۽ ڪتابن جون ڳالهيون ۽ انهن بابت پنهنجا خيال ۽ رايا ٻڌائيندا هئا.

مون ٽي درجا انگريزيءَ جا پاس ڪيا، ته سائين جي. ايم. سيد مون کي ڪراچي لوڪل بورڊ جي اسڪالرشپ وٺي ڏني. ۽ پوءِ آءُ

ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ 1931ع ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڏاڏي مرحوم سان گڏجي ڪراچيءَ ويس ته اتي به سائينءَ جن پهرئين ڏينهن مون کي ساڻ وٺي مدرسو گهمائڻ ويا، ۽ ٻئي ڏينهن ڪاغذ ڏيئي پنهنجي خاص ماڻهوءَ سان مون کي مدرسي جي پرنسپال، مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب وٽ موڪليائون، جي ڏاڏي پيار ۽ شفقت سان مون سان مليا، ۽ ائين آءٌ اتي اسڪول ۾ داخل ٿيس.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڏاڏي مرحوم جي زور پرڻ تي، دل تي پٿر رکي، سائين جي. ايم. سيد وٽ حاضر ٿيس ته مون کي ڪا نوڪري وٺرائي ڏين. مون کي مئٽرڪ جي امتحان ۾ دادو ضلعي مان پهريون نمبر بيهڻ تي اسڪالرشپ ملي هئي، تنهن جي کين خبر هئي ۽ منهنجي دلي خواهش جي به کين سڌ هئي ته مون نوڪري ڪرڻ نٿي گهري، پر وڌيڪ پڙهڻ ٿي گهريو. مون جڏهن پنهنجي مجبوري وٽن بيان ڪئي، تڏهن پاڻ مون سان ان ڳالهه تي ڏينهن جا پورا به پهر ويهي ڳالهايائون ۽ همت ڏياريائون ۽ چيائون ته نوڪري ڪنهن به صورت ۾ نه ڪجي، پر، ڪيئن به ڪري، پڙهڻ لاءِ ڪاليج ۾ داخلا وٺجي. پوءِ مون کي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي جي پرنسپال ٻٽائي صاحب ڏانهن چٺي لکي ڏنائون، ۽ جيتوڻيڪ داخلا جون تاريخون گذري چڪيون هيون، پر ان الله جي نيڪ بندي، درويش صفت پرنسپال ٻٽائيءَ مون کي ڪاليج ۾ داخل ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح زندگيءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ وڌيڪ هڪ پيرو مون کي سائين جي. ايم. سيد جي رهبري ۽ مدد نصيب ٿي.

ادبي ۽ علمي دنيا ۾ منهنجو پير، سائين جي. ايم. سيد جي مهربانيءَ ۽ وسيلي سان ٿي پئجي سگهيو. انهيءَ صورت ۾ نه ته مون کي ڪو زور ڪري، پنهنجو سمجهي، ڪنهن وڏيءَ جاءِ تي، خواه مخواه معتبر ڪري آڻي ويهاريائون پر خالص انهيءَ معنيٰ ۾ ته ادب ۽ علم لاءِ اصلي ۽ اٿاهه شوق پاڻ منهنجي دل ۾ پيدا ڪيائون - پنهنجين لکتين پڙهي ٻڌائڻ سان، سنڌي، انگريزي ۽ فارسي ڪتابن مان ادبي شهڪار پڙهي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ سان، ۽ سڀ کان وڌيڪ، ادبي ۽ علمي مسئلن تي دل کولي ۽ تفصيلي طور مون سان ڳالهين ڪرڻ سان، ۽ جڏهن به پنهنجي منهن مون ڪجهه لکيو، ان کي ڌيان سان پڙهي، ان

جي خوبين تي مون کي آفرين ڏيڻ ۽ همٿائڻ سان، ۽ ان جي خامين ۽ ڪمزورين لاءِ پوريءَ ريت سمجهائي ڏيئي، انهن کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ سان. اهڙا شفيق ۽ سياڻا بزرگ، استاد ۽ رهبر زندگيءَ ۾ وڏي ڪنهن نصيب سان ڪنهن کي ملي سگهن ٿا. دراصل آءٌ اها سائين جي. ايم. سيد جي پاڻ تي هڪ وڏي ۾ وڏي عنايت سمجهان ٿو، جو سندن نيڪ نصيحت، منهنجي طبيعت کي اهو رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي، جو فقط نيڪ ۽ لائق ماڻهو ئي مون سان سنگت ۾ ڳنڍجي سگهن ٿا. ڪوتا ۽ نااهل هڪ پيري مون سان ملڻ بعد ازخود مون کان پري ڀڄي ويندا آهن ۽ ائين آءٌ انهن جي شر کان محفوظ ۽ آزار کان بچي ويندو آهيان.

سائين جي. ايم. سيد سان خيالن جي ڪڏهن به منهنجي نااتفاقي نه ٿي آهي. سواءِ ٿورڙي وقت لاءِ هڪ مسئلي جي سلسلي ۾، اهو هو مسلم ليگ جي سياست جو مسئلو، مون کي جيڪا سچ ۽ نيڪيءَ جي شناس ۽ اصل دوستي سندن ئي تربيت وسيلي نصيب ٿي هئي، ان ۾ آءٌ هندن جي خلاف نفرت ۾ دشمنيءَ جي ڪا جاءِ ڏسي نه سگهيس ۽ سائينءَ جي اها مسلم ليگي سياست به ڪجهه ٻه - ٽي سال، ذريعن جي حد تائين مصلحتي سياست طور قائم رهي ۽ پاڻ ان کي ائين ڇڏيائون، جو سندن زندگيءَ جو سچو ڪردار مسلم ليگي سياست جي خلاف، جيڪا دراصل ڪوڙ جي، نفرت جي، ٻيائيءَ جي سياست هئي. ”سر داد نه داد دست در دست يزيد“ جي نوع جي جهاد اڪبر جي هڪ اجهل ۽ اڻموٽ اڳواڻ جي ڪردار طور ئي اڄ پوري برصغير ۾ عمل پيرا آهي ۽ ان ئي صورتءِ حيثيت سان تاريخ ۾ سندن ڪردار ياد رهندو ۽ اهوئي ستيه پريم ۽ ايڪتا يعني حق، محبت ۽ وحدت جي پرورش ۽ علمبرداريءَ جو ڪردار آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ جو، سنڌ جي لافاني ادب ۽ تهذيب جو، سنڌ جي سنتن، اوليائن ۽ درويشن جو ۽ سنڌ جي سمورن صالح ۽ سرويچ سپوتن- اڳين توڙي هاڻوڪن جو ڪردار آهي، ۽ سنڌ جي انهيءَ ئي آفاقي ڪردار جي پوئواريءَ ۾ آءٌ ۽ مون جهڙا ٻيا ڪيئي سنڌ ۽ سنڌ سان گڏ عالم انسانيءَ جا محب ۽ فدائي اڄ سائين جي. ايم. سيد جا ساٿي ۽ ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺا آهن، ۽ ان سندم ساٿ ڏئي سرواڻ ۽ سندس ساٿ تي اسان کي فخر آهي.

1974ع

# خط

(جي. ايم. سيد ۽ محمد ابراهيم جويي جا)

Telegrams: "Shadman"

Telephone: 2738.

Napier Road,

Karachi ________ 194

Sann
24.11.41

No. ________

My dear Md: Ibrahim

Yours to hand.

With regards to Cook you have not mentioned how much pay he will charge and whether he ~~know~~ can prepare double bread and cakes. If he knows preparation of both above mentioned things and asks for reasonable pay he may be sent from 1st Dec: 1941.

2. You can bring battery with you or if any body [illegible] to this side it

Yours Sincerely
G. M. Syed

سن
20-11-41

منهنجا پيارا محمد ابراهيم

ڪجهہ ڏينهن اڳ تنهنجو خط مليو. تو اهو نہ لکيو آهي تہ اوهين هن طرف ڪڏهن ٿا اچو. جڏهن اچو تہ مهرباني ڪري منهنجي بئٽري آڻيندا، جيڪا منهنجي گهر ۾ رکيل آهي.(1) اها پهرين چارج ڪرائيندا جيڪا صرف 2 روپين ۾ ٿيندي.

2- ٿي سگهي تہ سيٺ آسرداس ورندمل M.L.A سان ملندا، جيڪو الوحيد پريس پرسان رهي ٿو. هُن کان پڇجو تہ آءٌ پنهنجي ڦِٽن جي رقم ڪڏهن نوابشاهہ ڪاٽن مرچنٽ وٽان وٺان! ان ڳالهہ کان سيٺ خود پورو واقف آهي.

نيڪ تمنائن سان
تنهنجو مخلص
جي. ايم. سيد

سن
24-11-1941

منهنجا پيارا محمد ابراهيم

تنهنجو خط مليو، بورچيءَ متعلق واقف نہ ڪيو آهي تہ پگهار ڪيترو وٺندو. چا، هو ڊبل روٽي ۽ ڪيڪ بہ ٺاهڻ ڄاڻي ٿو؟ جيڪڏهن اِهي بيٺي تيار ڪري سگهي ٿو، معقول پگهار گهري ٿو، تہ پوءِ پهرين ڊسمبر 1941 کان هنکي ڪم لاءِ موڪلي ڇڏيندا. بئٽري تہ پاڻ سان بہ آڻي سگهو ٿا، يا ڪو هتيڪو ماڻهو ايندو هجي تہ اُن سان ڏياري موڪليندا.

نيڪ تمنائن سان
مُخلص
جي. ايم. سيد

---

(1) ان زماني ۾ سن ۾ لائيٽ جو بندوبست نہ هئڻ ڪري پڙهڻ لاءِ بيٽريءَ جي روشني ڪتي ويندي هئي. "آزاد قاضي"

8- حاجي چانبو بلڊنگ،
برنيس اسٽريٽ، ڪراچي-3
14- مئي، 1947ع

عزيز و محترم شاهہ صاحب!

السلام عليڪم؛ قريب قريب 16 مهينن جي مدت گذري چڪي آهي تہ اوهان جي ملاقات جو شرف حاصل نہ ڪري سگهيو آهيان.

انهيءَ مدت ۾ اسان جي ديس ۾ ڇا ڇا ٿي ۽ ڇا نہ ٿي گذريو آهي، تنهن جي ڄاڻ ۽ تنهن جو احساس اوهان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن کي ٿيو هوندو؟

اڄ جيڪا وقت جي تقاضا آهي، سا، منهنجي ناچيز خيال ۾، هيءَ آهي تہ اسين هيءَ گهر ڪيون تہ اسان کي ۽ اسان جي وطن کي هندستان يا پنجاب جي ماتحت سياسي ۽ اقتصادي غلاميءَ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، تنهن کان اڳ اهو سوال اسان جي ٽسيني ماڻهن کان سوالنامي (Referendum) ذريعي فيصل ڪرايو وڃي. اهڙو سوالنامو سيني بالغن، مردن توڙي عورتن، جي سامهون رکيو وڃي تہ هو پنهنجي راءِ کان دنيا کي واقف ڪن تہ هو (1) هندستان سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا، (2) پنجاب سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا، يا (3) آزاد ۽ خودمختيار رهڻ گهرن ٿا.

اهڙيءَ گهُرَ کي عام ماڻهن جي گهر بنائڻ لاءِ نهايت لازمي آهي تہ فوراً هلچل چالو ڪجي ۽ ايندڙ سال کن جي عرصي ۾ ٻيا سڀ ڪم ڪاريون ڦٽا ڪري، بکون، تڪليفون ۽ ڏک سر تي سهسائي، فقط ان فرض ادائيءَ کي لڳي وڃجي.

حالتون نهايت سازگار آهن. نہ فقط اسان جي پنهنجي ديس جي چؤديواريءَ، پر خود هندستان جي سياسي انتشار ۽ انگريزن جي هندستان جي سياسي مسئلي متعلق پريشانيءَ واري ماحول ۾، اسان جي اها گهُرَ عوام ۾ نهايت تيزيءَ سان ۽ موثر نموني ۾ قبول پوندي.

منهنجو اندازو هيءُ آهي تہ ايندڙ مهيني جي 2 تاريخ جيڪا تجويز انگريزن جي طرفان، اسان جي اڳيان پيش ڪئي ويندي، سا پڻ انهيءَ ئي نوعيت واري هوندي.

اڄڪلهہ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پنجاب جي خلاف ڪافي ناراضپو ڦهلجي چڪو آهي. خود ڪامورن ۽ منشين ۾ پڻ ان ڳالهہ جو خاص احساس

پيدا ٿي چڪو آهي. شاگردن ۾ هيءَ هلچل شدت واريءَ منزل کي پهچي چڪي آهي. خود زميندار طبقو بہ منهنجي خيال ۾ ان ڳالهہ ۾ ان گهُر جي خوش آمديد ڪندو.

انهن سيني ڳالهين کي خيال ۾ رکي، آءٌ سمجهان ٿو تہ هي نهايت ضروري آهي تہ جڏهن اهو وقت اچي، تڏهن اهڙي تحريڪ ۾ اهڙي جماعت ضرور وجود ۾ هجي، جيڪا اسان جي ديس پاين کي صحيح صلاح ۾ سندن سچي رهنمائيءَ جا فرض سرانجام ڏيئي سگهي. تنهنڪري چو نہ ”سنڌ جي عوام جي پارٽي“ يا ”سنڌ سجاڳ جماعت“ جي نالي سان هڪ پارٽي قائم ڪجي، جنهن جي سامهون هڪ خاص انقلابي پروگرام پڻ هجي ۽ جا سنڌ جي آزاديءَ ۽ مطلق خودمختياريءَ جو نعرو بلند ڪري، اسان جي عوام کي پنهنجي طرف جذب ۽ ڪشش ڪندي رهي، تان تہ موقعي اچڻ تي اسين پنهنجي ديس کي ايندڙ آفت کان بچائي سگهون.

آءٌ پنهنجي سر هائي بلڪل تيار آهيان. ٻين سيني ڪمن ڪارين کي ڦٽو ڪري، انهيءَ ڪم کي لڳي وڃڻ لاءِ. منهنجي راءِ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ايندڙ مهينن جي ٿوريءَ مهلت ۾ اسان سنڌين ڪجهہ نہ ڪيو، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ صدها سالن تائين، اسان جي گردنن ۾ غلاميءَ جو طوق جڙجي ۽ مڙهجي ويندو.

زياده خير والسلام

اوهان جو خيرانديش
محمد ابراهيم

– اوهان کي هيءُ ٻڌي خوشي ٿيندي تہ:

1- مون هڪ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مطلق آزاد ۽ خودمختيار درجي جي مائڻ لاءِ، پنهنجي سمجهہ آهر، تبصرو درج ڪيو اٿم.(1) هيءُ ڪتاب پريس ۾ ڇپجي رهيو آهي ۽ هن مهيني جي آخر تائين ظاهر ٿي ويندو.

2- مون کي پُٽ ڄائو آهي، جنهن جو نالو منور رکيو اٿم. الله جي فضل ۽ ڪرم سان هُو نهايت خوش چڱو ڀلو آهي. اڄ کان سندس عمر جو ڇهون مهينو شروع ٿيو.

محمد ابراهيم

(1) اهو اشارو جويي صاحب پنهنجي ڪتاب Save Sindh, Save the continent ڏانهن آهي. "آزاد قاضي"

حيدرآباد سنڌ،
23- فيبروري 1950ع

عزيز و محترم سيد صاحب-

اوهان جو نوازشنامو ڪالھ مليم. منهنجي حوالي ڪيل ڪم، جو مون کان اڄ تائين پورو ٿي نہ سگهيو آهي، تنهن جو رڳو اهو سبب نہ آهي تہ واندڪائي ڪانہ اٿم. حقيقت ۾ اهو ڪو سبب ٿي ڪونهي. پر وڏو سبب هيءُ آهي، جو هن وقت انهيءَ مضمون تي ڪجھ پروسي سان لکڻ جي پاڻ ۾ اهليت ڪين ٿو ساري سگهان. هيءُ مسئلو هن وقت ڪهڙيءَ صورت ۾ اسان جي اڳيان آهي، روز بروز نوان ۽ تازا واقعات، جي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پيا ٿا ٿين ۽ جي هن سوال کي زياده نازڪ ۽ پيچيده بنائيندا ٿا وڃن- تن کان آءٌ بنھ غير واقف آهيان. صحيح ۽ اثرائتي نموني ۾ ڪو ويهي ڪيس تيار ڪجي، تنهن لاءِ جيڪي حقيقتون گهربل آهن ۽ انگ اکر ضروري آهن، سي بہ مون وٽ ڪين آهن، ۽ گذريل ڇئن پنجن مهينن کان اخبارن جي بنھ مطالعي نہ ڪرڻ ڪري، منهنجي موجوده صورتحال سان ڪابہ پروسي جهڙي واقفيت نہ رهي آهي. نہ فقط ايترو پر منهنجو هاڻي هيءُ پختو عقيدو آهي تہ سنڌ جي قوميت جو سوال اڄ محض قومي سطح تي نہ پر طبقاتي سطح تي ئي حل ٿي سگهندو. چاڪاڻ تہ سنڌ توڙي پاڪستان، توڙي هندستان، دنيا جي سياست کان پاڻ کي الڳ سمجهي، هڪ قدم بہ اڳتي يا پوئتي نٿا کڻي سگهن. سنڌ جي مستقل قومي وجود جي فنا يا بقا جو سوال، اصولي طرح اڄ بين الاقوامي سياست جو حصو ٿي چڪو آهي. دنيا جي سياست ۾ اڄ جيڪا بن نظرين جي وڇ ۾ حياتيءَ ۽ موت جي چڪري آهي، تنهن ۾ هڪ نظريي جو مفاد هن ۾ آهي تہ سنڌ جي قومي وجود کي ختم ڪيو وڃي، ۽ ٻئي نظريي جو مفاد هن ۾ آهي تہ سنڌ جي قومي وجود کي تسليم ڪيو وڃي. هيءُ ٻيو نظريو اسان کان اڄ هيءَ تقاضا ٿو ڪري تہ پنهنجي قوميت کي طبقاتي ڪشمش، عوامي سياست ۽ انقلابي دستور العمل معرفت ئي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪريون. ٻئي ڪنهن طريقي سان اها محفوظ هرگز رهي ڪين سگهندي.

The national spirit of Sind can today realise itself not

through "nationalism," but only through militant revolutionary peoples' democracy functioning in close and firm alliance with peoples' World Revolution i.e. with Communism.

منهنجي خيال ۾ اوهان جو رايو بہ اهوئي آهي، پر فرق جيڪڏهن آهي تہ فقط هيءُ تہ اوهين قوميت معرفت انقلاب تائين پهچڻ گهرو ٿا، ۽ آءٌ انقلاب معرفت قوميت کي پائڻ ممڪن ٿو ڄاڻان.

تازو روسي جي "ايميلي" ڪتاب جي چونڊ ۽ اختصار ڪري، مون سنڌيءَ ۾ ڇپايو آهي. هڪ ڪاپي اوهان ڏانهن ڪراچيءَ موڪلي هيم، جا اميد تہ اوهان کي ملي هوندي.

مولانا احمد حسين مدنيءَ جو ڪتاب بہ مون وٽ آهي، جو اميد تہ ڪنهن هٿيڪي ماڻهوءَ هٿ جلد ئي اوهان ڏانهن روانو ڪندس. اوهان پنهنجي انگريزي ڪتاب جو هڪ نسخو مون ڏانهن مهرباني ڪري موڪليو.(2)

زياده خير و السلام
اوهان جو
محمد ابراهيم

ٽريننگ ڪاليج فارمين،
حيدرآباد، سنڌ.
6- جون، 1950ع

عزيز و محترم سيد صاحب

اوهان جي حڪم موجب، ڏيپلائي صاحب سان مليس. هُو صاحب ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار آهي. البت پني جي اڻاٺ سبب، في الحال فقط 1000 يا گهٽي ۾ گهٽو 2000 ڪاپيون ئي ڇپجي سگهنديون. جنهن ڪان اوهان کي واقف ڪرڻ مون ضروري سمجهيو. اوهين هاڻي ڪتاب جو قلمي نسخو جڏهن ممڪن ٿي سگهيو، تڏهن مون ڏانهن ڏياري موڪليندا، تہ اُن جي ڇپائڻ

(1) اهو اشارو مولانا حسين احمد مَدني جي مشهور ڪتاب "مسئلہ قوميت اور اسلام" طرف آهي. جيڪو 1980 کان پوءِ "متحده قوميت اور اسلام" عنوان سان بہ شايع ٿيو. (آزاد قاضي)

(2) سيد صاحب جي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" جو انگريزي ترجمو Struggle for New Sindh.

وغيره جو ڪم جلد شروع ٿي سگهي. ڇپائيءَ جي بيهڪ، نزاڪت، پروف ريڊنگ وغيره تي ڏيپلائي صاحب پاڻ به خاطر خواهه ڌيان ڏيندو، تنهن هوندي به آءٌ پاڻ به انهن ڳالهين کي بلڪل پنهنجو ڪم سمجهي پوري ڪرڻ جو ذمو کڻان ٿو.(1)

اوهين ڪراچيءَ مان پڌو اٿم ته ٿورائي ڏينهن ٿيا ته واپس وريا آهيو. تنهن جي معنيٰ ته اُتي اوهين به چار ڏينهن رهيا هئا. اميد اٿم ته منهنجي ڪيل عرض جي پوئواري اوهان ضرور ڪئي هوندي.

آءٌ پاڻ به اميد ته 15- تاريخ ڪراچيءَ ويندس، ۽ آغا صاحب سان روبرو ملندس. اميد ته تسلي بخش نتيجو نڪرندو.

ٻيو سڀ خير – والسلام

اوهان جو
محمد ابراهيم

حيدرآباد سنڌ،
21- مئي، 1951ع

عزيز و محترم جناب شاهه صاحب

اوهان جي ڪتاب جو مسودو، پنهنجي سمجهه ۽ لياقت موجب، نظر مان ڪڍي، ۽ ان ۾ واجبي درستيون وغيره ڪري، اڄ اوهان ڏانهن واپس موڪلي رهيو آهيان.

فقرن (Paragraphs) جي بيهڪ لاءِ مون ] نشاني استعمال ڪئي آهي؛ ۽ جيڪڏهن فقري جي وچ ۾ اوهان جو لکيل جملو اهڙيءَ طرح بند ڪيو ويو آهي، جنهن مان ائين ڀانئجي ته اُتي فقرو پورو ٿيو آهي ۽ نئون فقرو شروع، ته اهڙيءَ جاءِ تي --> نشاني ڏيئي ڇڏي اٿم، ته اُن جاءِ تي فقرو پورو ٿيل نه سمجهڻ گهرجي، بلڪ ان کي اڃا جاري سمجهڻ گهرجي.

اوهان جي مسودي ۾ خاص طرح دمن جي نشانين ۽ ٻوليءَ جي صحت ۽ چستيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو اٿم. ڪٿي ڪٿي، مطلب کي واضح ڪرڻ خاطر

---

(1) اهو اشارو سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب "پيغام لطيف" طرف آهي. جيڪو محمد عثمان ڏيپلائي صاحب 1953 ۾ شايع ڪيو هو. "آزاد قاضي"

۽ منهنجي طرفان مناسب فقرا يا جملا وڌائي ۽ جيڪي بنهہ غير ضروري هئا، يا هر هر ٿي استعمال ڪيا ويا، تن کي ترڪي ڇڏيو اٿم.

لفظ "هئڻ" کي اوهان "هوڻ"، "پئي" کي "پي"، "هئا" کي "هوا" وغيره، ٻين چند لفظن کي بہ اوهان صحيح صورتخطي نہ ڏني آهي. انهن لفظن کي بہ درست ڪيو اٿم.

هاي ساڪت وارا لفظ مثلاً: عملہ، معاهده، ضابطہ، اوهان اهڙيءَ طرح تا استعمال ڪيو، جو اُنهن جون مختلف صورتون منجهائيندڙ ٿيو ٿيون پون. مثلاً: "ضابطي لاءِ"، "ضابطو رکڻ"، "ضابطا قائم ڪرڻ" – اوهان مڙيئي اهڙيءَ طرح لکو ٿا، جن ۾ لفظ "ضابطي" جي صورت هڪ ئي ٿي رهي، يعني "ضابطہ".

ظاهر آهي ائين لکڻ ڪري سنڌي جملي پڙهڻ ۾ ڪافي دقت ٿي ٿئي.

اميد اٿم تہ اوهين هاڻي جڏهن ٻيهر مسودو پڙهندا تہ اُن تي منهنجي طرفان بہ خاصي محنت ڪيل ڏسندا. باقي اها اوهان کي پسند پوي يا نہ پوي، سو چئي نٿو سگهان.

اميد اهائي اٿم تہ اوهان کي ڪتي بہ ڪا اڻ سهائيندڙ دست درازي مسودي ۾ منهنجي طرفان ٿيل ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي.

اوهان جو
محمد ابراهيم

8-7-1952

سنڌي ادبي بورڊ آفيس
ڪراچي

منهنجا پيارا سيد صاحب

هي خط اوهان جي چوڻ موجب اهو معلوم ڪرڻ لاءِ لکي رهيو آهيان تہ اوهان ڪهڙيءَ تاريخ تي ڪراچيءَ اچي رهيا آهيو. تہ جيئن بورڊ پاران ان جي گڏريل ميٽنگ ۾ "سنڌ جي تاريخ جي رٿا" کي آخري شڪل ڏيڻ بابت جوڙيل سب ڪميٽيءَ جي ميٽنگ رکي سگهجي، جنهن جا اوهين ڪنوينر آهيو. هونئن تہ سب ڪميٽيءَ تي وڌيڪ بہ ميمبر ٿي رکيل آهن، پر جيئن تہ محترم سيد سليمان ندوي ۽ سيد نواب عليءَ جي مشوري سان مڪمل

ڪرڻي آهي، شايد اهو بهتر ٿئي ته انهن کي به سب ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ خاص مدعو ڪيو وڃي. ان ڪري گذارش ٿي ڪجي ته اوهان مهرباني ڪري ان سلسلي ۾ منهنجي وڌيڪ رهنمائي ڪندا.

اوهان جو مخلص
محمد ابراهيم جويو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي-1

سن
15-6-1953

محترم جويو

گنڊريل پيري جڏهن مان توهان سان آفيس ۾ ملڻ آيو هوس. تڏهن توهان مون کي ٻيو سنڌي پرائمري ڪتاب ڏيکاريو هو ۽ ان ۾ ڇپائيءَ جي خامين، پني جي بيڪار نموني، ناڪاره بائينڊنگ ۽ عام گيٽ اپ طرف ڌيان ڇڪايو هو، جيڪو واقعي غير معياري هو. سچ پچ اهو معلوم ڪري مايوسي ٿئي ٿي ته ان قسم جي معيار وارو ريڊر اسين پنهنجي صوبي جي پرائمري اسڪول وارن ٻارن جي هٿن ۾ ڏيئي رهيا آهيون.

اهو ظاهر آهي ته پرائمري ٻوليءَ وارن ڪورسن جي ڪتابن جي هيءَ افسوسناڪ حالت گهڻو ڪري، ٻاهرين خانگي پبلشرن جي سبب ٿي آهي، جيڪي رڳو گورنمينٽ ڪان ساليانو معاوضي وٺڻ ۾ ئي دلچسپي رکن ٿا. عام راءِ اها آهي ته جيترو ممڪن ٿي سگهي اهي ڪانٽريڪٽر، ڪتاب تڪڙا ۽ سستا مهيا ڪن ٿا ۽ اسٽور ڪرڻ رستي ڪتابن جي بليڪ مارڪيٽنگ ڪن ٿا. مون کي ياد ٿو اچي ته بورڊ اڳئين سال سرڪار کي لکيو هو ته اهي ريڊرَ گورنمينٽ پاڻ پنهنجي پريس منجهان شايع ڪرائي. مون کي خبر ناهي ته بورڊ جي ڪتابن بابت بورڊ جي اها سفارش سرڪار تائين پهتي يا نه؟ هاڻ ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته اهو مسئلو وري به بورڊ پنهنجي هٿن ۾ کڻي.

آءٌ چاهيان ٿو ته هيءُ خط بورڊ جي اينڊز ميٽنگ ۾ ان مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ رکيو وڃي. مان ان راءِ جو آهيان ته جڏهن ته بورڊ کي پنهنجي

پريس ۾ بڪ اسٽال بہ آهي تہ جيڪڏهن اهو ڪم بورڊ پنهنجي هٿ ۾ ڪٿي سگهي، تہ اهو اُتي وڌيڪ بهتر نموني سان ٿي سگهي ٿو.

توهان جو مخلص

جي. ايم. سيد

ڪراچي

15-6-1953ع

محترم جناب شاهہ صاحب

السلام عليڪم:

سنڌي پرائمري اسڪولن جي سنڌي ڪتابن جي طباعت ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ انگريزيءَ ۾ ٽائيپ ٿيل خط جون بہ ڪاپيون خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان. مهرباني ڪري هن خط کي پڙهڻ کان پوءِ جي مناسب سمجهو تہ ان جي هڪ ڪاپي صحيح ڪري مون ڏانهن ترت رواني ڪندا تہ جيئن هن سوال کي بورڊ جي آئينده ميٽنگ ۾ پيش ڪري سگهجي.

ڪلهوڙن جي تاريخ متعلق فارسي ۾ قلمي ڪتاب جي باري ۾ خوشخبري هيءَ آهي تہ ڪنهن خاص ذريعي معرفت ان جي نقل ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو اٿم ۽ اميد آهي تہ اهو سمورو ڪتاب 15 ڏينهن کن جي عرصي ۾ اسان کي نقل ٿي ملي ويندو. اهڙيءَ صورتحال پيدا ٿيڻ ڪري مناسب نہ ٿو ڄاڻان تہ انهيءَ معاملي ۾ ڪو ٻيو وڌيڪ قدم کڻجي.

بورڊ جي ميٽنگ اميد آهي تہ جولاءِ جي پهرئين هفتي ۾ ٿي رهي آهي.

زياده خير - والسلام

اوهان جو

محمد ابراهيم جويو

16-6-53

مجيبيم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم: خط پهتو، ليٽر صحيح ڪري موڪليان ٿو، ڪتاب "سنڌ جا مسائل ۽ عوامي محاذ" ڏسي پورو ڪيو هجيئي تہ ڪنهن جي هٿان موڪلي ڏي.

بورڊ جي ميٽنگ ٿي سگهي ته جولاءِ جي ٻئي هفتي ۾ ڪوٺائج.
اميد ته خوش هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

شامل ليٽر جو جواب ٽائيپ ڪري، صحيح ڪري، اسيمبلي آفيس ۾ ڏيئي ڇڏج. اسيمبلي ميمبرن وٽ سنڌ آفيشل گزيٽ اينڊڙ آهي. ٻين سيني وٽ اچي ٿي، مون وٽ ڪانه ٿي اچي، سو اِتي آفيس ۾ چئج ته موڪلڻ جو انتظام ڪن.

ڪراچي
1-11-1955

محترم سيد صاحب

السلام عليڪم: 12 پائنٽ ٽائيپ جي بدران ڪتاب جي ڇپائي 14 پائنٽ ۾ٿيندي، تنهنڪري 200 صفحن تي تخمينو شايد وڌي 230 صفحن تائين وڃي پهچي. هونئن به ڪجهه ڪاغذ وڌيڪ وٺبو ئي هو. سو 23x18 سائيز (سنگل) ريم 60 خريد ڪجن ته بهتر. سٺ ريمن تي في ريم 6-2-17 روپين جي حساب سان جملي رقم 60-1029 ڏيڻي پوندي، جنهن جو بل خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان. اوهان جا 900 رپيا مون وٽ آهن، باقي 0-6-129 هن بل بابت ۽ پنج روپيا وڌيڪ گدام مان ڪاغذ ڪڍائي الوحيد تائين آڻڻ لاءِ مزوريءَ جا، جملي 0-6-134، مهرباني ڪري ڏياري اماڻيو. 0-6-134 مان به 56 رپيا مون وٽ آهن، باقي 0-6-78 روپيا مهرباني ڪري موڪليندا ته سيائي ڪاغذ واپاريءَ کان ڪنيو وڃي.

ڪاغذ جيڪو خريد ٿا ڪريون تنهن جو نمونو به هن گڏ موڪليان ٿو. اوهين ڏسندا ته اهو نمونو انهيءَ اڇي ڪاغذ جو آهي، جو ميرانجهڙي ڪاغذ کان وڌيڪ پسند ڪيو هوسين.

اوهان جو

ابراهيم جويو

سن (انگريزي)
30-12-55

منهنجا پيارا محمد ابراهيم

امير حيدر شاهہ جي شادي آچر 8 جنوري 1956 تي مقرر ڪئي ويئي آهي. ان موقعي ۾ شرڪت ڪندا تہ آءٌ ٿورائتو رهندس.

اوهان جو پرخلوص

جي. ايم. سيد

حاجي عبدالڪريم ماستر انڙپور جي نوڪريءَ جي ايڪسٽينشن لاءِ ڪاغذ هيٺان سفارش سان آيل آهن. اڳوڻي لائق استادن مان آهي. ان ڪري ان جي مدي وڌائڻ لاءِ اتي انتظام ڪرائيندا.(1)

سن
24-6-56

محبيم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

ايندڙ سيپٽمبر يا آڪٽوبر ڌاري ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ گڏيل ۽ ڌار چونڊن جي فيصلي لاءِ تجويز ايندي، ان بابت هڪ ڪتاب سنڌيءَ ۾ (انگريزي ۽ اردو ۾ ترجمو بہ ٿيندو) گڏيل چونڊن جي فائدي ۾ لکي رهيو آهيان(2) ان لاءِ مون کي هيٺيان ڪتاب گهربل آهن سي ڪيئن بہ ڪري هٿ ڪري يڪدم مون کي سن جي ائڊريس تي موڪليندا تہ مهرباني.

1- پنجاب فسادن جي انڪوائريءَ بابت جسٽس منير جي رپورٽ.

2- پريندرا ڪمار دت جون آئين ساز اسيمبليءَ ۾ مقاصدي ٺهراءَ جي سلسلي ۾ گڏيل چونڊن تي بہ مکيہ تقريرون (آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪاروبار مان رپورٽون)

3- جماعت اسلاميءَ طرفان تازو جدا چونڊن جي فائدي ۾ ڇپايل چوپڙي.

اميد تہ خوش و خورم هوندا. زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

---

(1) مٿيان جملا انگريزي ۾ موڪليل خط نما دعوت نامي جي هيٺان سنڌيءَ ۾ لکيل آهن.
(2) مٿي ذڪر ڪيل موضوع تي سيد صاحب هڪ چوپڙي "مخلوط و جداگانہ انتخاب ڪا مسئلہ" لکي، جيڪا پوءِ "چونڊ سياسي مضمون" ڪتاب ۾ شامل ڪئي ويئي. "آزاد قاضي"

سن
22-10-56

محبيم محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

معاف ڪجئين توکي وقت بہ وقت تڪليف ٿي ڏجي. لاهور مان آزاد پاڪستان پارٽيءَ وارن نئين نئشنل پارٽيءَ جي مجوزه دستور العمل جون 50 ڪاپيون موڪلڻ جو واعدو ڪيو هو. ليڪن اڄ تائين هڪ ڪاپي بہ ڪانہ موڪلي اٿن. سرڪيءَ ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمي جو ذمو ڪنيو هو، اهو بہ پورو ڪونہ ٿيو. 27 تاريخ پارٽيءَ جي ميٽنگ آهي. آءٌ گهر ۾ بي چاڪائي هئڻ ڪري 27 تاريخ ٻاهران ٿي حيدرآباد وڃڻ جو ارادو رکان ٿو. هتي مون وٽ هڪ بہ ڪاپي دستور العمل جي ڪانهي. مهرباني ڪري گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪاپيون ساري دستور العمل جون ڪرائي، ڪنهن ميٽنگ تي اينڊڙ ماڻهو هٿ اهي ڪاپيون ڏياري موڪليندا، نہ تہ جيتوڻيڪ گڏ دستور العمل تي غور ڪرڻ لاءِ ٿينداسون پر هڪ ڪاپي بہ سامهون نہ هوندي.

باده خير والسلام:

غلام مرتضيٰ

2-12-1956

آفيس سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ (انگريزي)

ڪراچي

منهنجا پيارا سيد صاحب

اوهان کي معلوم آهي تہ مولانا غلام رسول مهر اڄ ڪلهہ بورڊ جي "تاريخ سنڌ رٿا" جي بن حصن (ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور) لکڻ ۾ مصروف آهي. مولانا صاحب ٻاران ڪلهوڙا دور تي ڪم اڳ ئي مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ هاڻ اهو سندن نظرثانيءَ هيٺ آهي. انهن ڪتابن تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾، بورڊ مولانا مهر کي حوالن طور ڪتاب ۽ قلمي نسخا ڏنا هئا. اهو مواد وٺائڻ واپس نہ ٿيو آهي. مون مولانا کي اڳواٽ ئي لکيو آهي تہ هو، اوهان جي هن پيري لاهور جي دوري وقت، اهو مواد اوهان جي حوالي ڪري. اوهان کي گذارش تي ڪجي تہ مهرباني ڪري مولانا صاحب سان رابطو ڪندا ۽ بورڊ طرفان

اهو علمي مخطوطن وارو مواد حاصل ڪري ڪراچيءَ ڪنيو اچجو. مواد جي اهميت پربي ۽ ناياب هئڻ جي مدنظر ان جي حفاظت کي يقيني بنائڻ لاءِ، اهو طريقهء ڪار، مولانا مهر پاران سنڌيءَ طرح ٽپال ۾ يا ريل پارسل رستي موڪلڻ کان وڌيڪ بهتر سمجهجي ٿو.

نيڪ تمنائن سان

اوهان جو مخلص

محمد ابراهيم جويو

سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ

24 جنوري 1957ع

محترم سيد صاحب

السلام عليڪم:

بورڊ جي گرانٽن متعلق جيڪي ڪاغذ لاهور موڪليل آهن، تن جون ڪاپيون هن لفافي ۾ موڪليان ٿو. گرانٽ ٻن قسمن جو آهي: ساليانو گرانٽ هڪ لک روپين جو، ۽ ٻيو هڪ سماهي گرانٽ ڏهن لکن جو- مهرباني ڪري انهن گرانٽن جي پوئواري ڪندا.

امید ته اوهين هر طرح خيريت سان هوندا.

اوهان جو،

محمد ابراهيم

سن

20-4-57

محبيم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

هڪ خط حيدرآباد ائڊريس تي موڪليو اٿم جو اميد ته پهتو هوندو، جنهن ۾ دنيا جي امن ڪانفرنس لاءِ نالا ڏنل آهن. جي اهو خط اڃا نه موڪليو هجيئي ته ان ۾ وڌيڪ ميران محمد شاهه ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جا نالا هنن کان پڇي ڏيئي ڇڏج.

اميد ته خوش و خورم هوندين.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

23 اپريل 1957ع

محترم سيد صاحب

اوهان جو حيدرآباد جي ائڊريس تي موڪليل خط ۽ پڻ هتي ڪراچيءَ جي ائڊريس تي موڪليل نوازشنامو، ٻيئي مليم.

اڄ حڪم مطابق خط ٽائيپ ڪرائي، ايئرميل ذريعي برلن روانو ڪيو اٿم. ان جي ڪاپي، ۽ اُتان آيل اصل خط هن سان گڏ موڪليان ٿو.

اسين پنهنجي آفيس سياڻي 24- تاريخ هن بلڊنگ مان ڪڍي، آڳي قدم پريس ۾ ڏيڍ مهيني لاءِ وڃي ويهنداسين. گهڻو فرنيچر، ڪتاب ۽ ٻيو سامان هتي ئي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري رکي ڇڏيو اٿئون. وري شايد 15 جون جي موٽي هن بلڊنگ ۾ اچڻ ٿيندو.(1)

آءٌ پهرين تاريخ مئي جي حيدرآباد ويندس، جتان ائين تاريخ واپس موٽندس. ڏهين مئي جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رکي اٿم. اميد تہ اها تاريخ اوهان کي سهوليت پري معلوم ٿيندي.

حسام الدين اڄ ڳوٺان هتي پهتو آهي، اڃا مون سان مليو نہ آهي. البت ڳوٺان لکي موڪليو هئائين تہ هاڻ اسان کي پنهنجي آفيس لاءِ هڪ سرڪاري بلڊنگ تي ياڙڻ نہ گهرجي. پنهنجي ڪا جڳهہ مسواڙ تي هٿ ڪري، اُتي پنهنجو ڪو ٺڪاڻو قائم ڪرڻ گهرجي.

ميٽنگ ۾ اُن مسئلي تي بہ پاڻهي ڪاميٽي ويچار ڪندي، آءٌ نهايت خيريت سان آهيان.

اميد تہ اوهان جي صحت بحال هوندي، ۽ هر طرح خيريت سان آهيو.

اوهان جو

محمد ابراهيم

---

(1) بغداد پيڪٽ (جنهن ۾ برطانيہ، فرانس پاڪستان ۽ آمريڪا شامل هئا) جي سلسلي ۾ فارين منسٽرس جي ميٽنگ سنڌ اسيمبلي بلڊنگ (اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي، جتي ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن ۽ سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسن پڻ هيون) ۾ ٿيڻي هئي.ان ميٽنگ جي سلسلي ۾ سيڪيورٽي جي خيال کان جوڻي صاحب جي اتي (بورڊ جي آفيس ۾) موجودگيءَ تي، وقت جي CID وارن کي اعتراض هئا. جن ڪين منع نامو ڏنو تہ ميٽنگ وارا ڏينهن اتي آفيس ۾ نہ اچي. ان مسئلي جي حل طور، اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ان عرصي لاءِ بورڊ جي آفيس ٻئي هنڌ منتقل ڪئي وڃي. ان سلسلي جي مٿي ذڪر ڪيل جاڻ سيد صاحب تائين پهچائي وئي. "آزاد قاضي"

14- جنوري 1958ع

محترم سيد صاحب

السلام عليڪم:

روبرو عرض ڪيو هوم ۽ اوهان واعدو ڪيو هو تہ سن پهچي، پنهنجي سوانح تي لکيل اردو ڪتابڙي[1] جي ڪاپي ڏياري موڪليندا. "مهراڻ" جو سوانح نمبر شايع ٿيڻ تي اچي بيٺو آهي؛ ان ۾ اوهان جي سوانح جو شامل ٿيڻ نهايت مناسب ۽ ضروري آهي. مهرباني ڪري انهيءَ ڪتابڙي جي هڪ ڪاپي ٻيءَ سموريءَ معلومات سميت جيڪا انهيءَ سلسلي ۾ اوهان ڏيڻ گهرو، ڏينهن ٻن ۾ ڏياري موڪليندا تہ انهيءَ مواد جي بنياد تي مضمون تيار ڪري "سوانح نمبر" ۾ شايع ڪرائي سگهان.

اميد تہ اوهين هر طرح بخيريت هوندا.

اوهان جو

محمد ابراهيم

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي

13- مارچ، 1958ع

محترم سائين،

السلام عليڪم:

هن گڏ بورڊ جي عمارتن جي سلسلي ۾ جيڪو خط ڊي پي آءِ، لاهور، ڏانهن لکيو اٿم، تنهن جو نقل اوهان جي مطالعي لاءِ موڪليان ٿو.

هن خط ۾ هيٺيون ڳالهيون لکيون اٿم:

1- بورڊ ڏهن ايڪڙن جي زمين، سنڌ يونيورسٽيءَ کان حاصل ڪئي آهي.

2- عمارتن جي ڪل خرچ 20 لک روپيا لڳندو.

3- تعمير جملي 3 سال ڪائيندي.

4- تعمير جي پهرئين مرحلي لاءِ گورنمينٽ بورڊ کي ڏهہ لک روپيا هن سال ڏئي، ۽ باقي رقم ٻن سالن ۾ منظور ڪري.

5- ڪهڙيون ڪهڙيون عمارتون ۽ ڪهڙن ڪهڙن مقصدن لاءِ،

---

(1) اهو اشارو ظفير الاسلام جي لکيل ڪتاب "جي. ايم. سيد اور مسلم ليگ قيادت" طرف آهي. جيڪو مسلم ليگ سان اختلاف کان پوءِ لکيو ويو هو. "آزاد قاضي"

۽ ڪيتريءَ وسعت واريون، بورڊ ڪي تعمير ڪرائيون آهن، انهن جو مختصر تفصيل.

مهرباني ڪري، هن ڪم جي مناسب پوئواري ڪندا. واجب ڄاڻو تہ هيءَ خط، پنهنجي صحيح سان، وڏي وزير ڪي ڏيندا.

اوهان جو،
محمد ابراهيم

مڪرمي جناب محمد ابراهيم جويو صاحب

السلام عليڪم!

عرض تہ جماعت خدام سنڌ Servants of Sind Organisation قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سيني مکيہ ڪارڪنن جي ابتدائي ميٽنگ صبح جو 10 بجي تاريخ 28 مئي 1960ع تي بسنت هال حيدرآباد ۾ سڏائي ويئي آهي.

ان ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سائين جن کي دعوت عرض رکجي ٿي ۽ اميد ٿي ڪجي تہ اوهين براءِ نوازش ٺيڪ وقت، تاريخ ۽ جاءِ تي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي قيمتي مشورن سان اسان جي رهنمائي ڪندا.

نيازمند
نور محمد پليجو
عارضي ڪنوينر "جماعت خدامِ سنڌ"(1)

سن
5-2-64

جناب سيڪريٽري صاحب، سنڌي ادبي بورڊ

السلام عليڪم!

نظربنديءَ جي پابنديءَ، طبيعت جي علالت جا فرصت ۽ فراغت ميسر ڪري ڏني، ان جو فائدو وٺي پٽي پڙهيو ۽ لکيو اٿم. پڙهيل احوال تہ دماغ

---

(1) سائين جي. ايم. سيد ان وقت اها ڪوشش پئي ڪئي تہ "سرونٽس آف انڊيا سوسائٽي" وانگر سنڌ جي خدمت گارن جي هڪ جماعت "خدامِ سنڌ" جي نالي سان قائم ڪرائي، ان جي بنياد تي سنڌ جي ڀلي لاءِ ڪم ڪجي. هي خط ان سلسلي ۾ ارباب نور محمد کان لکرايو ويو هو.

جي دفتر تي محفوظ ٿيندا وڃن. البت لکيل دفترمان ڪجهہ ونڊ ورڇ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ ڪي خريدار هجن. لکيل ٻارهن ڪتابن مان ٻيا تہ مون سان واسطو رکندڙ ڪهاڻيون آهن، سي جيئن تہ انهن جو لکندڙ نظربنديءَ هيٺ آهي تنهنڪري انهن کان آزاد سمجهي نٿو سگهجي. البت انهن مان ٽي ڪتاب اهڙا آهن جن جو مون سان واسطو نہ آهي، بلڪ سنڌي ادب ۽ سوانح جي ڪتابن ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا.

1- سيد ميران محمد شاهہ جا خط (تيار آهي)
2- سنڌ جي 102 مکيہ ماڻهن جي زندگيءَ جو احوال (تيار آهي)
3- ڪافيون شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون (تيار ٿي رهيو آهي)

انهن کي ڇپرائڻ جو خيال اٿم. ادبي بورڊ سان قديم تعلقات ۽ انس هئڻ ڪري اول آڇ انهن کي ڪرڻ مناسب ڄاتيم.

مون کي پتو نہ آهي، ادبي بورڊ کي نيم سرڪاري اداري هئڻ ۽ بدليل ماحول ڪري مون جهڙي ماڻهوءَ جي ذريعي اهڙا بي ضرر ڪتاب بہ ڇپائڻ جي جرئت ٿي سگهندي يا نہ! تنهنڪري لکي پڇان ٿو تہ بورڊ وارن کان پڇي خبر پهچائيندا.

جيڪڏهن بورڊ اهي ڪتاب ڇپائڻ قبولي تہ، هيٺين شرطن تي اهي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندس.

1- انهن جي قبوليت ۾ احوال پهرين اپريل کان اڳ اچڻ گهرجي ۽ ڪتاب 30 جون کان اڳ ڇپجڻ گهرجن.

2- پير حسام الدين شاهہ راشدي انهن جو تعارف لکڻ لاءِ تيار آهي يا نہ؟

3- پهريون ڪتاب سٺي پني ۾ پڪي جلد سان ڇپجڻ گهرجي. تصويرون گليزڊ پيپر تي ڇپيل هونديون.

4- ٻيو ڪتاب "مهراڻ" رسالي جو مشاهير نمبر ڪري ڇپايو وڃي، پر پنو سٺو، جلد پڪو ۽ تصويرون گليزڊ پني تي هجن.

5- ٽيو ڪتاب سٺي پني ۽ پڪي جلد سان ڇپجڻ ضروري آهي.

ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ بورڊ جي ڪاروبار هلائڻ وارن کي جواب ڏيڻ ۾ بعضي تڪليف ٿئي ٿي. ان ڪري 20 ڏينهن ترسندس. جي خط پهچڻ ۽

بورڊ اڳيان رکڻ وغيره بابت احوال نہ آيو تہ سمجهندس تہ اهڙ سڏيءَ طرح انڪار ٿيو آهي يا ڪن سببن ڪري انهن کي.ان ڪم سان دلچسپي نہ آهي. پوءِ آءٌ ٻيو بندوبست ڪندس. جي اتفاقاً بورڊ، خلاف توقع قدم کڻي، ڪتابن کي ڇپائڻ قبول ڪيو، تہ اطلاع ملڻ تي ڪتاب پير حسام الدين شاهہ جي حوالي ڪيا ويندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سن
28-3-66

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

اوهان کي معلوم هوندو، مون تان بندش لٿي آهي. صحت جي غير تسلي بخش، ماحول جي ناسازگاريءَ، عوام جي ناشعوريءَ، خواص جي خود مطلبيءَ ۽ ڪمزوريءَ ڪري سياست ۾ رهڻ نامناسب ڄاڻي سمورو وقت ثقافت جي خدمت لاءِ صرف ڪرڻ جو ارادو ڪيو اٿم. انهيءَ جي سروي ڪرڻ لاءِ قديم ڪلچرل ادارن جو گشت شروع ڪيو اٿم شاهہ صدر رح، قلندر شهباز، مخدوم بلاول تان ٿي آيو آهيان. هاڻ شاهہ ڀٽ، هالا، بلڙي، شاهہ عنايت، ۽ درازن طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو اٿم.

اِنهيءَ وچ ۾ ارادو آهي تہ ڪجهہ تاريخي مواد بہ ڪٺو ڪندو اچان. تنهنڪري هڪ فوٽي گرافر جي ضرورت آهي.(1) منهنجي گشت جو پروگرام هيٺينءَ طرح آهي؛

6-5-4 اپريل حيدرآباد، مٽياري، شاهہ ڀٽ، هالا.
11-10 بلڙي، شاهہ عنايت، وغيره.
19-18-17 درازا ۽ ڏهرڪي وغيره.

ارادو آهي تہ 4 تاريخ صبح 8 بجي نڪري ڪوٽڙي تعلقي جي مکيہ جڳهن جا فوٽا وٺائيندو، 11 بجي حيدرآباد پهچان. پهريون قاضي صاحب(2)

---

(1) مٿي ذڪر ڪيل فوٽو لاءِ فوٽوگرافر جو بندوبست ڪيو ويو ۽ سموري سفر ۾ جويو صاحب پڻ سيد صاحب سان گڏ رهيو. "آزاد قاضي"
(2) علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب.

سان ملي، مرحوم ميران محمد شاهه جي عذرخواهيءَ لاءِ ٻيهرو وٽن ڪريان. اتان شام جو نڪري، رات اچي مٽيارين ۾ رهان. ٻئي ڏينهن صبح جو اتان نڪري، شاهه پڳ تان ٿيندو، هالا ۾ مخدوم صاحب وٽ وڃان. شام جو ياٿوٽ ۾ منهنجي سالي حاجي غلام شاهه جي عذرخواهيءَ لاءِ رات رهندس. 6 تاريخ صبح جو اتان نڪري وري وايا حيدرآباد ڳوٺ پهچندس.

اپريل 10 تاريخ صبح جو سن مان نڪري سعيدپور ايندس جتي ٻيهرو ڪري، شام جو شاهه عنايت جي درگاهه تان ٿي، رات اچي بلڙيءَ رهندس.

ٻئي ڏينهن مير غلام علي خان جي فاتحه خاني ڪري، سرهندي پيرن مان ٿيندو، وري وايا حيدرآباد ڳوٺ پهچندس.

17 تاريخ ڳوٺان نڪري محراب پور، مجيد ڪيريو ڳوٺ، سڪرنڊ مان ٿي نوابشاهه رات رهندس. ٻئي ڏينهن صبح جو اتان نڪري، درازن مان ٿي، روهڙيءَ ٻيهرو ڪبو. شام جو ڏهرڪيءَ مان ٿي، واپس روهڙيءَ ايندس. پوءِ 19 تاريخ، وايہ لاڙڪاڻو، ڳوٺ پهچندس.

آءٌ نهايت شڪار گذار ٿيندس جيڪڏهن اوهان فوٽوگرافر جو بندوبست ڪرائي ڏيندا.

سلام غلام ربانيءَ کي ڏيندا. جواب لاءِ منتظر.

زياده خير و السلام

غلام مرتضيٰ

حيدرآباد سنڌ

10-4-66

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم: سياڻ 11 اپريل 6 بجي شام جو چند ترقي پسند ۽ غير متعصب اديبن ۽ اخبار نويسن کي ملڻ گهران ٿو. نهايت شڪار گذار ٿيندس جيڪڏهن اوهان ڪين ان وقت لاءِ دعوت ڏيئي مون سان يار محمد شاهه جي جاءِ تي ملڻ جو انتظام ڪرائيندا تہ مهرباني.

اميد تہ اوهين ۽ ٻيا دوست انهيءَ موقعي تي ملندا ۽ چاءِ اچي پيئندا.

زياده خير و السلام

غلام مرتضيٰ

سن
14-4-66

جناب من ميان محمد ابراهيم صاحب

السلام عليڪم:

سنڌ جون جملي درگاهون زماني قديم کان مرجع عام ۽ خاص پئي رهيون آهن.

انهن بزرگن سنڌ ڪلچر، اتحاد، امن، اخلاق ۽ اصلاح نفس لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي هئي.

بدقسمتيءَ کان ڪجهہ وقت کان عوام ۽ خاص جو توجهہ اصلي مقصدن کان هٽي، ساليانہ زيارت ۽ تفريح طبعيءَ تائين محدود ٿيندو ويو.

جنهن کي مد نظر رکي، حڪومت کي دست اندازي ڪري ڪيترن درگاهن کي وقف هيٺ آڻي، ثقافتي ميڙن ڪوٺائڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

ليڪن تجربن مان ثابت ٿيو آهي تہ قديم درگاهن جي سجادن جي دخل کي ڪڍي، صرف سرڪاري منتخب ڪيل ڪميٽين مقرر ڪرڻ سبب بہ، حالتون نيڪ ٿي نہ سگهيون آهن. مورڳو اصلي مقصد فوت ٿيڻ لڳا آهن. ان ڪري چند اهل فڪر ۽ مخلص اصحاب جي مشوري بعد اهو طئي ٿيو آهي تہ درگاهہ جي سجادن، اديبن، تعليمي ماهرن ۽ ملڪ جي ٻين خواهن جي مشترڪ مشورن سان جملي درگاهن کي هڪ مرڪزي نظام هيٺ آڻي، انهن کي قديم صحيح مقصدن جي حصول لاءِ مرڪز بنائجي. مون ڪيترن درگاهن جي سجادن سان مشورو ڪيو آهي، جن مان گهڻا انهيءَ تجويز سان متفق آهن. انهيءَ واسطي آءٌ هڪ آئيني مسوده تيار ڪري، صاحب جن جي خدمت ۾ ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. اهو ابتدائي مسودو آهي. ان ۾ ڦيرگهير ٿي سگهي ٿي.

اوهان کي ان لاءِ موڪليان ٿو تہ ان تي غور بعد مناسب ترميمون يا درستيون ڪري، مون ڏي موڪليندا تہ پوءِ سنڌ جي مکيہ سجادن ۽ چند اديبن ۽ ٻين خواهن جي ميٽنگ سڏائي، دستور العمل ٺاهي، انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ عملي قدم کڻجي.

اميد تہ خوش خرم هوندا.

غلام مرتضيٰ

حيدرآباد سنڌ
30-4-1966

محترم سائين!

اوهان جو نوازشنامو تاريخ 14 جو مليم. "بزم صوفياءِ سنڌ" جي مجوزه آئين جو خاڪو سائينءَ جن جو موڪليل پڙهي، ان ۾ ڪي ترميمون اشاري طور عرض رکي، خاڪو واپس خدمت ۾ موڪليان ٿو. اديبن، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي عيوضين لاءِ ساليانه چندي جي ادائگيءَ ۾ انهن جي چونڊ يا نامزدگيءَ جا به مسئلا اهم آهن. اهي ڪيئن حل ٿين. انهن تي پورو ويچار ٿيڻ گهرجي. منهنجو تہ خيال آهي تہ بزم جا بنيادي اٺ ميمبر سنڌ جي ادبي مجلسن، جماعتن ۽ تنظيمن مان، ڪن خاص جي فهرست ٺاهي، انهن کي جماعت تي ميمبرن موڪلڻ لاءِ تسليم ڪن، ۽ انهن ميمبرن لاءِ ساليانه چندي جو شرط بہ نہ رکجي، پر جي رکجي تہ ٿوري گهٽ رقم مقرر ڪجي. ڪاليجن ۽ اسڪولن جي سلسلي ۾ عرض آهي تہ هڪڙا سرڪاري آهن ۽ ٻيا غير سرڪاري ۽ گرانٽ تي هلڻ وارا. بزم صوفياءِ سنڌ تي ميمبريءَ جو حق فقط غير سرڪاري ڪاليجن ۽ اسڪولن کي ڏنو وڃي، ٻيءَ حالت ۾ سرڪار شايد پنهنجن ڪاليجن ۽ اسڪولن کي بزم ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڪانہ ڏيندي.

امید تہ سائين جن خيريت سان هوندا.

والسلام
اوهان جو
محمد ابراهيم جويو

سن
3-5-66

برادرم عزيز ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم: خط پهتو، احوال معلوم ٿيو.

اديبن، ڪاليجن ۽ هاءِ اسڪولن جي نمائندگيءَ لاءِ بزم صوفياءِ (سنڌ) جي بنيادي ميمبرن کي اجازت ڏيڻي پوندي. ان ڪري سرڪار جي اجازت نہ ڏيڻ جي ضرورت ٿي نہ ٿيندي.

هر هڪ ڪاليج، هاءِ اسڪول، هڪ علحده انجمن ناهي، بزم صوفياءِ (سنڌ) کان تسليم ڪرائيندو.

بزم صوفياءِ (سنڌ) جا بنيادي ميمبر هيٺيان زير غور آهن:

1- 8 سجاده نشين درگاهه (آئين ۾ ڄاڻايل)

2- سيد غلام مصطفيٰ شاهه (بشرطيڪ ڪيس ۾ سرڪار کي ان ۾ اعتراض نه هجي)

3- محمد ابراهيم جويو

4- شيخ اياز

5- سيد عطا حسين موسوي

ٻئي به هڪ اڌ ترقي پسند اديب جو انهيءَ بنيادي ميمبرن ۾ اضافو ڪري سگهبو.

آءٌ بزم صوفياءِ (سنڌ) جي ميٽنگ مخدوم صاحب سان ڪراچيءَ ۾ ملڻ بعد اول خير مٺي جي ٽئي هفتي ۾ مقرر ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. آءٌ اول خير سياڻي 4 تاريخ ڪراچيءَ وڃي رهيو آهيان، ٻه هفتا کن اتي رهڻ جو ارادو آهي.

2- ڪتاب "مشاهير سنڌ" جي پوئين جلد ۾ نئين معلوم ٿيل احوال جو اضافو ڪرڻو آهي. اُهو [جلد] ڪراچيءَ ۾ هڪ ڏينهن لاءِ موڪليندا يا بزم صوفيه جي ميٽنگ لاءِ حيدرآباد اچڻ تي ڏسي درست ڪري سگهبو. پهرئين (حصي) ڪتاب جي مضمونن کي ترتيب ڏيڻ لاءِ هڪ تجويز موڪليل هئي، الاجي اها اوهان وٽ آهي يا نه؟ پوئين ڪتاب وانگر ان کي مضمون وار ترتيب ڏيڻ گهريم ٿي، جيئن اديب، سجاده نشين، خاندان، آفيسر سياستدان جدا جاين تي گڏ هجن. اهڙي ترتيب اوهين به ڏيئي سگهو ٿا.(1)

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير و السلام

غلام مرتضيٰ

(1) اهو اشارو سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" طرف آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران 1967 ۾ شايع ڪيو ويو.

No: NW/61-(64-66)-509
Date: 6-5-1966

سنڌي ادبي بورڊ
3- سول لائينس، حيدرآباد.

محترم سائين،

"مشاهير سنڌ" جي ڇپائيءَ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جن شخصن جا فوٽا اوهان وٽان پهتل آهن ۽ جن جا نه پهتل آهن، تن جي نالبوار فهرست ناهي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي. جيڪي فوٽا اوهين مهيا ڪري سگهو، ان جي مهرباني ڪندا. چند فوٽا اسين به هٿ هٿ ڪري سگهنداسون- فهرست ۾ اهڙن شخصن جي نالن اڳيان ڳاڙهيءَ پينسل سان نشان ڏنل آهن. ڪن شخصن جا وري فوٽا اوهان وٽان مليل آهن، پر سندن حياتيءَ جو احوال لکيل نه آهي. انهن ماڻهن جا نالا به شامل فهرست ۾ جاڻايل آهن.

2- اوهين مهرباني فرمائي پنهنجي آئينده پروگرام کان اسان کي واقف ڪندا ته ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهه اوهان کان پڇڻي هجي ته اوهان کي اُتي خط لکون.

3- ڪجهه عرصو اڳ اوهان هڪ ڪتاب ڪراچيءَ جي هڪ ڪتب فروش Every man Book House واري کان ورتو هو. اهو ڪتاب ڪهڙو هو، تنهن جو نالو اسان کي ياد نه آهي، پر اهو ڪتاب اسان جي معرفت ورتو ويو هو، چنانچه اهو ڪتب فروش هڪ اڌ دفعو اسان وٽ پئسن لاءِ آيو هو. اسان به ڪانئس ڪتاب وٺندا رهندا آهيون. اوهان جي پئسن لاءِ ڪيس چيو ويو هو ته سائينءَ کان پيچي پئسا ڏينداسون. هاڻي اوهان اتي ڪراچيءَ ۾ آهيو. مهرباني ڪري انهيءَ ڪتب فروش کي پئسن جي ادائگي ڪندا. سندس ائڊريس هيءَ آهي:

Every man Book House
30- Frere Road Market, Karachi-1 Phone: 73818

فون جي باري ۾ خاطري نه آهي ته اجا وٽس آهي يا نه. ڪتب فروش جو نالو صفدر (مهدي) آهي. اوهان کي جيڪڏهن ڪو ڪتاب گهربل هجي، جو ٻئي هنڌ ان آسانيءَ سان ملي نه سگهي ته ان لاءِ به ڪيس چوندا ته اوهان کيَ هٿ ڪري ڏيندو.

اميد تہ اوهين هر طرح بعافيت هوندا.

والسلام

محمد ابراهيم،

اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ.

ڪراچي
28-6-66

سلامت باشيد

محبيم رباني صاحب

السلام عليڪم؛ شامل خط خاص مائٽهوءَ هٿ جويي صاحب ۽ يار محمد شاهہ کي پهچائي اطلاع ڏيندا. ڪتاب جي ڇپائيءَ جو ڪم تيزيءَ سان هلي رهيو آهي يا نہ؟ ڏهن نون مائهن جي حياتيءَ جو احوال ڳوٺ پهچڻ بعد موڪليندس انهن کي بہ ان (ڪتاب) ۾ داخل ڪندا.

اميد تہ خوش خورم هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

ڪراچي
28-6-66

برادرم جويو صاحب

السلام عليڪم؛

آءٌ پنهنجا پروگرام سيڙائي ميٽنگ لاءِ ڪراچيءَ آيس، پر اوهان مان ڪوبہ ڪونہ آيو! هاڻ 1-2 آگسٽ تي پروگرام رکيو ويو آهي. ائين نہ ٿئي تہ اوهان جا اتر سنڌ وارا دوست ساڳي روش اختيار ڪن. ان ڪي آءٌ نہ صرف لاغرضائي سمجهندس، پر بي پرواهي ۽ بي جوابداري، ڪم ڪرڻو آهي تہ وقت سيڙائي، قرباني ڪري ڪم ڪبو، نہ تہ ٺلهين ترقي پسندين جي دعوائن جي ڪابہ معنيٰ نہ ٿيندي.

2- 1 ۽ 2 آگسٽ لاءِ يار محمد شاهہ سان صلاح ڪري، اشتهار ڇپائي، ساريءَ سنڌ ۾ موڪلڻ گهرجن، مون رٿ ڪئي آهي تہ پير صاحب غلام حيدر شاهہ بلڙيءَ واري کي پهرينءَ نشست جو صدر ڪجي. آءٌ ان

مجلس ۾ شرڪت لاءِ صوفي صاحب جهوڪ، سجاده نشين سچل سرمست، سجاده نشين شاهه لطيف، ۽ سجاده نشين سيد عالي، ٺٽو، ۽ سجاده قلندر شهباز کي دعوتون موڪليان ٿو.

درگاهن جي ميلن کي ثقافتي مرڪز بنائڻ لاءِ انهن جي تعاون جي ضرورت ٿيندي. اوهين اياز صاحب يا تنوير عباسيءَ کي چوندا ته انهيءَ موقعي تي سچل جي سجاده نشين کي پاڻ سان گهلي اچن. اوهين ساريءَ سنڌ جي ترقي پسند اديبن ۽ قومي ورڪرن کي ان صورت لاءِ دعوتون موڪلرائيندا.

3- سنڌ جي ذهن قومي هيروز ۾ مون هينيان داخل ڪرڻ گهريا آهن. وڌيڪ اضافي يا گهٽتائيءَ لاءِ مشورو ڏئي سگهو ٿا.

اوهان جا اديب ايترو مشغول آهن ۽ ڳالهيون وڏيون ۽ عمل ٿورو! ڪم جي سرانجاميءَ جي منجهن اميد نه آهي. ان ڪري مون اهو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي. ان لاءِ پهرين پنجن بزرگن جي زندگيءَ جي احوال هٿ ڪرڻ لاءِ منهنجي مدد ڪندا.

| | |
|---|---|
| 1- دودو سومرو | مسٽر ممتاز پٺاڻ - عبدالمجيد ميمڻ ، |
| 2- نواب درياه خان | مسٽر الانا خواجه يا ڪي ٻيا صاحب ان ڪم ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. |
| 3- مخدوم بلاول عليه | پير حسام الدين شاهه مدد ڏئي سگهي ٿو. |
| 4- مير شير محمد خان ٽالپر | ڪنهن مير يا ٻئي پڙهيل ماڻهو کان مدد وٺجي. |

5- مولوي عبيدالله صاحب سنڌي مولوي غلام مصطفيٰ قاسمي تي ڪم رکجي.

6- رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي
7- سيٺ هرچند راءِ وشنداس
8- مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا
9- مرحوم الهه بخش سومرو
10- شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌي

(6-10) مون تيار ڪيا آهن

4- منهنجو نئي وارو مضمون ڪنهن رسالي يا اخبار ۾ اچڻ گهرجي.

آئينده هر ڪانفرنس جي مقالن ۽ تقريرن جي اختصار ڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جو انتظام ڪبو.(1)

5- جھوڪ شريف تي 12-13 آڪٽوبر جي ادبي ۽ ڪلچرل ڪانفرنس جو هينئر ئي خيال رکڻ گھرجي، جيئن اسان جا دوست سندن پروگرام ان مطابق بيهارين.

اهڙيءَ طرح سان 29 ڊسمبر شام جو 4 بجي شاهه عبداللطيف تي ثقافتي ڪانفرنس جو خيال بہ پروگرام ۾ شامل ڪجي.

آءٌ 20 تاريخ تائين هتي آهيان، اول خير پهرينءَ جولاءِ تي ڳوٺ ويندس.

سلام رباني صاحب ۽ ٻين ڪي رسن.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن

26-11-66

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

ڪالهہ گذريل ڇهن مهينن جي بزم صوفياءِ سنڌ جي ڪارروائيءَ جو مضمون امداد هٿان موڪليو اٿم، جو اميد تہ پهتو هوندو.

تجويز آهي تہ اها رپورٽ ۽ اڳيان ڇپيل بُڪليٽ گڏي، ڪتابي صورت ۾ آڻي، 15 سَون جي تعداد ۾، جملي هاءِ اسڪولن، وڪيلن، ڪاليجن، مکيہ پرائمري اسڪولن، قومي ڪارڪنن، اديبن ۽ شاگردن ڪي موڪلجن. اوهين ڇپائيءَ جا اڳيان پيسا ارباب نور محمد ۽ يار محمد شاهہ کان بہ ٽي دفعا تاڪيد ڪرائي، وصول ڪري، پريس واري ڪي ڏيندا. رپورٽ ڪي درست ڪرڻ بعد ڇپڻ لاءِ ڏيندا. انشاءَ الله هفتي اندر بہ سٺو روپيا ائڊوانس ڇپائيءَ لاءِ ڏياري موڪليندس.

2- ڪاليجن، هاءِ اسڪولن، پرائمري اسڪولن ۽ وڪيلن جي لسٽ حاصل ڪري، مون ڏي موڪلڻ جو انتظام ڪندا.

---

(1) اهو اشارو بزم صوفياءِ سنڌ وارن خطبن طرف آهي. جيڪي هر ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپايا ويندا هئا ۽ پوءِ چونڊ خطبن تي مشتمل "خطبات سيد" عنوان سان ڪتاب شايع ٿيو. "آزاد قاضي"

3- ڪانفرنس ۾ پاس ڪيل ٺهرائن بابت مختلف صاحبن تي رکيل، ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ ڪين تاڪيد ڪرائيندا.

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن

30-11-66

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

هڪ خط ۾ ششمامي بزم صوفياءِ سنڌ جي رپورٽ پهتي هوندي. اميد تہ ان کي درست ڪري ڇڏيو هوندوَ. ٻہ سئو روپيا موڪليان ٿو، ان کي ڇپڻ لاءِ ڏيندا. مون تجويز ڪئي آهي تہ چوڏهن سئو ڪاپيون رپورٽ سوڏيون ڪتاب جون خطبن سميت تيار ڪرائي، رواجي جلد ٻڌرائي، سنڌ جي جملي ڪاليجن، هاءِ اسڪولن ۽ وڪيلن وغيره کي موڪليان. ان ڪري هيڏانهن موڪليل جملي ڪاپيون جلد ٻڌائي رکيون اٿم. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ پريس واري يا تہ ڪاپيون پوريون نہ موڪليون آهن، يا وچ ۾ ڪتابن سان هٿ چراند ٿي آهي. هن وقت ڪتابن جي هيٺين پوزيشن آهي:

1- ڇهن ڪاپين جا صرف 30 ڪتاب آهن 1400 ۾ اجا پهرئين جلد جون 1370 ڪاپيون کپنديون.

2- پنجن ڪاپين جا صرف 775 ڪتاب آهن جن ۾ پهريون ڪونہ آهي.

3- چئن ڪاپين جا صرف 15 ڪتاب آهن جن ۾ پهرئين ۽ ڇهين نمبر وارا خطبا نہ آهن.

4- ٽن ڪاپين جا صرف 246 ڪتاب آهن، جن ۾ پهريون، پنجون ۽ ڇهون خطبو ڪونہ آهي.

5- ٻن ڪاپين جا صرف 186 ڪتاب آهن جن ۾ ٻہ پهريون، پنجون، ڇهون نہ آهن.

6- هڪ ڪاپي 1400 ڪتاب آهن، يعني چوٿون نمبر 14 سئو ڪاپيون آهن.

انهي ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ ڇهن خطبن جون هيٺينءَ طرح ڪاپيون هٿ ڪرڻيون پونديون.

| | |
|---|---|
| 1- پهريون خطبو | 1370 |
| 2- ٻيو خطبو | 284 |
| 3- ٽيو خطبو | 93 |
| 4- چوٿون خطبو | |
| 5- پنجوں خطبو | 560 |
| 6- ڇهون خطبو | 600 |

نوٽ: معلوم ائين ٿئي ٿو ته پهرئين، پنجين ۽ ڇهين جون ڪاپيون هُن گهٽ ڏنيون آهن. پهريون ته ڇپائڻو پوندو. پنجين، ڇهين جون گهٽ ڏنل ڪاپيون هن کان وٺيون آهن. باقي ڪاپين لاءِ جانچ ڪرائي هٿ ڪرائيندا.

امید ته خوش خرم هوندا.

- غلام مرتضيٰ

سن
8-12-66

برادرم محمد ابراهيم

السلام عليڪم: هڪ خط ٽپال ۾ موڪليو اٿم. اميد ته مليو هوندو. رپورٽ جو ڪتاب درست ڪري ڇاپائڻ لاءِ ڏنو هوندو. 200 روپيا صوبي هٿ موڪليان ٿو. خط پٽ جو جواب ڪونه ٿا موڪليو.

2- ڪالهه اسد الله شاهه جو ڪتاب مليو. ڇا هو ولايت کان موٽي آيو آهي، يا نه؟

3- وڏيري نور محمد ۽ يار محمد شاهه پريس واري کي پيسا ڏنا يا نه، جي نه ته انهن کي خط لکي تاڪيد ڪرائيندا.

4- رهيل ڪتاب پريس وارن کان 5-6 ۽ پهرئين [خطبي] جا حاصل ڪندا.

امید ته خوش و خرم هوندا.

زياده خير و السلام
غلام مرتضيٰ

سن
12-12-1966.

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم، خط پهتو – احوال معلوم ٿيو. اوهين جيڪڏهن سمجهو ٿا تہ هڪ هزار ڪاپيون درست ڪرائجن تہ بهتر آهي. ان ڳاڻيٽي ۾ اوهان هڪ چُڪ ڪئي آهي تہ پنجين ۽ ڇهين بنهي خطن جون ڪاپيون پوئين دفعي گهٽ آيون هيون، جو ٻئي گڏ ڇپيا هئا. اهي هٽ ڪبيون تڏهن هزار ڪاپيون پوريون ٿينديون.

2- جن دوستن تي ميلن جي لسٽ تيار ڪرڻ جو ڪم رکيل هو، انهن کي خط لکي تاڪيد ڪرائيندا تہ ميلن جون لسٽون هر هڪ ضلعي مان موڪلين.

جريان نمبر – ڳوٺ جو نالو، تعلقي ۽ درگاهہ جو نالو، سجاده نشين، تاريخون، ايندڙن ماڻهن جو تعداد، اهو سڀ احوال گهرج ۾ ايندو.

3- ڊائريڪٽر ايجيوڪيشن جي آفيس مان ڪاليجن، هاءِ اسڪولن، مڊل اسڪولن ۽ پرائمري اسڪولن جي لسٽ هٿ ڪرڻ جو بندوبست ڪري موڪليندا. پرنسيپالن ۽ هيڊماسترن جي نالن جون لسٽون بہ کپن.

4- سنڌ جي مکيہ اديبن، ادبي سنگتن، شاعرن جون ائڊريسون بہ موڪليندا تہ لٽريچر موڪلڻ لاءِ ڪم اچن.

5- ڪتاب" نَورتن" ۾ هزار ڪاپيون سٺي پني تي ڇپائڻ تي ڪيترو خرچ ايندو، ان جي اسٽيمٽ ڪري موڪليندا تہ ڇپائڻ لاءِ انتظام ڪرائجي.

6- ڪراچيءَ ۾ پريس بابت انتظام ڪجو.

7- "جنب گذاريم جن سين" [جو ڪم] ڪيتريءَ حد تائين پهتو آهي؟ سڄو ڇپجي وڃي، تہ مون کي ڪاپي موڪليندا تہ غلط نامي لاءِ درستيون ڪري موڪليانوَ. فوٽن هٿ ڪرڻ لاءِ ڪهڙو انتظام ڪيو اٿوَ!

8- ڪمشنرن کي خط لکڻ لاءِ پليجي صاحب تي ڪم رکيل هو، پر وڪيل اڪثر مشغول رهڻ ڪري ڪم ۾ سستي ڪندا آهن. اوهين خط ۽ آئين جي انگريزي ڪاپي تيار ڪرائي، هن ڪان صحيح وٺي موڪلڻ جو

انتظام ڪندا.

امید تہ خوش خرم هوندا.

زياده خير و السلام

غلام مرتضيٰ

ناتال ۾ حسام الدين شاھہ ۽ اوهين بہ ٽي دوست ٻن ڏينهن لاءِ هوند اچو تہ رهائيون ڪجن.

سن

16-12-66

عزيزم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

هڪ خط ٽيو ڏينهن ٽپال ۾ موڪليو اٿم، امید تہ پهتو هوندو. ان ۾ ڪاليجن، هاءِ اسڪولن، مڊل اسڪولن، پرائمري اسڪولن، [سنڌ جي] ميلن ۽ اديبن ۽ شاعرن جي لسٽ هٿ ڪرڻ لاءِ لکيو هئم ۽ ٻيا بہ ٽي ڪم لکيا هئم.

2- هي مضمون ميرپور بٺوري واري خطبي جي ٽڪر جو غلام احمد شاھہ موڪليو آهي؛ لفظي ترجمو ٿيل آهي، ان جي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي ان ڪري اوهان ڏي موڪليان ٿو.

3- رشيد ڀٽيءَ رمضان کان پوءِ بيدل فقير جي درگاھہ تي بزم صوفياءِ سنڌ جي اجلاس رکڻ لاءِ لکيو آهي، پر تاريخ ڪانہ ڏني اٿس.

آءٌ بہ ڪيس لکان ٿو، اوهين بہ لکون تہ اها مجلس يا 12 جنوري 1967 آچر يا 22 جنوري آچر تي رکن.

ذوالقعد مهيني جي 6 تاريخ مطابق 16 فيبروريءَ تي شاھہ عبدالڪريم رضہ بلڙيءَ جو ميلو آهي، ان تي پير غلام حيدر شاھہ صدر جماعت صوفياءِ سنڌ بزم جو اجلاس منعقد ڪيو آهي؛ اهڙو اطلاع ميان نور محمد پليجي موڪليو آهي.

خيرپور وارن دوستن ڪي وري 7 ذوالحج مطابق 20 مارچ 1967ع تي

اجلاس ڪرڻ گھرجي. ان کان پوءِ محرم مهينو آهي جنهن ۾ بزم جو اجلاس ڪري نہ سگھبو؛ درازن جو بزرگ اهل تشعيت طرف مائل آهي، 10 ذوالحج کان پوءِ هتي لاءِ محرم شروع ٿئي ٿو.

4- آخوند عنايت الله ڪاراٽتو ماڻهو آهي ان کي حسام الدين شاهہ يا غلام مصطفيٰ شاهہ کي چٺي، وري بورڊ ۾ رکائڻ جو بندوبست ڪندا؛ جي انهن مان ڪنهن کي منهنجي چوڻ جي ضرورت هجي تہ چوان.

5- "جنب گذاريم جن سين" خبر نہ آهي ڪهڙيءَ حد کي پهتو آهي! مڪمل ٿي وڃي، تہ درست ڪرڻ لاءِ موڪليندا، تہ اهي درستيون پل نامي لاءِ تيار ڪجن.

زياده خير و السلام
غلام مرتضيٰ

سن 28-12-66

برادرم محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

25-26 تاريخ حيدرآباد هوس پر ملڻ ٿي نہ سگھيو، اوهين شايد دوستن ۽ ميٽنگن ۾ مشغول هئا.

2- پنجين ۽ ڇهين ڪانفرنس جا ڪتابڙا پهتا. اهي ٻين ڪتابن مان ڪٺا ڪرائي اوهان کي موڪليان ٿو، جن ۾ پهريون [خطبو] ۽ رپورٽ شامل ڪري، جيترا بہ تيار ٿي سگھن اهي ڪرائيندا. اميد تہ پليجي ارباب نور محمد پيسا ڏنا هوندا. مون کان يار محمد شاهہ وارو هڪ سو ڪو وٺي ڪونہ آيو. ڪتابن سان گڏ موڪليندس.

3- هينئين مضمون وارو خط مون هينئين صاحبن ڏي موڪليو آهي، ٻين ترقي پسند شاعرن جي لسٽ ڪانہ اٿم. اوهان ان جو نقل ڪرائي باقي رهيلن کي موڪليندا تہ مهرباني؛

(1) شيخ اياز صاحب (2) رشيد ڀٽي صاحب (3) تنوير عباسي صاحب (4) عبدالڪريم صاحب (5) نياز همايوني صاحب (6) محمد خان مجيدي

خط جو مضمون

جناب من

السلام عليڪم!

تجويز آهي تہ ڪن مضمونن تي ڪافيون يا گيت ۽ بيت نهرائي، تنهن جو ڪتاب ڇپائي، ڳوٺن ۾ ورهائجي تہ عام ماڻهو اهي ڪلام ڳائڻ لڳن.

شعر اهڙو هجي، جو هيٺين چند سرن مان ڪنهن هڪ ۾ ڳائي سگهجي، مصراعون پنجن ڪان مٿي نہ هجن:

ڪلياڻ، ڪوهياري، جوڳ، ڀيروي، پيلو، راڻو، ڀاڳيسري، ديس، ملار، ڪماچ وغيره. هر هڪ ڪلام مان ڪجهہ بيت بہ ساڳئي مضمون تي ڳاهيا وڃن، جي راڳڻين طور ڪتب اچي سگهن. انهن ڪلامن ڪي نہ رڳو پنهنجي بزم صوفياءِ سنڌ ۾ ڳارائبو، پر انهن جا رڪارڊ پرائي هوٽلن تي وڄائڻ جو انتظام ڪرائبو (ان ڪم سرانجام ڪرڻ جو ذمون هڪ دوست کنيو آهي).

هيٺين مضمونن تي ڳائڻ لاءِ شعر نهرائڻا آهن:

1- سنڌ جو نيشنل انٿم (قومي گيت)، جو مجلس جي آغاز ۽ اختتام تي ڳائجي. ساز بہ وڄائي سگهجي، ٻن مصراعن تي هجي. هڪ دوست ساز جي انتظام ڪرڻ جو ذمو کنيو آهي.

2- سنڌي نئشنلزم جي جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ گيت يا ڪافي يا غزل ۽ بيت نهرائڻ.

3- سنڌي زبان لاءِ محبت ۽ ان جي ترقيءَ ۽ حفاظت لاءِ گيت يا ڪافي يا غزل ۽ بيت نهرائڻ.

4- مذهبي رواداري پيدا ڪرڻ ۽ ڪٽرپڻي دور ڪرڻ لاءِ گيت يا ڪافي يا غزل ۽ بيت نهرائڻ.

5- سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ذهني آزاديءَ لاءِ گيت يا ڪافي يا غزل ۽ بيت نهرائڻ.

6- ماڻهن مان نفرت ۽ نفاق ڪڍي، محبت ۽ ميلاپ جي فضا پيدا ڪرڻ لاءِ گيت يا ڪافي يا غزل ۽ بيت نهرائڻ.

7- خود مطلبي ڪڍي، قومي مفاد لاءِ شخصي مفاد کي قربان ڪرڻ جو مادو پيدا ڪرائڻ لاءِ گيت يا ڪافي يا غزل ۽ بيت نهرائڻ.

اميد تہ اوهين دوستن سميت ان طرف توجهہ ڏيندا ۽ جلد از جلد اهڙي مواد ڪٺي ڪرائڻ ۾ مدد ڪري مون ڏي موڪليندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

8- ”نورَتن“ ڪتاب جي اسٽيميٽ لاءِ اوهان کي لکيو هوم. مون کي ياد نہ ٿو اچي. شايد اوهان ٻن هزار ڪتابن جي ڇپائيءَ تي خرچ جو تخمينو اڍائي هزار روپيا ٻڌايو هو. تصديق اچڻ تي ٿي اهي پيسا اوهان ڏي موڪلي ڏيندس، جو اوهين ڇپائڻ شروع ڪرائيندا. پر ان ۾ درستين ڪرڻ ۽ پوريءَ طرح ڇپائڻ جو سمورو بار اوهان تي آهي.

اميد تہ خوش و خرم هوندا

زياده خير و السلام

غلام مرتضيٰ

سن

29-12-66

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم- هڪ خط ڪالهہ موڪليو اٿم - خطبن جا ڪتاب تيار ڪرايا اٿم، اهي هيٺينءَ طرح بيٺا آهن:

| | |
|---|---|
| 1- پهرئين [خطبي] ڪان سواءِ پنجن [خطبن جا] ڪتاب | 1075 |
| 2- پهرئين ۽ ٻئي [خطبي]ڪان سواءِ ڇئن جا ڪتاب | 170 |
| | 1245 |
| 3- 4-5-6 [خطبي] جا ڪتاب | 200 |

جيئن تہ اوهان چيو هو تہ اهي ڪتاب پهرئين [خطبي] ۽ رپورٽ گڏي جلد ٻڌڻ لاءِ ايڏاهين موڪليان، ان ڪري جيپ يا لاري ان طرف اچڻ تي ڪتاب ايڏاهين موڪليندس.

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن
10-3-67

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

ٻه هفتا ٿيا ته برادرم يار محمد شاهه جي هٿان "جنب گذاريم جن سين" جي درست ٿيل ڪاپي بمع پلنامي وغيره جي موڪلي هيم. اميد ته پهتي هوندي. اها ڪڏهن تيار ٿيندي! فوٽن مٿ ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيل آهي؟ ڪيترا مليا آهن، باقي ڪيترا رهيا آهن! ڪن جا بلاڪ ڪڍايا اٿو يا نه؟

2- نورتن جي ڇپائيءَ جو ڪم ڪٿي پهتل آهي. مولانا آزاد ۽ علامه اقبال جي زندگين جي احوال کي بار بار پڙهيو اٿم. ان ۾ مون کي ڪابه اهڙي ڳالهه ڏسڻ ۾ نٿي اچي جا حذف ڪجي يا ترميم ڪجي. البت جي گرامر ۽ ٻوليءَ جي درستي ٿي سگهي ته بهتر.

3- برادرم حسام الدين شاهه انٽروبڪشن لکي موڪليو يا نه.

4- پنهنجي حال احوال کان واقف ڪندا ڪريو. ڪيترا ڏينهن گذريو وڃن ته احوال ڪونه ٿا موڪليو.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

قلم تازو – حشمت ڪيولراماڻيءَ جو خط آيل آهي، هن کي ميران محمد شاهه جي خطن جو ڪتاب ڪونه پهتل آهي، جو موڪليندا.

2- جيٺي سپاهيملاڻيءَ کي به هيٺينءَ ائڊريس تي اهو ڪتاب موڪليندا.

3- بزم صوفياءِ (سنڌ) جا مجلد ڪتاب قاضي فيض محمد کي موڪلڻ لاءِ اِتي ڇڏيل هئا. اهي موڪليوَ يا نه؟

Kumari Jethi Sapahimalani
Ai ABAD
4th Floor Near Church gate Station
Bombay-1, Bharat

سلام رٻانيءَ کي رسن

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

"نَورَتن" ۾ نَوَن ئي ليڊرن جا فوٽا ڏنا آهن. اهي "رتن جوت" (ڪتاب) ۾ آهن.

سن
7-4-67

برادرم عزيز ميان يار محمد شاهه

السلام عليڪم.

هڪ خط ٽپال ۾ موڪليو اٿم، اهو اميد تہ پهتو هوندو. وڏيري نور محمد پليجي کان بہ احوال معلوم ٿيو هوندو تہ بزم صوفياءِ سنڌ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ 9 اپريل 1967 سن ۾ صبح جو 9 بجي رکيل آهي. سيني صاحبن کي عرض ڪيل آهي، اڳئين ڏينهن 8 تاريخ شام جو اچن تہ ٻئي ڏينهن سويرو ڪم ۾ حصو وٺي سگهن. اوهين مهرباني ڪري ضرور ايندا، ٿي سگهي تہ شيخ عبدالمجيد صاحب کي بہ ساڻ آڻيندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سائين!

يار محمد شاهہ هي جنسي خط اسان کي ملاحظہ لاءِ موڪليو آهي. سندس چوڻ آهي تہ هو اڄ شام جو هڪ جيپ ۾ هڪ قادر جيپ اسان وٽ آڻيندو.

- غلام رباني(1)

سن

جناب من محمد ابراهيم جويو

السلام عليڪم: بزم صوفياءِ سنڌ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو اجلاس 9- اپريل 1967ع سن ۾ گڏ ٿيو. ان جي ڪارروائي اوهان جي واقفيت لاءِ موڪلجي ٿي.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

---

(1) خط جي هيٺان لکيل آهي.

سن
2-5-67

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

ڪارڊ پهتو – احوال معلوم ٿيو، مون کي ٿيءَ رات وري دل جي ڌڙڪ ٿي پئي،ان ڪري اجا طبيعت ڪمزور آهي، تنهن سر مضمون "روح رهاڻ" لاءِ لکي حڪم جي پورائي ڪري نٿو سگهان. شاهه ڪريم جي ميلي جي موقعي لاءِ لکيل مضمون موڪلي ڏيان ٿو، مناسب ڦير گهير سان ان کي داخل ڪري سگهو ٿا. اميد ته خوش خرم هوندا. "جنب گذاريم جن سان" جو ڪم رليو پيو آهي، مهرباني ڪري ان جي ترت مڪمل ڪرائڻ جو بلو ڪريو.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن
20-5-67

جناب من محمد ابراهيم جويو صاحب

السلام عليڪم؛ بزم صوفياءِ سنڌ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس 9- اپريل 1967 تي سن ۾ گڏ ٿيو جنهن ۾ هيٺين پاس ڪيل ٺهرائن سان اوهان جو تعلق آهي ان ڪري انهن جي سرانجاميءَ لاءِ هي ٺهراءَ اوهان ڏي موڪلجن ٿا.

زياده خيروالسلام

غلام مرتضيٰ

اجلاس ۾ پاس ٿيل ٺهراءَ.

**ٺهراءَ نمبر پهريون:**

سنڌ جي صوفياءِ ڪرام جي درگاهن کي بزم صوفياءِ سنڌ جي نالي سان عوام جي نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستي، پيغامِ محبت، سنڌي ڪلچر جي ترقي، درگاهن ۽ سجادن جي حقوق جي حفاظت لاءِ منظم ۽ مرتب ڪرڻ لاءِ هيٺين اڏهاڪ ڪاميٽي، وڏيڪ سجادن ۽ اديبن جي اجازت سان نالا وڌائڻ جي اختيار سان، بريا ڪجي ٿي؛

1- پير سيد غلام حيدر شاهه صاحب، سجاده نشين، درگاهه شاهه ڪريم عليہ رحمت، چيئرمين
2- پير سيد شاهه ڏنو شاهه، سجاده نشين، درگاهه شاهه لطيف عليہ رحمت، ميمبر
3- صوفي ارشاد عباس صاحب، سجاده نشين، درگاهه شاهه عنايت عليہ رحمت، ميمبر
4- سيد علي اصغر شاهه سجاده نشين، درگاهه سيد غالي شيرازي ئـ،ميمبر
5- صوفي عبدالحق، سجاده نشين درگاهه سچل سرمست عليہ رحمت، ميمبر
6- سيد غلام مرتضيٰ شاهه، سجاده نشين، درگاهه سيد حيدر عليہ رحمت، ميمبر
7- پير سيد حسام الدين شاهه، اديب سنڌ، ميمبر
8- مسٽر محمد ابراهيم جويو، اديب سنڌ، ميمبر
9- شيخ مبارڪ اياز اديب سنڌ ميمبر
10- مولوي غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي، اديب سنڌ، ميمبر
11- قاضي فيض محمد، اديب سنڌ، ميمبر
12- مسٽر رسول بخش صاحب پليجو، اديب سنڌ، ميمبر

**ٺهراءُ نمبر3:**

انهن قومي هيرن جي سوانح حيات لکڻ لاءِ اديب صاحبن کي عرض ڪجي تہ هو سوانحون تيار ڪري ڇهن مهينن اندر بزم جي صدر دفتر ۾ براه نوازش موڪلين.

يڪراءِ بحال ٿيو تہ هيٺ ڏيڪاريل تفصيل موجب اديب صاحبن کي عرض ڪجي ٿو تہ هو سوانحون لکي تيار ڪري ڇهن مهينن اندر صدر دفتر ۾ براهِ ڪرم موڪلي ڏين، اهو پڻ ڪين عرض ڪجي ٿو تہ اهي سوانحون هڪ سو کن صفحن تي مشتمل هجن.

1- دودو اعظم؛ لکندو پروفيسر محرم خان، ذميدار جويو صاحب
2- دريا خان؛ لکندو غلام رباني صاحب، ذميدار جويو صاحب
3- مخدوم بلاول؛ لکندو جناب جي. ايم. سيد صاحب

4- شهيد شاهہ عنايت؛ لکندو شيخ اياز صاحب جنهن جي مدد ڪندا رباني صاحب ۽ جناب جي. ايمر. سيد صاحب
5- شير سنڌ مير شير محمد خان؛ لکندو مولانا غلامر محمد گرامي صاحب
6- هوشو؛ لکندو مولانا غلامر محمد گرامي صاحب
7- ديوان هرچندا راءِ؛ لکندو جويو صاحب
8- غلامر محمد خان پرڳڙي؛ لکندو جويو صاحب
9- شهيد الهہ بخش سومرو؛ لکندو جناب جي. ايمر. سيد صاحب
10- شهيد هيمون ڪالاڻي؛ لکندو غلامر رباني صاحب
11- مائي بختاور شهيد؛ لکندو غلامر محمد خان لغاري صاحب
12- جمشيد نسروانجي؛ لکندو شيخ اياز صاحب

**ٺهراءُ نمبر4:**

رٿ آئي تہ شاعرن ۽ اديب صاحبن جي هڪ ڪميٽي مقرر ڪجي، جا قومي شعر هٿ ڪري، چنڊي ڇاڻي، ڇهن مهينن اندر، قومي شعر جو مجموعو بزمر جي صدر دفتر ۾ پيش ڪري.(1)

يڪراءِ بحال ٿيو تہ هيٺين صاحبن کي انهيءَ ڪميٽيءَ تي معمور ڪجي ۽ مٿين مقصدن جي تڪميل لاءِ کين عرض ڪجي ٿو.

1- جناب شيخ اياز صاحب 2- جناب تنوير عباسي صاحب
3- جناب ميان يار محمد پنوهر صاحب 4- جناب رشيد ڀٽي صاحب
5- جناب محمد ابراهيمر جويو صاحب

**ٺهراءُ نمبر5:**

رٿ آئي تہ قومي راڳ لاءِ گيت، ڪافيون، شعر گڏ ڪري، سٺن ڳائيندڙن کان رڪارڊ ڪرائي، سنڌ ۾ پکيڙجن، جيئن قومي جذبو پيدا ٿئي ۽ وڌي. ان ڪمر لاءِ هيٺين دوستن جي ڪميٽي مقرر ڪجي:

---

(1) اهو ڪتاب ابن حيات پنهور "قومي گيت" عنوان سان ترتيب ڏنو، جيڪو گهٽو پوءِ 1970ع ۾ شايع ٿيو.

يڪراءِ بحال ٿيو تہ ان مواد گڏ ڪرڻ لاءِ 1- جناب جويو صاحب 2- جناب جي. ايم. سيد صاحب 3- مولانا غلام محمد گرامي صاحب 4- شيخ عبدالستار صاحب کي عرض ڪجي ٿو.

محترم جناب جويو صاحب

السلام عليڪم:

عرض سنڌ سوشل ورڪس جي ائڊهاڪ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ٿي رهي آهي. انهيءَ موقعي تي ميمبرن جي اعزاز ۾ ٻن پهرن جي ڪاڏي جي دعوت مرحبا ڪميٽيءَ جي طرفان ڏني پئي وڃي. ان دعوت ۾ سائين جن بہ براهہ نوازش شريڪ ٿي اسان کي ممنون مشڪور ڪرڻ فرمائيندا.

دعوت بسنت هال ۾ 2 بجي منجهند تاريخ 28 مئي 1967ع مقرر ٿيل آهي.

اوهان جا نيازمند ميمبران
مرحبا ڪميٽي

سن
1-11-67

برادرم محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

وري ٽن مهينن لاءِ نظربنديءَ جو آرڊر مليو آهي. ان ڪري ڳوٺ رهان ٿو. ميلو درگاهہ شاهہ حيدر عليہ جو 7-8 نومبر تي آهي. ڪانفرنس يا شاعري تہ ڪري نٿي سگهجي، البتہ هميشه وانگر ختمو ۽ راڳ ٿيندو. سن اوهان جو ڳوٺ آهي، جي 7 تاريخ بولان ميل ۾ اچو ۽ ڏينهن رهي پٺي ڏينهن لاڙڪاڻہ ايڪسپريس ۾ موٽي سگهو ٿا.

سکر طرف جا ڪي دوست اچي سگهن تہ ملاقات جو موقعو ملي سگهندو.

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

جيڪب آباد
5- نومبر 1967ع

عزيز و محترم سائين

السلام عليڪم!

اوهان جو عنايت نامو مليو. اوهان جي وڌيڪ نظربنديءَ جي خبر پڙهي، افسوس ٿيو، پر اُهو هڪ يگانو اعزاز پڻ آهي-

"سکر سيئي ڏينهن، جي مون گھاريا بند ۾!"

شاهه حيدر عليہ جي ميلي جي سڌ تي هوندَ هڪدم هليو اچان ها، پر ڊگھيءَ ڏيڍ مهيني جي موڪل لاءِ لکيو اٿم. جا اميد تہ 20 تاريخ هن مهيني جي ملي ويندي. اُن عرصي ۾ ارادو هوم تہ اچي خدمت ۾ حاضر ٿيندس. طبيعت بہ ڪجھہ ناساز گذري ٿي. خاص طرح ڏندن جي تڪليف ٿي پيئي اٿم. سو حيدرآباد ۾ اهو عرصو رهي، علاج ڪرائڻ جو ارادو آهي. ويهين تاريخ حيدرآباد پهچندي ٿي ڏينهن بعد اوهان وٽ حاضر ٿيندس، ۽ اوهان وٽان ٿي، پوءِ علاج شروع ڪ ائيندس، جيڪو شايد ويهارو ڏينهن هلندو.

انهيءَ موڪل جي پروگرام سبب، هن ڀيري ايڏانهن اچڻ جو خيال لاهي ڇڏيو اٿم. اُن لاءِ اوهان کان معافيءَ جو طلبگار آهيان.

جيڪو عرصو حيدرآباد ۾ رهندس، ان ۾ جيڪڏهن لکڻ پڙهڻ جو ٻيو ڪو ڪم هجي تہ ان کي هٿ ۾ کڻجي. بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ واري مضمون متعلق عرض ڪيو هوم اهو جيڪڏهن ٿئي تہ ڏاڍو سٺو.

زياده خير والسلام.

اوهان جو،

محمد ابراهيم

سن
11-11-67

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم!

خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مون هن دفعي 8 ڪتابن جي ڇپائڻ جو

انتظام ڪيو آهي. باقي اڻ انشاءَ الله ٻئي سال جي پروگرام ۾ ايندا.

ان ڪري انهن جي ڇپائڻ لاءِ اوهان سان صلاح مصلحت ڪرڻ جو ارادو آهي موڪل ملڻ بعد جيڪڏهن ترت ملاقات ڪرائيندا ته نهايت ممنون ٿيندس.

مون هڪ ڪتاب اوهان کي "جنب گذاريم جن سين" محمد امين کوسہ کي ڏيڻ لاءِ ڏنو هو، سو خبر نہ آهي اوهان ڪيس پهچايو يا نہ؟

اڄ اخبار ۾ پڙهيم تہ سرڪار مهرباني ڪري نظربنديءَ جو حڪم موٽائي ورتو آهي. اڃا قانوني طرح حڪم پهتل نہ آهي، شايد ڏينهن ٻن اندر پهچي.

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير و السلام

غلام مرتضيٰ

سن

21-11-67

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

اڳئين خط مطابق آءٌ تنهنجي 20 تاريخ موڪل جي انتظار ۾ هوس پر ڪالهوڪي پيغام مان معلوم ٿيو تہ موڪل جي تاريخ جي پڪ نہ ٿي، ان ڪري ماڻهوءَ هٿ هيٺيان ڪتاب موڪليان ٿو. جن کي پروگرام مطابق ٻن ٽن مهينن اندر ڇپائڻ جو ارادو آهي. چند دوستن ڏهہ هزار روپيا انهن ڪتابن جي ٻن ٻن هزار ڪاپين جي ڇپائي ڪرائڻ لاءِ عطيو ڏنو آهي. وڌيڪ خرچ جو بہ انتظام ڪيل آهي. اوهين مهرباني ڪري انهن ڪتابن تي نظرثاني ڪري، جدا جدا پريسن مان ڇپائڻ جو انتظام ڪرائيندا، تہ جيئن هنن ٽن مهينن اندر سڀ ڇپجي ورهائجي وڃن. جيئن تہ ڪتابن تي بندش پوڻ جو امڪان سدائين لاڳو رهي ٿو ان ڪري يڪا ڇپائي ورهائڻ زياده مفيد ٿيندو. ممڪن آهي تہ وري نظربندي وجهن.

ڪتاب هيٺئين آرڊر ۾ ڇپائڻا آهن:

(1) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون ڪافيون — 2 هزار ڪاپيون سٺي پني تي

(هي ڪتاب ڪو ڪتب فروش سني پني تي ڇپائڻ گهري تہ ان کي ڏيئي سگهجي ٿو.)

(2) "جيئڻ ڏنو آهي مون" 2 هزار ڪاپيون، هڪ سَو سني پني تي، ٻيون سادي تي.

(3) جي. ايم. سيد جا سياسي مضمون = = = = =

(4) جي. ايم سيد جا ڪلچرل مضمون = = = = =

(5) بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ = = = = =

(6) سنڌي ڪلچر (تهذيب) = = = = =

(7) علي محمد شاهہ راشديءَ جا خط = = = = =

(8) شهيدان سنڌ = = = = =

(9) بزم صوفياءِ سنڌ جي اڳين ۽ پوئين رپورٽ گڏ (رسول بخش پليجو پبلشر هجي، اڳ وانگر)

انهن ڪتابن کي نہ صرف درست ڪرڻو اٿو، پر ڇپائڻ جو ذمو بہ اوهان کي ئي کڻڻو پوندو. اتي حال انهن کي ڏسي درست ڪريو.

نمبر اٺين جون بہ ڪاپيون موڪليان ٿو، هڪ شيخ اياز کي ڏيندا، تہ اهو بہ ڏسي درست ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

اوهين جڏهن هن طرف ايندا تہ اسٽيميٽ ڪري ٽيون حصو يا اڌ رقم بروقت وٺي ويندا، باقي رقم ڪم هلڻ بعد گهرائيندا رهندا.

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

قلم تازو: انهن کان سواءِ ٻيا 8 ڪتاب تيار آهن، جي انشاءَ الله ٻيءَ قسط ۾ ٻئي سال ڇپائڻ جو انتظام ڪبو. گهڻا احوال آهن جي روبرو ڪبا. سيني ڪتابن ۾ ڇپائيندڙ طور وڏيري نور محمد پليجي جو نالو وجهبو. سائيز ساڳي "نورتن" وارو هوندي.

سن
15-12-1967

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم،

اوهان جو 6 تاريخ جو لکيل خط يار محمد شاهه ڪلهه رات جو پهچايو. مون انتظار پئي ڪيو تہ هتي ايندا تہ صلاح مصلحت ڪتابن بابت بہ ڪبي ۽ پيسا بہ روبرو ڏيندس. پر ڏيڪاريل سببن ڪري اوهين نڪري نہ سگهيا.

2- مون تي مغربي پاڪستان سرڪار وري ٽن مهينن لاءِ نظربنديءَ جو آرڊر تعميل ڪيو آهي، ساڳيا اڳوڻا سبب ڄاڻايل آهن. وچ ۾ ٻئن لاهڻ ۽ وري جاري ڪرڻ لاءِ ڪارڻ ڄاڻايل نہ آهن.

3- اوهين پلي پهرين شاهہ جون ڪافيون، جيئڻ ڏنو آهہ مون، ۽ پوءِ بمبئي کان سنڌ جي علحدگيءَ جا ٽي ڪتاب پريس ڪي موڪليو. ڪو معتبر ماڻهو ٻن ٽن ڏينهن ۾ آيو، تہ حال چار هزار روپيا اوهان ڪي موڪلي ڏيندس. پوءِ جيئن ضرورت محسوس ڪندا تہ هفتو اڳ وڌيڪ پيسن لاءِ اطلاع موڪليندا رهندا تہ موڪلبا رهبا.

4- ڪتابن جو ناشر وڏيرو نور محمد هجي.
سلام جملي سنگت ڪي رسن
اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

محترم سائين،

عرض تہ ڪتاب "جيئڻ ڏنو آه مون" ختم ٿي چڪو آهي. ٽوٽل صفحا 204 ٿيا آهن. شروعاتي صفحا اڃا نہ مليا آهن، ۽ ٻيو ڪتاب "نوجوانن ڏانهن" شروع ڪري ڇڏيو آهي، شاهہ صاحب جن جو ماڻهو 22 تاريخ آيو هو، تنهن ڇيو تہ سائين جي. ايم. سيد ٿا فرمائين تہ ڪتاب "بمبئي کان سنڌ جي جدائي" بہ جلد پورو ڪريو.

منور صاحب فرمايو هو تہ "بابا سائين چٽي ويا آهن تہ ساجد کي چٽبجو تہ ڪم تمام آهستگيءَ سان هلائي" انهيءَ ڪري مون اٽڪل 2-3 پيج روزانہ جي حساب سان هلايو آهي. جيڪڏهن باقاعدگيءَ سان ڪم هلايان ها تہ ڪتاب "نوجوانن ڏانهن" بہ پورو ٿي وڃي ها.

حساب هن ريت آهي:

"جيڪِن ڏنو آه مون" 204
"سنڌ جي بمبئي کان" 24
228 912-00
"سياست جا نورتن" مان رهيل 75-00
987-00

بائينڊنگ 2100 سئو ڪاپيون
استر ۽ ڪارڊ بائينڊنگ سميت 272-00
1259-00

ڪور ڇپائي بہ رنگ 28
10
1297

پني مان رهيل 20-00
اوهان کان مليا 200-00
1 فيبروري تي مليا 300-00
1 مارچ تي مليا 250-00
770-00

ڪارڊ شيٽ آسٽريليا
4-20 بنڊل، في بنڊل 39-00 164-00
استر جيڪڏهن اڇي پني جو رکندا 65-00
100 - 2 ريم

229-00

<u>نيوز پرنٽ</u>
نيوز ... پنو 204    52 ريم
شروعاتي 24 صفحا باقي آهن
6.45
58.45

<u>اڇو پنو</u>
جيئن ڏنو آهہ ...    2-440
بمبئي کان جدائي...   -165
3-105

خادم جي لاءِ ہي ڪا خدمت هجي تہ لکندا. مهرباني ڪري پئسا ہيءَ تاريخ تائين موڪليندا. تہ وڏي نوازش ٿيندي، جو ماڻهن کي پيمينٽ ڪرڻي آهي.

فقط والسلام
اوهان جو
سيد ساجد علي*

سن
25-12-67

برادرم عزيز

السلام عليڪم؛
ميان عبدالحي هٽان چار هزار روپيا موڪليان ٿو، ڪم شروع ڪرايو، پيا جلد موڪلبا.
هي ٻيو خط ميان حفيظ قريشيءَ لاءِ آهي، جو اوهان کي ادائي هزار رپيا پيا هٿ ڪري ڏيندو.
رسول بخش پليجي وڪيل سان صلاح ڪندا. جي منهنجي نظربنديءَ ڪري اهي ڪتاب منهنجي نالي ۾ ڇپجي نٿا سگهن، تہ پوءِ هن طرح ڪندا؛

* حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد جي پروپرائيٽر پاران جويي صاحب کي، سيد جي ہن شايع ٿيندڙ ڪتابن جي حساب ڪتاب وارو وچور سان لکيل خط.

1- جيئن ڏنو آھ مون؛ مصنف ڪوبہ - ڇپائيندڙ؛ ميان نور محمد پليجو
2- جي. ايم. سيد جا ادبي مضمون؛ سهيڙيندڙ ڪوبہ = =
3- جيءُ ايم. سيد جا سياسي مضمون؛ -- -- = =
4- سنڌ جي بمبئي کان جدائيءَ جي تحريڪ؛ مصنف (محقق) = =
5- سنڌ جو ڪلچر؛ مصنف مجذوب = =
6- راشديءَ جا خط؛ جي. ايم. سيد = =
7- شهيدانِ سنڌ ؛ ڪير بہ = =
8- بزمِ صوفياءِ سنڌ ؛ رسول بخش پليجو = =
9- سنڌ جي جديد شاعرن جا چونڊ ڪلام؛ ڪير بہ = =

پيسن جي رسيد ڪنهن ماڻهوءَ هٿان موڪليندا.

رواجي طرح جي ڪتاب منهنجي نالي ۾ ڇپجن تہ پرواھ نہ آهي. ڪاپيون بہ هزار هر هڪ جون هجن. هڪ سَو لاءِ سئو پنو، ۽ وڌيڪ رواجي پني تي.

اميد تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سن
8-4-68

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

5 تاريخ ڪوٽڙيءَ تي انتظار ڪيم پر ڪونہ مليا. پوءِ خيال هوم تہ شايد هتي اچو!- اڄ تائين انتظار هو. هن وقت ساڍا 11 رات جو اوهان جو ماڻهو خط کڻي آيو آهي.

1- ان کان اڳ ڪاغذ ڪالھ سيڪريٽريءَ ڏياري موڪليا. پڇا ڪيم تہ معلوم ٿيو تہ خبر نہ آهي ڪير ڪاغذ ڇڏي ويو هو.

2- ڪتابن ۾ ڪيتريون ڇاپي جون غلطيون آهن. جن لاءِ پلنامي جي ضرورت ٿيندي. مون کي جيڪي ڪاغذ ڪتابن جا اوهان موڪليو تا، ان کان پوءِ ڪونہ تا ملن، جنهنڪري غلطيون گهٽيون ٿين ٿيون.

3- پيسا چار هزار هن وقت رکيل نہ آهن، هفتي کان اندر موڪلي سگھندس. پوءِ جنھن کي چٽي وجو ان کي ڏجن.

4- ڪتاب اوهان کي جملي 9 موڪليل هئا. جن ۾ هڪ سنڌ جي ڪلچر تي هو. ان جو نالو اوهان ڪونہ تا لکو، سلامت آهي يا گم ٿي ويو آهي!

5- بهتر ائين آهي تہ جلد ٻڌڻ کان اڳ ۾ ٻمي ڪتاب مون کي موڪليا وڃن، تہ پلنامو ناهي موڪليان.

امید تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن

22-4-68

محبيم ميان محمد منور(1)

السلام عليڪم- "جيئڻ ڏنو آهہ مون" جو پلنامون تيار ڪري موڪليان ٿو. هاڻ ڪتاب کي مڪمل ڪري، جلد ڇپائڻ لاءِ ڏيندا.

2- باقي ٻن ڪتابن جون ٻميون بہ موڪليندا تہ پلناما تيار ڪري موڪليان، ان لاءِ جلد ڪتاب موڪليندا.

3- 27 تاريخ اندر انشاءَ الله بہ هزار رپيا موڪليندس، وري مئي جي پهرئين هفتي ۾ بہ هزار موڪليندس.

امید تہ خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

ڪوهاٽ

30 اپريل 1968

محترم سائين!

اڄ هتي 28 تاريخ واريءَ اخبار "عبرت" ۾ اوهان جو لکيل خط پڙهيم، جنھن ۾ "عبرت" جي ايڊيٽر ڏانهن لکيو اٿوَ تہ علامہ قاضي صاحب

(1) جويي صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ سنڌس وڏو پٽ منور جويو، سيد صاحب جي ڪمن جي نگراني ڪندو هو. هي خط ان سلسلي ۾ ڪيس لکيل آهي.

مرحوم جي اوهان ڏانهن لکيل خطن جو مجموعو اوهان مرتب ڪيو آهي ۽ اُن جو پيش لفظ ۽ علامہ مرحوم جي حياتيءَ جو مختصر احوال بہ اُن ۾ لکي شامل ڪيو اٿوَ؛ ۽ ان جو تعارف جناب [اي- ڪي] بروهي صاحب ممڪن آهي تہ لکي. اُهو مجموعو شايع ڪرڻ لاءِ سنڌ مان ڪنهن پبلشر جي تيار ٿيڻ لاءِ اعلان ڪيو اٿوَ. جيڪو بہ هزار ڪاپيون ڪتاب جون ڇاپي ۽ وڪڻي، ۽ وڪري سان 33 في سيڪڙو نفعو علامہ مرحوم جي يادگار فند ۾ ڏئي، ۽ ان حالت ۾ اوهان پاڻ اهڙي پبلشر کان 700 ڪاپيون ڪتاب جون خريد ڪري وٺڻ لاءِ تيار آهيو.

منهنجي خيال ۾ هيءَ اوهان جي آڇ ايتري تہ پُرڪشش آهي، جو ڪيترا سنڌيا پبلشر تيار ٿي، اوهان وٽ انهيءَ ڪم لاءِ ايندا. سو مهرباني ڪري، پبلشر جي چونڊ ڪرڻ ۾ احتياط ڪندا تہ جيئن ڪتاب، ڪتاب ٿي نڪري، ۽ اُن جي ڇپائي، پنو ۽ جلدبندي ۽ گيٽ اپ اُن جي شان وٽان هجن. دراصل 700 ڪاپين جي خريديءَ جي قيمت مان ئي هُو 2000 ڪاپين جو خرچ اوهان کان وصول ڪري سگهي ٿو. سو ائين بہ نہ ٿئي، جو ڪتاب ڇاپي، اُن جي قيمت ڳري رکي، اوهان کان سڄو ڪيل خرچ وٺي وڃي. ۽ باقي رهيو 33 سيڪڙو نفعي مان يادگار فند ۾ ڏيڻ، سو پبلشر کي هڪ سَو هڪ منهن آهن نتائڻ ۽ پاڻ ڪيائڻ جا.

منهنجي خيال ۾ هيءُ اعلان اوهان پنهنجي مخلصانہ جذبي ۽ قاضي صاحب مرحوم سان محبت جي ناتي جي اثر هيٺ ڪيو آهي. سو اوهان کي صد مبارڪ هجي. پر منهنجي خيال ۾ ان مان مقصد جي پرپور پورائي شايد نہ ٿئي. اُن جي عيوض هيٺ ٻي تجويزون، آءٌ پيش ٿو ڪريان، تن تي مهرباني ڪري ڌيان ڏيندا؛

(1) اهو ڪتاب ادبي بورڊ وارن کي ڏيو تہ اُهي ڇاپين. اوهان پلي 500 يا 700 ڪاپيون ڪانئن خريد ڪري وٺندا- پنهنجن دوستن، واقفڪارن ۽ علم دوست صاحبن کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ. ادبي بورڊ جي ناشر ٿيڻ ڪري، جيڪي بہ قباحتون مٿي مون بيان ڪيون آهن تہ ڪنهن خانگي ناشر هٿان سرزرد ٿي سگهن ٿيون، سي ڪونہ سرزد ٿينديون.

(2) اوهان پاڻ پنهنجي خرچ تي 2000 ڪاپيون ڇاپائي، پنج ست سؤ

ڪاپيون مفت تحفي طور پيش ڪري، باقي ڪاپيون ڪنهن ڪتب فروش کي پنجاهہ في صد ڪميشن تي وڪري لاءِ ڏيئي ڇڏيو، ۽ هن وٽان جيڪي پئسا اوهان کي وصول ٿين، اُهي علامہ مرحوم جي يادگار فند ۾ ڏيارينداِ.

(3) جناب بروهي صاحب ضرور علامہ مرحوم جي بين مسودن جي تاليف ۽ ترتيب ۽ اشاعت لاءِ ڪونہ ڪو پڪو پختو بندوبست ڪرڻ جو خيال ڪندو هوندو. اهو ڪتاب پڻ اُن تنظيم ۽ انتظام هيٺ ڇپجي ۽ شايع ٿي سگهي ٿو. اُن بابت جناب بروهي صاحب سان صلاح مصلحت لازمي بہ آهي ۽ مناسب بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ بروهي صاحب جيڪڏهن علامہ مرحوم جا حقيقي جاءِ نشين آهن، تہ اوهين، اسين ۽ سنڌ جا ٻيا گهڻيئي علم دوست، جيڪي علامہ جا شائق ۽ عقيدتمند آهيون، تن سيني جو اهو فرض ٿئي ٿو تہ جناب بروهي صاحب جي، صلاح مشوري ڪان وٺي، ٻي هر طرح جي مدد ۽ پنيرائي ڪيون، تہ جيئن علامہ مرحوم جو يادگار بہ قائم ٿي سگهي. پر اُن ڪان وڌيڪ سنڌن ۽ سنڌن اهليہ مرحومہ جا تصنيف ۽ تاليف ٿيل مسودا طباعت ۽ اشاعت هيٺ اچن، ۽ اُن لاءِ ڪا رٿا نشر اشاعت جي جُڙي سگهي، ۽ اُن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏجي.

سائين منهنجا، آءٌ هتي نهايت خوش آهيان، صحت گهڻي قدر ٺيڪ رهي ٿي. جون مهيني جي 25 تاريخ ڪان ٻہ مهينا وئڪيشن تي حيدرآباد ٻارڙن سان گڏ گذارڻ جو موقعو ملندو. اوهان کي اتان جي معاملن جي پارت هجي. منور ڪان وقت بوقت ماڻهو موڪلي، حال احوال وٺندا ڪريو، ۽ ڪين ڪا تڪليف يا ڪا ڳالهہ درپيش هجي تہ اُن جو وسان تدارڪ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا.

اسان جي ڳوٺ آباد جي زمين لاءِ عزيزم امداد محمد شاهہ صاحب ڪوشش ۾ لڳل هو. ڪيس وري بہ يادگيريءَ طور چوندا تہ اُن ڏس ۾ ڪوشش ڪري تہ جيئن ويچارن ماڻهن کي ڪا تڪليف درپيش نہ اچي.

پير علي محمد راشديءَ علامہ مرحوم تي ڏاڍو دل ٻيڇائيندڙ مضمون اردوءَ ۾ اخبار "جنگ" جي 29- تاريخ جي پرچي ۾ شايع ڪيو آهي. ڪالهہ اهو مضمون پڙهيم. اڄ اُن جو سنڌي ترجمو ڪري، اخبار "عبرت" ڏانهن موڪليو اٿم. من ڪا چڱي پوين ۽ ان کي شايع ڪن.

3- منهنجي سوانح جو ڪتاب شيخ صاحب جي تعارف سان
4- منهنجا ادبي مضمون.

قاضي صاحب جي خطن جو ڪتاب انگريزيءَ ۾ به ڇپائبو. امداد کي ڪم سپرد ڪيو اٿم ڏسان ڪهڙيءَ طرح ان کي جلد ۽ بخوبي سرانجام ڪري ٿو.

6- گهڻا ڏينهن گذري ويا آهن، ڪنهن ڏينهن هتان ٿي ويندا. ستار شيخ به ڪونه آيو آهي، ان سان گڏجي ايندا يا ٻيءَ طرح لاريون روز 4 دفع حيدرآباد مان اچن ٿيون.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سن
26-7-68

برادرم ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم:

خط ۽ مضمون پهتو – مضمون کي ڏسي واپس ڪريان ٿو. اميد ته اوهان جناح صاحب جي تقرير انگريزي اصل تان ورتي هوندي.

پلي اهو پمفليٽ سني پني تي سني ڪور سان ٻه هزار ڪاپيون ڇپائي ورهايو. ڪجهه مون ڏي به موڪليندا پاڪستان جي جملي اخبارن کي موڪلڻ گهرجن. مهاجر، غير سنڌي ۽ سنڌي ماڻهن کي ڏيارجن. حفيظ قريشيءَ سان اوهان ڳالهه ڪئي هئي ته فوٽي سان ڇپائڻ جو خيال آئو– رات هو مليو هو.

2- ماستر غلام قادر محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي پريس ۾ ويو هو. تنهنجي پٽ چيس ته ڪتاب تيار هو باقي 8 صفحا رهيل هئس، جي جلد تيار ڪندا. ڪين تاڪيد ڪري ان ڪتاب کي ڪيرائيندا. ماستر کي ڏيپلائي وٽ تاڪيد لاءِ وري موڪليندا.

3- منهنجي سوانح بابت ڪتاب لاءِ اوهان کي ٻڌايو هوم ته ميان محمد امين خان کوسه کي تعارف لاءِ موڪليو هوم. ان اڄ تعارف ۽ ابتدايه ۾ ڪجهه درستيون لکي موڪليون آهن. جيئن ته هي محب ماڻهو آهي، هن محنت ڪئي آهي، ان ڪري اهو ڪتاب سندس تصنيف ڪري ڇپارائيندا– شيخ

صاحب کان وري ڪنهن ٻئي ڪتاب جو تعارف ڪرائبو. سندس سمورو لکيل مواد موڪليان ٿو. پاڻ چيو اٿس ته تمام ٿوريءَ درستيءَ جي اجازت آهي. ان ڪري گهٽ۾ درستين کان سواءِ مناسب ترميم ڪري يڪدم ڇاپي لاءِ ڏيندا. پبلشر پلي وڏيرو نور محمد پليجو هجي.(1)

4- امداد سپائي ڪراچيءَ ويندو، اڳاري ڏائين اتي هوندو. جي اوهان ان وقت ڏاري اُتي ڪيس ملندا، ته قاضي صاحب جي خطن واري ڪتاب جي تعارف لاءِ بروهيءَ کي ڏيئي پڇندو ته هو تعارف لکڻ لاءِ تيار آهي يا نه. امداد جو چوڻ آهي ته قبول ڪيو اٿس؛ پر وري سارو مدار سندس مصلحتن تي مدار رکي ٿو. امداد کان منهنجو سنو فوٽو به ڪراچيءَ ۾ وٺندا نه ته حسام الدين شاهه وٽ ڪيترائي آهن. بس وٺي، "سوانح" لاءِ ڪتب آڻيندا.

5- "سنڌ جي جدائي" جا چار پنج سو ڪتاب، جيترا اتي گهرجن، رکندا ۽ ورهائيندا يا ڪتب فروشن کي ڏيندا. باقي مون ڏي موڪليندا ته مائهن هتان ساريءَ سنڌ ۾ ٻاهر موڪلڻ جو انتظام ڪريان.

6- حشو ڪولراماڻيءَ کي "جنب گذاريم جن سين" وٺي رجسٽرڊ بوڪ پوسٽ ڪرائي موڪليندا. ڪيس چوندا ته انگريزيءَ ۾ ڪري، اُتي ڇپارائڻ جو انتظام ڪري.

"جديد سياست..." ڪتاب جي ضبطيءَ خلاف رٽ پٽيشن هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي اٿئون. گهٽو ڪري ضبطيءَ جو آرڊر لهندو. نه ته به هڪ صفحو ضبط ڪيل آهي ان کي هتان ڪڍي انگريزيءَ ۾ ڪري پوءِ به ڇپائي سگهبو. وڌيڪ ان بابت حفيظ قريشيءَ کان حال معلوم ٿيندو.

7- پريسن مان ڪتابن ڇپائڻ لاءِ ڪهڙو مشورو بيٺو!

اميد ته خوش و خرم هوندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

حيدرآباد سنڌ

7-12-1975

محترم عزيز سائين، خوش هجو شال!

السلام عليڪم؛ عرض ته ڇپائيءَ هيٺ ڪتاب کي جلد کان جلد شايع

---

(1) اهو ڪتاب "سنڌ جو سيد" عنوان سان شايع ٿيو، جنهن جو پبلشر سيد امداد محمد شاهه هو.

ڪرڻو آهي. اسان جو بزرگ دوست اوهان وٽ اڳيئين آچر تي آيو هو، پر خالي موٽي آيو. اسان وٽ يا منهنجي ڪنهن ٻئي دوست وٽ پيسو ڪونهي، جو ٿورن ڏينهن لاءِ بہ ڪٿي هن ڪم ۾ سيڙائجي. مهرباني ڪري باقي رهيل پئسا ڪنهن ماڻهوءَ هٿ ڏينهن ٻن ۾ ڏياري موڪليندا تہ جيئن عيد کان اڳ ڪتاب جي ڇپائي پوري ڪري، ڪتاب کي پڌرو ڪيو وڃي.

"اچ پڻ چڪيم چاڪ" جو سڄو مسودو پڙهي ڇڏيو اٿم. ڪن هنڌن تي مضمون جي صحت لاءِ تصديق ڪرڻي پوندي، ۽ اُن لاءِ اصل خطن کي ڏسڻو پوندو. هيءُ ڪتاب اسان جي سوسائٽي ڇاپڻ لاءِ تيار آهي. انهيءَ طريقي سان جيئن روبرو عرض ڪيو هوم ۽ اوهان ڳالهہ کي ٻيهاريو هو. وڌيڪ ان سلسلي ۾ خدمت ۾ روبرو عيد کان پوءِ حاضر ٿي عرض ڪندس.

في الحال ڇپائيءَ هيٺ ڪتاب جي ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپي، ۽ اُن لاءِ جيئن عرض ڪيو اٿم، اُن جو مهرباني ڪري تدارڪ ڪندا.

والسلام
اوهان جو
محمد ابراهيم

ڪراچي سنڌ
20-7-77

جناب من محترم محمد ابراهيم جويا

السلام عليڪم.

آءُ نهايت شڪر گذار رهندس جيڪڏهن اوهان مون کي جيترو جلد ٿي سگهي شرف ملاقات بخشيندا.

هن وقت آءُ طبيعت بي خوشيءَ جي ڪري جناح اسپتال ۾ داخل آهيان.

والسلام
خير انديش
غلام مرتضيٰ

ائڊريس:
دل جي بيمارين جو شعبو، جناح اسپتال،
فلور نمبر 2، ڪمرو نمبر 227، ڪراچي سنڌ

حيدرآباد سنڌ
15-9-1978

محترم عزيز سائين

گهڻي ادب ۽ نياز سان عرض تہ پنهنجي سوسائٽيءَ جو هي هڪڙو ننڍڙو ڪتاب "ڳالهيون من اندر جون" موڪليان ٿو. اوهان جو ڪتاب "خطن جو مجموعو" پريس ۾ موڪليو اٿم ۽ اميد تہ ٽن چئن مهينن ۾ ڇپجي ويندو. آءٌ ايڏانهن نٿو اچي سگهان، سو انهيءَ ڪري جو بس جي سفر کان ڪيبايان ٿو. ڊاڪٽرن چيو آهي تہ اهڙي سفر کان پرهيز ڪجي، جنهن ۾ تڪڙ، پريشانيءَ يا خوف جا حالات هجن. بهرحال ڪوشش ڪري هن مهيني جي آخر ڌاري محمد حسين پنهور سان گڏجي اوهان جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندس.

ٻيو سڀ خير – اميد تہ اوهين هر طرح خوش چڱا ڀلا هوندا. ٻيو ڪو حڪم احڪام منهنجي لائق هجي، تہ آءٌ هر گهڙيءَ حاضر آهيان.

"جديد عالمي سياست" ڪتاب بابت اڳريمينٽ جو ڪاغذ موڪليان ٿو، اُن تي صحيح ڪري واپس مون ڏانهن موڪليندا، تہ اوهان جو احسان.

زياده خير والسلام
اوهان جو
محمد ابراهيم

سن
3-11-81

برادرم عزيز ميان محمد ابراهيم صاحب

السلام عليڪم: آئينده خط جو روبرو ايندو، احوال ڪندو ان جي هتي الامڪان مدد ڪندا هي دعا ڪندو.

2- ڪتاب جو ڇا ٿيو، "دلاسي دوستن جي سيءَ سڪائي ڪل"

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سن
11-11-82

برادرم عزيز ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛

ڪن ضروري مسئلن تي گفتگو ڪرڻ لاءِ ضرورت پئي آهي تہ 16 نومبر 1982 کان اڳ ملجي. آءٌ نهايت مهرباني ڄاڻندس جيڪڏهن اوهان ان وچ يا ان آخري تي ڪجهہ وقت لاءِ هتان ٿي ويندا.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن
29-9-84

برادرم عزيز ميان محمد ابراهيم

السلام عليڪم؛ هي ڪتاب موڪليان ٿو نظر مان ڪڍي، درست ڪري وڌائي ترميم ڪري، ٿي سگهي تہ نئين سر لکي موڪليندا تہ مهرباني.

2- ڇپجڻ واري ڪتاب جو ڪهڙو حال ٿيو. پيسن جي ضرورت هجي تہ لکي موڪليندا تہ موڪليان.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

29-9-84

محترم و مڪرم سائين

اوهان جو نوازش نامو مليو. ڪتاب جو مسودو بہ مليو. حڪم موجب پيروي ڪندس. پنجن ستن ڏينهن ۾ اُن کي پڙهي، اوهان کي اطلاع ڏيندس تہ ڪيترن وڌيڪ ڏينهن ۾ ان تي گهربل ڪم جي پورائي ڪري سگهندس. اوهان جو ڪتاب سياستدانن جي خطن وارو هاڻي اچي پورو ٿيڻ تي بيٺو آهي. ڇهن نوٽبڪن مان پنج نوٽبڪ مواد جا ڇپجي ويا آهن. آخري نوٽبڪ جي ڇپائيءَ جو ڪم هلي رهيو آهي. وڌيڪ پئسن جي ضرورت ڪتاب جي بائينڊنگ لاءِ پوندي. نومبر مهيني جي پهرئين هفتي ڌاري اوهان ڏانهن اُن بابت لکي عرض ڪندس.

اميد تہ اوهين هر طرح خيريت سان هوندا.

زياده خير والسلام

اوهان جو خادم

محمد ابراهيم

4-12-1984

محترم سائين - شال خوش هجو

اوهان جو ڪتاب "ڪجھہ خط - سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن جا" خير سان اچي پورو ٿيو آهي. هن مهيني جي پوين تاريخن ۾ اوهان کي پيش ڪري سگھندس.

ٻيو ڪتاب اوهان جو ترجمي لاءِ هٿ ۾ ڪونہ ڪنيو اٿم.(1) ترت ڪنهن موقعي سان اُهو ڪم بہ ڪندس خاطري ڪندا.

اوهان جو دعاگو

محمد ابراهيم

ڪراچي

29-8-87

برادرم عزيز ميان محمد ابراهيم خان جويو

السلام عليڪم: مولوي ميان عزيز الله صاحب - ميان محمد امين مرحوم جي خاص دوستن مان آهي. ان (محمد امين خان) جي ڇپيل ڪتاب جلد پهرئين [واڄٽ ويراڳين جا] جون 20 ڪاپيون ڪيس ڏيندا ورهائڻ لاءِ.

زياد خير والسلام

غلام مرتضيٰ

●●●

---

(1) اهو اشارو "سنڌوديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" ڪتاب جي انگريزي ترجمي طرف آهي، جيڪو پوءِ "Sindhu Desh: Nation in Chains" عنوان سان ترجمو ٿيو ۽ ڇپيو.

# جي. ايم. سيد:
# سندس سياسي فڪر

- سنڌ جي تاريخ جو اڻويهہ سَوَ ستر وارو ڏهاڪو
(قومي ۽ وفاق پسند سياست جي مباحثي جو هڪ دفاعي پاسو)
- قومي يڪجهتيءَ لاءِ معقول صلاح

سيد مراد علي شاهہ جي قتل جو سانحو ۽ سيد خاندان

جي. ايم. سيد ۽ پاڪستان جو تصور

- پاڪستان جو نهراءُ، جيئن اهو 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ بحث هيٺ آيو

برطانوي راڄ هيٺ 1937 کان 1947ع تائين سنڌ کي مليل خودمختياريءَ تي هڪ نظر

- جي. ايم. سيد: سندن سياسي فڪر جو تجزيو
- ضميمو: ”جنب گذاريم جن سين“ بابت ”پڇا“ جي ڳالهہ

# سنڌ جي تاريخ جو اٿوبهہ سَو سنر وارو ڏهاڪو

## (قومي ۽ وفاق پسند سياست جي مباحثي جو هڪ دفاعي پاسو)*

مناظري بازيءَ جو مرض رڳو ملن ۾ ئي ڪونہ تو ٿئي، پر ڪيترائي نئين روشنيءَ وارا ۽ انقلابي فڪر جا دعويدار بہ اُن ۾ ورتل ٿين ٿا. هن مرض جا آثار هي تا ٿين؛ پنهنجيءَ ڪوڙيءَ ڳالهہ کي سچو ڪرڻ، ۽ ٻئي جي سچيءَ ڳالهہ کي ڪوڙو ڪرڻ. اُن لاءِ هنن کي لفظن سان راند ڪرڻي پوي ٿي. منجهانئن ڪي لفظن جي هن راند ۾ بنهہ ماهر ۽ استاد ٿين ٿا. ڳالهہ کي مروڙو ڏيڻ، ڳالهہ جو وڌاءُ ڪرڻ، ڳالهہ کي ڪاٽي وجهڻ، دليان ڳالهہ ناهي اُن ڳالهہ جي متان بي ڳالهہ ناهڻ ۽ اٿين ڳالهہ متان ڳالهہ بيهاري وجي چيهہ ڪرڻ- مناظري بازيءَ جا اهي گر ٿين ٿا، جن ڪان سواءِ هو وک بہ اڳتي ڪٽي نٽا سگهن. هو جيڪا ڳالهہ ڪندا سا بنهہ زور سان ۽ جوش سان ڪندا، سنوان سيبتا ۽ ڏنا وائنا ڪوڙ هڻندا، پٽنا پٽيندا ۽ گاريون ڏيندا- پر اُنهن جو الزام مخالفن تي هڻندا تہ جيئن پاڻ معصوميت ۽ مظلومت جو سانگ رچائي سگهن. لفاظي ايتري، جو ڳالهائيندي ڳالهائيندي، نڙي ويهي ويندين، ۽ ان وچ ۾ ڪو اشراف ڪنن تي هٿ ڏيئي ويهي رهيو يا پنهنجي راهہ سان ويندو رهيو، تہ هو پاڻ کي اٿين ويسهہ ڏيئي خوش ٿيندا تہ ميدان ماريو اٿن- ۽ پوءِ پنهنجيءَ ڪوڙيءَ ڳالهہ تي اڳي کان بہ وڌيڪ ضد مضبوط ڪري، سچيءَ ڳالهہ جي ٻڌڻ ۽ قبولڻ کان پاڻ کي زرهہ بند ڪري؛ پنهنجي قسمت کي پنهنجي ڪوڙ سان واڳي، ويهي رهندا. هٺ ڌرمي ۽ اعتقاد جو انت انهيءَ کي چئبو آهي، ۽ اُن ۾ حيا، مروت، سچ جي سچائپ ۽ سچين ڳالهين کي ڏسڻ جي فقط دعوا رهي ٿي، باقي اُنهن جو لحاظ ۽ اُنهن تي عمل مناظري بازيءَ جي مرض ۾ نہ رڳو منع آهي پر ممڪن بہ ڪونهي.

---

* هي مواد "اڳتي قدم" پبلڪيشن جنوري 1975ع جي پرچي ۾ اختر ڪاڪيپوٽو جي نالي "انقلابي مُلي جو سياسي پوسٽ مارٽم" عنوان سان شايع ٿيو هو.

آءٌ حيرت ۾ هوندو هوس تہ مذهبين ۽ انقلابين جي وچ ۾ اها مناظري بازيءَ جي ساڳي علت ڪيئن ٿي پيدا ٿِي سگهي! قرآن ۾ هٺ ڌرم ۽ اعتقاد جي انڌ ۾ ورتل شخصن لاءِ چيل آهي تہ 'هو اکين ڪان انڌا ۽ ڪنن ڪان ٻوڙا آهن ۽ هنن جي ذهن جون تاڪيون بند آهن' - يعني هو حقيقتن کي نہ ڏسي ٿا سگهن نہ ٻڌي ٿا سگهن ۽ نہ ويچاري ٿا سگهن. آءٌ سوچيندو هوس تہ هي انقلاب جا دعويدار، جيڪي سڄو وقت حقيقتن کي ڏسڻ، جانچڻ ۽ پرکڻ جو ورد ڪندا رهن ٿا ۽ اتندي ويهندي اُن جي عام دعوت ڏيندا رهن ٿا، اُهي ملن وانگر اهڙا 'مناظري باز' ڪيئن ٿي ٿا سگهن! سچ پچ تہ مناظري بازي بہ هڪ پيشو آهي-- مذهبن ۾ تہ مختلف فرقا پنهنجا پنهنجا مناظري باز، خاص تعليم ۽ تربيت ۽ مشقي عمل وسيلي، پيدا ڪندا آهن (وٽن مناظري بازي هڪ خاص علم آهي، جنهن کي هو 'علم ڪلام' چون ٿا)-- ۽ اُهو واندن ۽ نڪمن ملن، پادرين ۽ برهمڻن جي مستقل مفاد جي بچاءَ ۾ هٿيار طور استعمال ٿئي ٿو. چا، انقلابي فڪر جي دائري ۾ بہ ڪو مستقل مفاد پيدا ٿي سگهي ٿو، جنهن جي بچاءَ ۾ مناظري بازيءَ جي هٿيار جِي، يعني سچ کي ڇڏي ڪوڙ کي ڇهڻ جِي، ضرورت پيش اچي! جواب آهي تہ "هائو، انقلابي فڪر جي دائري ۾ سڀ وقتي انقلابي ملو اهڙوئي واندو ۽ نڪمو ۽ استحصالي مستقل مفاد آهي، جهڙو مذهبي فڪر جي دائري ۾ مذهبي ملو، ۽ ان انقلابي ملي کي، مذهبي ملي وانگر، پنهنجي ذاتي يا پنهنجي گروهي مستقل مفاد جي بچاءَ لاءِ حقيقتن کي مروڙڻ، نظرانداز ڪرڻ ۽ وهمي ۽ تصوراتي حقيتن جي دنيا پيدا ڪري، ان ۾ مطمئن ٿي ويهي رهڻ جي ضرورت، ۽ اشد ضرورت، پيش اچي ٿي-- ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي مذهبي ملي جهڙو ميڏو، ٻٽاڪي، بي لحاظو ۽ همہ دانيءَ جي هٺ ۾ ورتل مناظري باز ٿيڻو پوي ٿو. انقلابي فڪر جو هڪڙو امام، اينجلس، 5 جون، 1890ع تي، پال ارنيسٽ نالي هڪ جرمن نقاد ۽ ناٽڪ نويس ڏانهن پنهنجي هڪ لکيل خط ۾، فرمائي ٿو تہ "جيڪڏهن جدلياتي ماديت کي تاريخي تحقيق لاءِ رهبر اصول طور ڪم آڻڻ بدران هڪ تهيل تڪيل سانچو يا قالب ڪري ڪم آڻبو، جنهن ۾ تاريخ جي حقيقتن کي پنهنجي مرضيءَ ۽ مفاد پٽاندر موڙي مروڙي ٺهڪائي سگهجي-- تہ اهو ڦري جدلياتي روحانيت جو طريقو ٿي پوندو." مذهبي ملي

۽ انقلابي ملي جي مناظري بازيءَ يعني هنن جي ذهني ساخت ۽ طريقي ڪار جي هڪجهڙائيءَ جو اهو ئي راز آهي.

هيستائين اسين مذهبي ملي جي مناظري بازيءَ جا شڪار هئاسين. وطن – دوست سنڌي اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن تي سنڌ دشمن قومن ۽ طبقن جي ايجنٽن يعني انهن جي 'شريعت ۽ طريقت' جي ڄاڻن، ملن، مفتين ۽ قاضين، پيرن ۽ مشائخن، جاسوسن ۽ چغلبازن پنهنجي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن توڙي عريضين ۽ رپورٽن وسيلي جيڪي وار ڪيا، اُهي ڪنهن کان ڳجها ڪين آهن. اڃا تائين بہ اُهي وار متن ٿيندا رهن ٿا. اسان جا محب وطن ساٿي ڪي جيل ۾، ڪي نظربند، ڪي زير زمين، ڪي خاموش، ڪي حيران ۽ ڪي پريشان انهن وارن کي سهندا، سانارينداا، پنهنجي پاڪ زمين جي نجات لاءِ پنهنجي سک آهر ۽ پنهنجي پهچ آهر ڪم ڪندا ٿا رهن ۽ پنهنجي جدوجهد کي نہ رڳو قائم رکندا اچن ٿا بلڪ ايترو ان کي بااثر ڪري سگهيا آهن، جو سنڌ دشمن قومون ۽ طبقا اڃا انهن تي ئي پنهنجن قلمن جا منهن تائيو ۽ سنگينن جا نشان پڪيو بيٺا آهن.

پر اڄ اُنهن مذهبي مناظري بازن سان گڏ، سنڌ جي وطن دوست جدوجهد کي سنڌ دشمن قومن ۽ طبقن جي نون ايجنٽن، جيڪي پاڻ کي عوامي ۽ سوشلسٽ سڏين ٿا، تن جا، ۽ انهن ايجنٽن جي ايجنٽن جا وار سهڻا پون ٿا، جيڪي پاڻ کي اصلي ۽ وڏا انقلابي چون ٿا ۽ مناظري بازيءَ ۾ پاڻ کي يڪتا ۽ وٽ کان ٻاهر ٿا سمجهن.

هن انقلابي مناظري بازيءَ جي ڪجھ تاريخ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي، تہ جيئن ان جي زور ۽ ۽ رسائيءَ جي خبر پئجي سگهي. دعوا هيءَ ٿي ڪئي وڃي تہ "ويھ سال اڳ جڏهن مرحوم حيدر بخش جتوئي قمبر – شهدادڪوٽ تڪ مان نواب غيبي خان جي پوٽي جي سامهون اميدوار بيٺو هو، تڏهن بہ (هن) 'تحريڪ' جا ڪارڪن وقت سر پڌرا ٿي پيا هئا" (رسالو "تحريڪ"، سيپٽمبر 1974ع)–– يعني هئا تہ ان کان بہ اڳ ميدان ۾، پر پڌرا تڏهن بہ ٿي پيا هئا. هيءَ 'تحريڪ' جي ڪارڪنن جي پڌرائيءَ جي دعوا پوءِ ويندي هيلتائين سنڌ جي هر چڱيءَ ڳالھ جي سلسلي ۾، مناظرائي انداز سان، ائين ڪئي ويئي آهي، ڄڻ اُها چڱي ڳالھ هئي ئي 'تحريڪ' جي

ڪارڪن جي دم قدم سان! رسالي "تحريڪ" ۾ اِهو مضمون اداري طرفان آيل آهي. دنيا کي خبر آهي تہ "تحريڪ" جي ادارت ڪامريڊ رسول بخش پليجو سنڀالي ٿو. ڪامريڊ کي جيڪي سچائن تا ۽ جن کي سندس سياسي دعوائن جي ڄاڻ آهي، جيڪي هو پنهنجي انداز ۾، ضرورت سارو، ڪندو آهي، تن کي اهو مضمون پڙهي ضرور تعجب ٿيو هوندو تہ هن اها دعوا ڇو نہ ڪئي تہ سنڌ ۾ مسلم ليگ بہ "تحريڪ جي ڪارڪن" يعني سندس پنهنجي ذات انقلاب صفات جي پٽري ٿيڻ سان پٽري تي سگهي هئي ۽ پاڪستان بہ ائين سندس ئي 'تحريڪ' سبب سنڌ ۾ قبوليو ويو هو- ڇو تہ مسلم ليگ جي سرگرم ڪارڪن هئڻ جي دعوا هو، موقعي تي ۽ وقت سر، ڏاڍي انقلابي اعتماد سان هوتئن ڪندو ئي رهندو آهي. پر رسالي "تحريڪ" جي اِن مضمون ۾ پاڻ اِنهيءَ دعوا پيش ڪرڻ کان مڙي ويو، سو شايد رڳو انهيءَ ڪري، جو آگسٽ جي پرچي ۾ نظر قيصرانيءَ جي نالي ۾ "خط جو جواب" لکندي، محترم جي. ايم. سيد کي "يوپيءَ جا وڏيرا، جاگيردار وٽي، سنڌ کي هندو ڪافرن ۽ انگريزن کان آزاد ڪرائڻ ۽ پاڪستان ناهڻ" جو ملزم ٺهرائي چڪو هو. سو، اهو ساڳيو الزام پنهنجو پاڻ تي هئڻ هن موقعي تي هُن مناسب ۽ ضروري نہ سمجهيو. بهرحال 'تحريڪ' جا ڪارڪن 20 سال اڳ، يا ڪامريڊ رسول بخش جي پٽري ٿيڻ کان بہ اڳ، پٽرا ٿي چڪا هئا يا نہ، پر 'تحريڪ' جي باني پريزيڊنٽ يا ڪنوينر محترم حفيظ قريشيءَ جي چوڻ مطابق خود اها 'تحريڪ' 1970ع ۾ ئي وجود ۾ آئي هئي-- يعني ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي قمبر واريءَ چونڊ واري سال کان 15 سال پوءِ! ۽ خود رسالو "تحريڪ" تہ ان کان بہ بہ ادائي سال پوءِ جي پيداوار آهي-- ان جو پهريون پرچو 1973ع جي وچ ڌاري مس شايع ٿي سگهيو هو.

خود ڪامريڊ رسول بخش پليجي جي سياسي عمر بہ سندس 'تحريڪ' جي عمر کان ڪا گهڻي وڌيڪ ڪانہ آهي. ان کان اڳ هو ڄاڻو برابر هو، پڙهيوبرابر هو، ايري سيري وڪالت برابر ڪئي هئائين، ۽ هڪ ذهين ۽ هوشيار نوجوان جي حيثيت ۾ وقت جي سياسي ۽ ادبي شخصيتن ۽ تنظيمن سان رليو مليو برابر هو ۽ انهن جي ڪم ڪار ۾ ڪجهہ دلچسپي ۽ ڪجهہ حصو ضرور ورتو هئائين- پر سندس حال مست طبيعت ۽ ذاتي معاملہ

پير پاڳارو ۽ ڀيو ڀٽو صاحب، جو تہ اهي پاڻ کي سنڌ کان وڏو ۽ مٿي سمجهن ٿا. ائين چئي، سيد صاحب جناب حفيظ قريشيءَ ۽ پليجي صاحب کي چيو تہ جيئن هو ٻين سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ۽ ليڊرن ڏانهن محاذ ناهڻ لاءِ زباني پيغام موڪلي رهيو آهي، تيئن جناب ڀٽي صاحب ۽ پير پاڳاري ڏانهن محاذ جي ٺهڻ ۽ ان ۾ شرڪت ڪرڻ جو پيغام ۽ دعوت پليجو صاحب ۽ قريشي صاحب پاڻ کڻي وڃن. قصو ڪوتاهہ جڏهن ان سلسلي ۾ ڳالهہ ٻولهہ لاءِ سڄيءَ سنڌ جا سياسي ڪارڪن ۽ ليڊر گڏ ٿيا، تہ ان ۾ نہ قريشي صاحب، نہ پليجو صاحب، نہ پير صاحب پاڳارو ۽ نہ ئي جناب ڀٽو صاحب شريڪ ٿي سگهيا. اڳتي هلي آگسٽ 1969ع جي شروع ۾ محاذ جي اڳواڻ ڪارڪنن جو ميڙ محترم جي. ايم. سيد صاحب ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايو، جنهن ۾ ڪامريڊ پليجي پنهنجن ڪجهہ ساٿين سان گڏجي محاذ ۾ ڪهڙي ۽ راشديءَ جي شرڪت جي سوال تي، گهٽو وڳوڙ پيدا ڪيو. سيد صاحب ميڙ ۾ ٽي تجويزون رکيون: (1) سيد صاحب استعيفا ڏئي ۽ ڪوبہ ٻيو اڳواڻ چونڊيو وڃي، جنهن جي پوئلڳيءَ ۾ سيد صاحب بہ ٻين سان گڏجي ڪم ڪري؛ (2) سيد صاحب کي بہ مهينا سندس پنهنجي راءِ تي هلڻ ڏجي؛ يا (3) جن کي اختلاف آهي، سي الڳ ٿي وڃن. پليجو صاحب پوئين ڳالهہ تي لڳي، پنهنجي ساٿين سميت سيد صاحب جي محاذ کان الڳ ٿي ويو.

ترت ئي پوءِ يحيٰ خان طرفان عام چونڊن جي اعلان ٿيڻ سان، ڪامريڊ پليجي هڪ مضمون "سيد ۽ ڀٽو" جي عنوان هيٺ لکيو، جيڪو هن جي مناظري باز طبيعت کي سمجهڻ لاءِ اڄ بہ هڪ سنئين سڌي ۽ صاف سبق جي حيثيت رکي ٿو. هن مضمون ۾ پليجو صاحب سيد ۽ ڀٽي جو ذڪر هن جملي سان شروع ڪري ٿو: "في الحال سنڌي سياست معنيٰ وڏن زميندارن جي تقريري، تحريري ۽ اليڪشني سياست؛ ان ۾ ٻن ماڻهن نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي-" يعني سيد ۽ ڀٽو. سيد صاحب کي پوءِ هو "هند - پاڪ جو ڦريون نظرياتي عالم" سڏي ٿو، "جنهن ڪانگريس ۽ ليگ تي ڇانيل يو پي ۽ پنجاب جي وڏن صوبن جي هندو مسلمان جاگيردارن، سيٺين ۽ نوابن طرفان پنهنجي مطلب لاءِ گهڙيل جملي قومي نظرين جي علمي ۽ سائنسي آپريشن ڪري، ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هندستان توڙي پاڪستان ۾ هڪ يا بہ نہ پر

گهٽيون قومون رهن ٿيون...“ پليجي صاحب جي چوڻ موجب، ”جي. ايم. سيد انهيءَ نظريي جي بنياد تي خود قائداعظم محمد علي جناح جهڙي پهاڙ جيڏي سياسي طاقت، جنهن جي مقابلي ۾ فيلڊ مارشل ايوب جي بعد ۾ حاصل ڪيل طاقت به هيچ هئي، تنهن جي مخالفت اڳيان به ثابت قدم رهيو ۽ انهيءَ لاءِ هو هر قسم جي سختي سهندو رهيو آهي. هو سنڌ جو پهريون وڏو زميندار آهي، جنهن پنهنجي خيالن ۽ نظرين کي ڪنهن به لوڀ ۽ لالچ، ڊپ ۽ خوف سبب ڪڏهن به ترڪ نه ڪيو آهي ۽ سڄي زندگي پنهنجي وطن سان وفادار ۽ وقف رهيو آهي. نظرياتي ۽ اليڪشني سياست جي ميدان ۾ هو سنڌ جو پهريون منصور آهي.“ اُن کان پوءِ پليجو صاحب سيد صاحب جي ٻن ٻين اهڙن ئي ”قومي نظرياتي ڪارنامن“ جو ذڪر ڪيو آهي-- هڪڙو ”سنڌ جي موجوده قومي تحريڪ کي سنڌ جي تاريخ ۽ ادب سان ملائي هڪ ڪرڻ.“ ۽ ٻيو ”اسلام جي بنيادي طور عوام دوست، جمهوري ۽ انصاف پسند نظرئي تان اُموي – عباسي دور کان وٺي چڙهندڙ سامراجي سلطنت شاهي، عوام دشمن ۽ قومن جي وجود کان انڪار جي چاڙهيل ڪٽ لاهي، ان کي ظالمن جي هٿيار بدران مظلوم ماڻهن، طبقن ۽ مظلوم قومن جو حامي ثابت ڪري ڏيکارڻ.“ آخر ۾، سيد صاحب جي سياسي ڪردار متعلق، نتيجي طور، پليجو صاحب فرمائي ٿو ته ”سيد جو بنيادي نظريو انقلابي، پر اُن تي عمل جو طريقو دقيانوسي ۽ مدي خارج آهي [يعني، آهو ’محلاتي، اليڪشني ۽ وڏيرڪو‘ آهي.] هو هن وقت پاڪستاني سياست جي ڊپلومئٽڪ مورچي تي ون يونٽ خلاف ڪم پيو ڪري...“

اُن ساڳيءَ وڏن زميندارن جي ”تقريري، تحريري [يعني، محلاتي] ۽ اليڪشني سياست جي ٻئي ماڻهوءَ، جناب پٽي صاحب، لاءِ پليجو صاحب مضمون ۾ لکي ٿو ته ”پٽي جي سياست جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هن کي بنيادي طور سنڌيت ۾ ايمان ڪونه پئي رهيو آهي، بلڪ هن اُن کي مدي خارج، ڄٽائي، نقصانڪار ۽ ناڪام، تنگ نظري ۽ تعصب پئي ليکيو آهي. هن موجوده دور ۾ ننڍين مجاهد قومن جي شاندار جدوجهد ۽ اُن جي تاريخ ساز انقلابي ڪارنامن ۽ دنيا جي تاريخ ۾ اُنهن ڪارنامن جي انقلابي نتيجن مان صحيح سبق نه پرايو آهي ۽ اُنهن کي پاڪستان سان لاڳو نه ڪيو

آهي... پنّي لاءِ سنڌيت، سنڌي قوم وغيره لفظ بي معنيٰ ۽ ڦڪائيءَ جهڙا پئي رهيا آهن..." اُن کان پوءِ مضمون ۾ پليجو صاحب هڪدم وڪڙ کائي، گذريل جنگ عظيم کان پوءِ واريءَ دنيا جي ٽن دورن جو سحر آميز لفظن ۾ ذڪر ڪندي، پڙهندڙ کي اهڙو ويسهه ڏئي ٿو، ڄڻ اُهي ٽي دور يا ته خود پنّي صاحب جي پنهنجي تدبر ۽ سياسي عمل جو نتيجو آهن، يا ڪم از ڪم انهن مان جيڪو سبق هڪ "وطن دوست عوامي انقلابي مجاهد" کي پرائڻ گهرجي، اهو پليجي صاحب سان گڏ، پاڪستان ۾ يا سنڌ ۾، "وڏن زميندارن جي تقريري، تحريري ۽ اليڪشني سياست جي ٻن نمايان ماڻهن" مان فقط هڪڙو، يعني جناب پنّو صاحب، ئي سمجهي ۽ قبولي سگهيو آهي– اهو پنّو صاحب، جنهن لاءِ "سنڌيت، سنڌي قوم وغيره لفظ بي معنيٰ ۽ ڦڪائيءَ جهڙا پئي رهيا آهن؛" ۽ جنهن جو "بنيادي طور سنڌيت ۾ ايمان ڪونه پئي رهيو آهي، بلڪ هن ان کي مدي خارج، ڄٽائي، نقصانڪار ۽ ناڪام تنگ نظري ۽ تعصب پئي ليکيو آهي!" "گذريل جنگ عظيم کان پوءِ واريءَ دنيا ۽ عالمي سياست" جا اهي ٽي دور، جن پليجي صاحب جي نئين هيري، جناب پنّي صاحب، کي سنڌيت ۽ سنڌي قوم کان ڦڪائي ۽ وحشت محسوس ڪندي ٻه، پري کان ئي 'وطن دوست عوامي انقلابي ليڊر' بنائي ڇڏيو، سي پليجي صاحب هي ٻڌايا آهن؛ (1) جنگ کان فوراً پوءِ آمريڪا جي اٽمي هڪ هٽيءَ ۽ عالمي سياسي برتريءَ جو دور، (2) چيني انقلاب ۽ ٽيءَ دنيا جي اُڀري آيل ۽ نروار ٿيل ملڪن آڏو آمريڪا جي برتريءَ جو "ڪلٽي ٿي پوڻ،" ۽ (3) "عالمي سامراج جي مڪمل پڇاڙيءَ جي شروعات جو دور، جنهن ۾ سامراجي قوتون چوطرف گهوٽالي ۾ مبتلا آهن ۽ عوامي قوتون چئن ئي طرفن کان مٿن ڇاپا، حملا ۽ يلغارون ڪري رهيون آهن، ۽ عوامي انقلابي قوتون پيشقدمي ڪري رهيون آهن." جناب پنّي صاحب جي عالمي انقلابي تربيتي ماحول جو اهڙو ذڪر ڪندي، پليجو صاحب لکي ٿو ته "هينئر دنيا ۾ اهڙن ليڊرن جي ضرورت هئي، جي صاف صاف عوامي انقلابي قوتن جو طرف وٺن ۽ ويهن ئي اُنهن جو زور لڳائين، سامراج جي مخالفت ۽ مقابلو ڪن. وچ ۾ لٽڪڻ جو دور ختم ٿي چڪو آهي. گذريل ڏهن سالن ۾ مختلف ارتقائي منزلن کي طئي ڪري پنّو هينئر نيٺ اُن منزل تي پهتو آهي، جتي ڪيس سامراج جو

واضح ۽ کليو کلايو دشمن ۽ عوامي انقلابي قوتن جو علي الاعلان حامي ۽ علمبردار ڪوٺي سگھجي ٿو."

پنھنجي ٽئين هيري کي "گذريل ڏهن سالن جي ارتقائي منزلن"، يعني ايوب شاهيءَ جي دور زندگيءَ جو، اهو فائدو ڏيندي- جڻ اهي ڏهہ سال ڪا انقلابي ياقوتي هئي، جا هن پٽي ڪاڍي – پليجي صاحب هن جي ان دور مان نڪري اچڻ جو، سورمائي انداز ۾، هيئن ذڪر ڪيو آهي: "پٽو پاڪستان جي چوٽيءَ جي سياست ۾ پھريون اعليٰ عھديدار آهي. جنھن پاڪستاني سياستدانن وانگر ٽنگاٽولي ٿي، زبردستيءَ هيٺ ڦٽي ٿيڻ بدران پاڻھي اهڙي صورتحال پيدا ڪئي، جو جيتوڻيڪ ڪيس برطرف ڪيو ويو تڏهن بہ ان کي حقيقت ۾ اصول خاطر ڪرسيءَ کي لت هڻڻ سڏي سگھجي ٿو."

پليجو صاحب، پنھنجي "تاريخ جي سائنسي فلسفي ۽ انقلاب جي سائنس بابت بنيادي، گھري ۽ پڪي پختي ڄاڻ" کي ثابت ڪرڻ لاءِ هميشه "وڏن زميندارن جي تقريري، تحريري ۽ اليڪشني سياست" کي وڏيرڪي يعني غير انقلابي بلڪ انقلاب دشمن سياست سڏيندي، رد ڪري ڇڏيندو آهي، پر هن پنھنجي هيري، جناب ڀٽي صاحب، جي ساڳيءَ "تقريري، تحريري ۽ اليڪشني سياست" بابت، هن زير بحث مضمون ۾، جيڪا شعر بازي ڪئي آهي، اها بہ پڙهڻ جھڙي آهي. فرمائي ٿو: "... ڀٽي جنھن نموني اصولي عقيدي کي اظھار جو روپ ڏنو، اظھار ۾ جذبي، بي باڪيءَ، بي خوفيءَ، دليريءَ ۽ اُمنگن جي آگ پري، ذاتي احساس ۽ شعور عوام جي سيني ۾ پلٽايو، انفرادي بغاوت کي عوامي تحريڪ ۾ تبديل ڪيو، تحريڪ کي تنظيم جي رستي تي رسايو، ان لاءِ جن انوکين قوتن، انوکن طريقن، انوکي انداز، انوکي سادگيءَ ۽ انوکي تدبر ۽ دانشمنديءَ کان ڪم ورتو، سو نہ رڳو پاڪستاني سياست ۾ هڪ معجزو آهي، پر ايشيا جي غير هٿياربند عوامي تحريڪن جي تاريخ ۾ رنگين داستان آهي." سوال آهي تہ "پاڪستاني سياست جي هن معجزي" ۽ "ايشيا جي غير هٿياربند عوامي تحريڪن جي تاريخ ۾ هن رنگين داستان"، پاڪستان کي حال ڇڏيندي، سنڌ کيَ ڇا ڏنو؟ "سنڌيت ۽ سنڌي قوم کي مدي خارج سمجھندڙ ۽ انهن کان ڦڪائي محسوس ڪندڙ" جناب ڀٽو صاحب پاڻ ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۽ مرڪزي

اسيمبليءَ ۾ سنڌ جا سندس پرستار سو في سيڪڙو وڏيرا ۽ وڏا زميندار ميمبر، ۽ ان سان گڏ اليڪشني ورڪ ۾ پيٽي صاحب ۽ پيٽي صاحب جي انهن وڏيرن ۽ وڏن زميندارن ۽ ڪامريڊ رسول بخش پليجي جهڙن ”وطن دوست عوامي انقلابين“ جا عوام ۽ سوشلزم جا رنگين ۽ دلڪش، عوام جي من کي حيران ۽ عاجز ڪندڙ نعرا!

سيد جي ”تقريري ۽ تحريري، اليڪشني سياست“ ان کان وڌيڪ ٻيءَ ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪيتري قدر سنڌيت ۽ سنڌي قوم لاءِ خطرناڪ ۽ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ها!

ڪامريڊ رسول بخش پليجي، پنهنجي هيري جناب پيٽي صاحب لاءِ زير بحث مضمون ۾ نظرياتي ايمان جي پختگيءَ جون فتوائون شايع ڪرڻ بہ مناسب سمجهيون، ڇو تہ ٻيءَ حالت ۾ ـ وڏيرن ۽ وڏن زميندارن جا مخالف، پليجي صاحب جا ”وطن دوست انقلابي مجاهد“، اليڪشني سياست ۾ انهيءَ لاءِ نعريبازي ڪيئن ڪري سگهن ها! پليجي صاحب جون ان سلسلي ۾ بہ فتوائون پڙهڻ جهڙيون آهن، ۽ انهن جي ڀرپور صداقت هاڻي پيپلس پارٽيءَ جي اليڪشن کٽڻ ۽ ڇٽن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ هر ڪنهن جي اڳيان هيڪاري سچ وانگر پڌريون ٿي بيٺيون آهن. پهرين فتوا: ”پيٽي پاڪستان ۾ پهريون دفعو آمريڪي سامراج ۽ سندس چاڙتي جماعت، جماعت سلاميءَ، سان مرڻ جيئڻ جو دوبدو ۽ طوفاني نظرياتي ٽڪر ڪاڌو آهي. هن کان اڳ عثماني (ن – ع – پ) وارا جماعت سان ظاهري طور جڙتو جنگ (Phony War) ڪندا هئا ۽ اندروني طور مظلوم قومن خلاف ساڻن ٻٽ هوندا هئا. تنهنڪري آمريڪي ايجنٽن جو دماغ عرش تي پهچي ويو هو. پيٽي ۽ سندس دلير نوجوان فوج ’جماعت‘ کي فرش تي ڪيرائي ساڻس خوب چوٽون کاڌيون آهن.“ ٻي فتوا: ”پيٽي پاڪستان ۾ پهريون دفعو وڏي پئماني تي اقتصادي مسئلن تي سنجيده بحث شروع ڪيو آهي ۽ قوم کي مڪاريءَ جي نعريبازيءَ وارن ڏيٺن مان ڪڍي، اهم مسئلن تي سوچڻ جي للڪار ڪئي آهي.“

جناب ”پيٽي صاحب جي سياست جون امتيازي خصوصيتون“ بيان ڪندي، پليجي صاحب هن جي ون يونٽ سان تعلق رکندڙ ڪردار جو هيئين مزيدار لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي– ڇو تہ ان وقت اڃا ون يونٽ ٽوڙڻ جو ٻيحيٰ

خان اعلان ڪونہ ڪيو هو، ۽ پليجي صاحب جي چوڻ موجب "[سيد صاحب] هن وقت پاڪستاني سياست جي ڊپلومئٽڪ مورچي تي ون يونٽ خلاف ڪم پيو ڪري..." ۽ ڪامريڊ پليجي کي پنهنجي "وطن دوست عوامي انقلابي" مجاهدن کي ان باري ۾ پنهنجي صاحب جي سلسلي ۾ مطمئن ڪرڻو هو. فرمائي ٿو تہ "پنهنجي اول ون يونٽ جي خاموش حمايت ڪرڻ بعد، عارضي طور وڏي سياسي قرباني ڏيئي، ون يونٽ جي مخالفت جو فيصلو ڪيو ۽ اهو سڄيءَ پارٽيءَ کان بحال ڪرايو. ان بعد هو ان تي نہ رڳو ثابت قدم رهيو آهي پر پنهنجي روايتي جوش، جذبي، بي باڪيءَ ۽ جرات سان ان مطالبي سان ٿيندڙ سمورين شاخن جي سندن منطقي نتيجي تائين حمايت پيو ڪري. هن پنهنجو ڪافي زبردست سياسي اثر رسوخ ۽ وقار هن مسئلي جي اڏيءَ تي لڳايو آهي. ان ۾ ڪابہ پس پيش ڪندو نظر نٿو اچي."

شيخ مجيب الرحمان آگسٽ 1969ع ۾ ڪراچيءَ آيو هو، ۽ محترم جي. ايم. سيد هن جي سنڌ طرفان هوٽل انٽر ڪانٽيننٽل ۾ دعوت ڪئي هئي. ان موقعي تي هن چيو تہ "مغربي پاڪستان جي ون يونٽ ٽٽي رهي آهي– اهو فيصلو [يحيٰ خان جي حلقن ۾] ٿي چڪو آهي. مشرقي پاڪستان جي خود اختياريءَ جو مسئلو ئي آزمائش آهي– ڏسجي تہ حڪومت جي سياسي ديانتداري ۽ وسيع نظري ڪيتري قدر ان ۾ ثابت ٿي سگهي ٿي، ۽ مغربي پاڪستان جون عوامي جمهوري قوتون ان ڏس ۾ ڪهڙو مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون." بنگلاديش ۾ اڳتي هلي ڇا پيش آيو، ان جي روشنيءَ ۾ ڪامريڊ پليجي جي هيري جو ان سلسلي ۾ ڪردار، ۽ "سنڌيت ۽ سنڌي قوم کي مدي خارج" سمجهندي ۽ انهن کان "ڦڪائي محسوس" ڪندي بہ اولهہ پاڪستان جي "ون يونٽ جي خاموش حمايت" کان پوءِ، آخر ۾، فيصلي تي وڃڻ کان پوءِ، ان جي مخالفت ڪرڻ جو سندس عمل فقط تڏهن سمجهہ ۾ اچي ٿي سگهيو، جڏهن ائين قبوليو وڃي تہ "قومي سوال" تي هو صاحب، ڪامريڊ پليجي جي لفظن ۾ "موجوده بين الاقوامي صورتحال، موجوده سياسي لاڙن ۽ وهڪرن بابت گهري، ذاتي، عملي ۽ علمي ڄاڻ رکندڙ" هوندي بہ اهوئي فڪر رکندڙ هو ۽ آهي، جيڪو بنيادي طور مهاجر پنجابي سامراج رکي ٿو– يعني هيءَ تہ اهو ناڪام تعصب ۽ جٽائي تنگ

نظري آهي، ۽ ڪن مخصوص مفادن جو پيدا ڪيل آهي، ۽ عوام جو ان سان واسطو ڪونهي.

هوڏانهن وطن دوست عوامي انقلاب جي اڳواڻيءَ جي دعوا ڪندڙ ڪامريڊ رسول بخش پليجو ان ئي مضمون ۾ فرمائي ٿو”.... سواءِ قومي مسئلي جي حل ڳولي ڪڍڻ جي پاڪستاني انقلاب جا ٻيا بنيادي مسئلا ڪڏهن بہ حل ٿي نٿا سگهن. قومي مسئلو پاڪستان جي عوامي ۽ جمهوري انقلاب جي ڪنجي آهي.“ ساڳئي وقت، محترم جي. ايم. سيد لاءِ ان مسئلي متعلق اُن ئي مضمون ۾ سندس قبوليت بہ موجوده اهي تہ ”سيد پاڪستان جي گهڻين قومن واريءَ مملڪت کي جمهوريت، اتحاد ۽ ترقيءَ جا ڏس پتا ڏنا... سنڌ ۽ پاڪستان تي سندس نظرياتي احسان تاريخ ۾ هميشه ياد رهندو....“

”پاڪستان جي عوامي ۽ جمهوري انقلاب جي ڪنجيءَ“ يعني ”پاڪستان جي قومي مسئلي“ متعلق پوريءَ طرح مهاجر پنجابي سامراج جي نظريي جي حاميءَ، جناب پيٽي صاحب، جي ۽ سندس پارٽيءَ جي تقريري، تحريري ۽ اليڪشني سياست ۾ جيڪڏهن محترم جي. ايم. سيد ۽ سندس جماعت مخالفت ڪن، تہ ڪامريڊ رسول بخش پليجي کان اميد اها ئي رکي سگهبي هئي، تہ هو ان مخالفت جي پٺڀرائي ڪري. پر پٺڀرائيءَ جي بدران، پليجي صاحب پلٽو هنيو، پنهنجي مضمون ۾ محترم جي. ايم. سيد جي اُن مخالفت کي پاڪستان لاءِ ۽ سنڌ لاءِ وڏي آفت ليکيو آهي. فرمائي ٿو: ”سنڌ ۾ پيٽي کي سيکت ڏيڻ ۽ سندس تختا ڪيڻ جو مقدس فرض ولي خان (ن ع پ) پير سائين (پاڳارو) بادشاهہ، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، جماعت اسلاميءَ جا مڪاني مير جعفر ۽ ٻيا بزرگ پنهنجي ڪلهن تي کڻي چڪا آهن... سنڌن اڳواڻي ۽ امامت سن جو سائين (جيئي سدائين) جن پنهنجي سر ڪري رهيا آهن... اهڙيءَ ريت سن جي سائينءَ پيٽي کي اتڻ سان ڪاري ضرب رسائي، پنهنجي ان تاريخي شهرت کي برقرار رکيو آهي تہ سائينءَ جو ڏنگيل پاڻي نہ گهرندو آهي. درحقيقت سائين اُهو ڪجهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، جنهن جي سرانجام ڏيڻ ۾ مولانا مودودي ۽ سندس آقا سي. آءِ. اي جا مالڪ ڪروڙين روپيا خرچ ڪرڻ بعد بہ نہ ڪري سگهيا. مولانا صاحب

۽ ته جيڪڏهن انصاف هجي ها ته جيڪر سي. آءِ. اي مان هٿ ڪيل رقم مان اڌ متحده محاذ کي بطور انعام ڏياري موڪلي ها." ڪامريڊ پليجي پنهنجي ان اليڪشني مضمون ۾ اِتي پنهنجي مناظري بازيءَ جا جوهر ڏيکاري ڇڏيا آهن، ۽ پنهنجي سموري "پڪي ۽ پختي انقلابي جاڻ" ۽ حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ جو ڇيهه ڪري ڇڏيو آهي. دنيا ڄاڻي ٿي ته محترم جي. ايم. سيد کي "پير سائين بادشاهه" ۽ جماعت اسلاميءَ جي ڪنهن به مڪاني مير جعفر توڙي ٻاهرئين ڪنهن "لارڊ ڪلائيو" ڪابه مدد نه اُن وقت ڪئي ٿي نه آخر تائين ڪا مدد ڪئي. رهيو ٻين بزرگن جو سوال، جنهن مان پليجي صاحب جو مطلب سنڌ جي "وڏيرن ۽ وڏن زميندارن" سان آهي، ته اها به حقيقت آهي ته سيد صاحب جي، سواءِ ٻن ٽِنِ ذاتي دوستن جي، سنڌ ته ڇا پر خود سنڌس تڪ ۾ به، نه فقط ڪنهن به وڏيري يا زميندار ڪا مدد ڪانه ڪئي، پر سنڌ جا سمورا وڏيرا ۽ زميندار پليجي صاحب جي هيري، مهاجر- پنجابي سامراج جي قومي نظريي رکندڙ، جناب پِٽي صاحب ۽ سندس پارٽيءَ جي حمايت ۾ هئا ۽ ان سان شامل هئا-- ايتري قدر، جو ڪامريڊ پليجي کي پاڻ اُن ئي مضمون ۾، ٻيو پلٽو کائي، چوڻو پيو ته "سنڌ پيپلس پارٽيءَ مان پِٽو ۽ چند مخلص وطن دوست وچولي طبقي جا نوجوان ۽ شاگرد [يعني پليجي جو هيرو پِٽو صاحب پاڻ ۽ ٻيو پليجو صاحب ۽ ان جا 'وطن دوست عوامي انقلابي' نوجوانن ۽ شاگردن جو ٽولو] ڪڍي ڇڏجن، ته اها خالص ۽ نج ايوبي وڏيرڪي پاٽاري نظر ايندي."

هتي محترم جناب پِٽي صاحب جي نظرياتي مؤقف، قومي سوال ۽ ٻين مسئلن بابت، بيان ڪرڻ مان مراد سندس شخصي يا جماعتي مخالفت نه آهي. اهو بيان ضمني طور ڪيو پيو وڃي. مقصد اِن مان فقط ڪامريڊ رسول بخش پليجي جي مناظري باز طبيعت کي بيان ڪرڻ ۽ خود مناظري بازيءَ جي بنيادي گُرن کي ظاهر ڪرڻ جو آهي.

"سيد ۽ پِٽو" جي زير بحث مضمون ۾ پليجو صاحب، آخر ۾ ٻن ٽِنِ سياسي اڳڪٿين ڪرڻ کان اڳ، "پِٽي خلاف ملڪگير ۽ بين الاقوامي سازش" جو عنوان قائم ڪري، پنهنجي ان سڄيءَ مناظرائي ڪاوش جو منطق، نه چاهيندي به، اِتي پِٽي ظاهر ڪري وڃي پار پيو آهي. فرمائي ٿو ته "حالتن جو

غور سان مطالعو ڪبو تہ اهڙا گهڻا آهڃاڻ نظر ايندا تہ نہ رڳو پاڪستان پر بين الاقوامي سطح تي وڏي سوچ ويچار بعد هڪ اعليٰ منصوبو سٽي، پٽي کان بدلو وٺڻ ۽ سندس پير ڪڍي ڪيس سياسي طرح دفن ڪرڻ لاءِ هڪ باقاعدي ۽ منظم مهم هلندڙ آهي. اُن مهم ۾ اُهي سڀ پاڪستاني خواهہ عالمي قوتون گڏ آهن، جن جي پاليسيءَ جو بنيادي اصول چين دشمني آهي ۽ جيڪي پٽي کي چين جو پرجوش ۽ تيزيءَ سان اُڀرندڙ حامي سمجهي، ڪيس ڪچيءَ ۾ ئي ڪچلڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿا. آمريڪا، روس ۽ ڀارت، سندن خارجي وزارتون، سندن جاسوسي ڪاتا ۽ پاڪستان اندر سندن هم خيال پارٽيون ۽ فرد بين ڪيترن ئي اختلافن جي باوجود پٽي، پيپلس پارٽيءَ ۽ سندس هم خيال ڀاشاني (ن ع پ) کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ سندرا ٻڌي ميدان ۾ لهي آيا آهن-- آمريڪي پاليسيءَ ۽ مفادن جي نمائندگي جماعت اسلامي، پي. ڊي. پي، عوامي ليگ، ڪنوينشن ۽ ڪائونسل مسلم ليگ وغيره. روسي پاليسيءَ جي نمائندگي ولي خان گروپ (ن ع پ)، ڀارتي نقطي نظر جي ترجماني پاڪستان جي مظلوم قومن جا... وطن دوست رهنما ۽ حلقا ڪري رهيا آهن..."

ڪامريڊ پليجي جي انقلابي علم موجب پٽي صاحب ۽ سندس پارٽيءَ ۽ سندن همخيال ڀاشاني نعپ جي مخالفت پاڪستان ۾ جيڪي بہ ڌريون ڪري رهيون هيون، سي رڳو پنهنجي پاليسيءَ جي بنيادي اصول، يعني "چين - دشمنيءَ" سبب ڪري رهيون هيون.

ڪامريڊ پليجي جي هيري جناب پٽي صاحب خلاف "بين الاقوامي سطح تي، وڏي سوچ ويچار بعد، هڪ اعليٰ منصوبو سِٽي، بدلو وٺڻ ۽ سندس پير ڪڍي، ڪيس سياسي طرح دفن ڪرڻ لاءِ هڪ باقاعدي ۽ منظم مهم" هلندڙ هئي يا نہ، اُن جي نقطہ نظر، ڪامريڊ پليجي جي انڪشافي ڳالهہ، کي وزن ڏيندي، ڏسڻو آهي تہ پاڪستان ۽ ڪامريڊ پليجي ۽ سندس هيري جناب پٽي صاحب ۽ بين سيني سندن موافق ۽ مخالف پارٽين جو سياسي محور، سندس انهيءَ چوڻ موجب، چين دوستي يا چين دشمني چو؟ جيڪڏهن، وري بہ ڪامريڊ پليجي جي چوڻ موجب، "قومي مسئلو پاڪستان جي عوامي جمهوري انقلاب جي ڪنجي آهي"، تہ پوءِ، ان چين دوستيءَ ۽

چين دشمنيءَ جو، ٻين ڳالهين کان علاوه، پاڪستان جي قومي مسئلي سان به ته ڪو واسطو نه آهي؟ ڪامريڊ پليجو ۽ سندس هيرو جناب ڀٽو صاحب ۽ سندس پارٽي چين دوست ۽ مجيب الرحمان جي پارٽي عوامي ليگ (بنگلاديش جي نعري واري) ۽ جي. ايم. سيد جو متحده محاذ (جيئي سنڌ وغيره جا نعرا هڻندڙ) ۽ ولي خان ن ع پ (پختونستان وغيره جي ڳالهه ڪندڙ) ۽، خود پليجي جي لفظن ۾ "پاڪستان جي مظلوم قومن جا وطن دوست رهنما ۽ حلقا" – اهي سڀ چين دشمن! – سو ڇو؟

ڪامريڊ پليجي پنهنجي هيري جناب ڀٽي صاحب لاءِ چيو آهي ته "بنيادي طور (هن جو) سنڌيت تي ايمان ڪونه ٿي رهيو آهي بلڪ هن ان کي مدي خارج، ڄٽائي، نقصانڪار ۽ ناڪام تنگ نظري ۽ تعصب ٿي ليکيو آهي" ۽ هن لاءِ "سنڌيت، سنڌي قوم وغيره لفظ بي معنيٰ ۽ ڦڪائيءَ جهڙا ٿي رهيا آهن." مارچ 1971ع ۾ بنگلاديش تي يحيٰ خان جي فوج ڪشيءَ تي ڀٽي صاحب جو فقرو-- "شڪر خدا جو، پاڪستان بچي ويو!" ڪنهن به وطن دوست شخص کان اڻا وسريو ڪونهي. بنگلاديش ۾ يحيٰ خان جي فوج پوءِ اتي جو ڪجهه ڪيو، ان سلسلي ۾ اپريل 13، 1971ع تي "پاڪستان ٽائيمز" اخبار ۾ 'عوامي جمهوري' چين جي وزيراعظم، چائو اين لاءِ جو، جيڪو شاباسيءَ ۽ ڦلبنديءَ جو خط يحيٰ خان ڏانهن لکيل ڇپيو هو، سو سڀني کي معلوم آهي، [اهو خط هتي، مضمون جي آخر ۾ سڄي جو سڄو ڏيئي رهيا آهيون]. ڪامريڊ پليجو 'چين دوست' آهي ۽ ڀٽو صاحب، جيڪو 'سنڌيت ۽ سنڌي قوم' جي ڳالهه کي "مدي خارج، ڄٽائي، بي معنيٰ، نقصانڪار ۽ ناڪام تنگ نظري ۽ تعصب" سمجهي ٿو، سو ڪامريڊ پليجي جو هيرو آهي. ان مان ڇا سمجهجي خود ڪامريڊ پليجي صاحب جو پنهنجو موقف پاڪستان جي "قومي مسئلي" متعلق ڪهڙو آهي، جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته اهو پاڪستان جي "عوامي ۽ جمهوري انقلاب جي ڪنجي" آهي؟ پاڪستان جو مهاجر – پنجابي سامراج، جنهن جي خلاف ڪامريڊ پليجو "تحريڪ" رسالي ۾، موقعي بي موقعي، اڳتي وڌي وڌي، لکندو رهي ٿو، سو به 'چين دوست' آهي، ۽ سنڌيت ۽ سنڌي قوم کي 'تعصب ۽ تنگ نظري' سمجهي ٿو ۽ دعوا ڪري ٿو ته پاڪستان ۾ قوميتن جو سوال فقط

ڪي 'آگرين تي ڳڻڻ جيترا شخص پاڪستان جي اتحاد ۽ سالميت کي نقصان رسائڻ لاءِ" اتارين ٿا. ڪامريڊ چاڻو اين لاءِ جي يحيٰ خان ڏانهن لکيل خط مان ڏسبو ته هن جو به بلڪل اهو ئي خيال آهي. هيڏيءَ صاف ۽ ڪليل ڳالهه ڪان پوءِ، هائي، ڪامريڊ پليجي کي پاڻ ٻڌائڻو آهي ته هو پاڻ سنڌيت ۽ سنڌي قوم کي درحقيقت ڇا ٿو سمجهي ۽ پاڪستان جي قومي مسئلي تي هن جا سچا ٻچا خيال ۽ عقيدا ڪهڙا آهن–– مصلحتي ۽ صورتحالي نه، جيئن، سندس لفظن ۾، "پناهگير – پنجابي نقلي ترقي پسند"، رڳو وطن دوست سنڌين کي ٻڌائڻ لاءِ ٻڌائيندا رهندا آهن، يا جيئن خود هو پاڻ هيل تائين دنيا کي ٻڌائڻ لاءِ ٻڌائيندو رهيو آهي، پر سچا پچا ۽ اصلي خيال جيئن هڪ چين دوست 'عوامي جمهوري انقلابي مجاهد' جا يا هڪ چين دوست مهاجر – پنجابي سامراجيءَ جا يا هڪ چين دوست تقريري ۽ تحريري اليڪشني سياست باز ڀُٽي جا هئڻ کپن.

ڪامريڊ پليجي اهو مضمون "سيد ۽ ڀٽو" نومبر 1969ع ۾ شايع ڪرايو. اُن کان اڳي، آگسٽ ۾، هو محترم جي. ايم. سيد جي متحده محاذ مان، کهڙي ۽ راشديءَ جي بهاني تي، نڪري، پنهنجي هيري، جناب ڀٽي، جي پيپلس پارٽيءَ جي ڪم ۾ شامل ٿي چڪو هو، جيڪا سندن چوڻ موجب، "خالص ۽ نج ايوبي وڏيرڪي پاٽاري" هئي، ڪامريڊ پليجي جِي محترم جي. ايم. سيد کان اها بغاوت جيڪڏهن سندس پنهنجي ذاتي رنجش سبب نه هئي، جيڪا سندس والد صاحب جي زمين واري معاملي تي ڪجهه ڏينهن اڳ ڪيس ٿي هئي، ته به، هتي هڪ "سنڌ ۽ پاڪستان جي چوٽيءَ جي انقلابي وطن دوست عالم ۽ ڏاهي جي تيز، شوخ ۽ اڪابر ذهن" جي نظرياتي ڏيوالي جو ثبوت ضرور هئي– ڇو ته اُن ۾ اُن انقلابي اڪابر جي وطن دوستي بنهه نه، مهاجر – پنجابي سامراج – دوستي اڻ لکي، ڀٽو – دوستي ڪجهه ڪجهه ۽ چين دوستي ڀرپور ۽ بنهه ڪنان تار ضرور هئي.

مناظري باز مذهبي ملو به پنهنجي وطن سان نه پر پنهنجي پيٽ سان ٽوٽل وفاداريءَ جي طفيل هر ٻاهرئين جملہ آور جو هولينڊڙ طوطو بنيو، ابن قاسم کان وٺي احمد شاهه ابداليءَ تائين سيني جي تسبيح خواني ڪندو، اُٿندي ويهندي عرب جي ڏوڙ منهن تي ملڻ لاءِ تيار وينو ٿو رهي. ساڳيءَ

طرح مناظري باز انقلابي ملو بہ پنهنجي وطن سان نہ، پر پنهنجي ذات سان ٽوٽل وفاداريءَ جي طفيل، پنهنجي نئين عرب يعني چين سان يا روس سان چوويهہ ٿي ڪلاڪ ڳنڍيو ۽ واڳيو وتي. چين ۽ روس پنهنجي پنهنجي قومي مفادن خاطر هڪٻئي سان وڙهن، هڪٻئي جي دوستن سان دشمني ۽ دشمنن سان دوستيون رکن، پر هي اسان جا مناظري باز انقلابي ملا، سوشلزم ۽ ڪميونزم جا مقاطعيدار، پاڻ ۾ وڙهن تہ بہ چين ۽ روس ڪارڻ، پنهنجي وطن ۾ سياسي اختلاف ۽ اتحاد ڪن تہ بہ چين ۽ روس جا ڏڙي بند ۽ طبلچي بنجي، ۽ نہ وطن جي ڀلائيءَ ۽ خير لاءِ.

ڪامريڊ ڀليجي اِئين، چين جي ڪارڻ، محترم جي. ايم. سيد جي متحده محاذ مان نڪري، ڀٽي صاحب جي ٻٺڻ وٺڪن ۾ ويهي، هن جي ٻٺڻ ۾ عوام ۽ انقلاب جي 'نقلي' سُرن ۽ ڌنن سان پنهنجا 'اصلي' سر ۽ ڌنون ملايون، ۽ ائين جڏهن عالمي سامراج جي اڳواڻ آمريڪا کي تسلي ٿي تہ ڀٽو صاحب پاڪستان جي 'انقلابي مجاهدن' کي بہ پنهنجي سڳي ڌاڳي ۾ رکي ۽ ضابطي ۾ ويهاري سگهي ٿو، تڏهن ان جي ٿي رضا ۽ قبوليت سان اُن جي ٽُڪريل ۽ طفيليءَ، مهاجر - پنجاب سامراج جي فوجي ٽولي، اقتدار جون واڳون ڀٽي صاحب جي حوالي ڪيون، ۽ هينئر بہ ڀٽو صاحب آمريڪا جو پنهنجو ڏٺيل ماڻهو بنيو ۽ پارت ۽ روس جي دشمنيءَ طفيل، آمريڪا جي جوڙيوال چين جو بہ چمچو بنيو، باقي بچيل پاڪستان جي حڪومت جون واڳون سنڀاليو ويٺو آهي. ۽ ڪامريڊ ڀليجو اُن حڪومت جي ڇانو ۾ ويهي، اَن جي پنيرائيءَ لاءِ اُن جي هر مخالف جماعت تي گارين جي ڌڙڪي لايون ويٺو آهي، ۽ سنڌ جي وطن دوستن تي، 'وطن دوستيءَ' جي نالي ۾، گنديل چند مهينن کان، مناظري بازيءَ جي مهم گرم ڪيون ويٺو آهي. ان وچ ۾ چين پرستيءَ جي ڏز منهن تان لاهڻ لاءِ، ۽ وطن دوستيءَ جي سند کي پختي ڪرڻ لاءِ "تحريڪ" رسالي ۾ مهاجر - پنجاب سامراج تي چوهہ بہ ڇنڊيا ويا، ۽ نقلي ترقي پسند ۽ نقلي وطن دوستن جون ڪلون بہ بهہ سان پريون ويون. ائين پاڻ کي اصلي ترقي پسند ۽ اصلي وطن دوست ظاهر ڪندي، پنهنجي موقعي ۽ محل تي، جڏهن اُن جي ڪٽي ڪن کي ضرورت پيش آئي، تڏهن پنهنجي "وطن دوست انقلابي راهہ روشن" ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ ڀليجي "سنڌ جي قومي

انقلابي امنگن جي رستي ۾ مهاجر پنجابي سامراج ڪان بہ وڏيڪ وڏي رڪاوٽ"، محترم جي. ايم. سيد، تي رسالي "تحريڪ" ۾ پنهنجي تحريري يلغار جي شروعات ڪئي آهي، جا هو، مئي 1974ع کان وٺي اڄ تائين پوري زور شور ۽ انتهائي سورمائي انداز سان هلائيندو ٿو اچي.

ان کان اڳ، جو ڪامريڊ پليجي جي هن يلغار جي مناظرائي ڪيفيت جي ڪٽ ڪور ڪجي، گذريل ڇهن مهينن ۾ رسالي "تحريڪ" ۾ جيڪي ڪجهہ اِن سلسلي ۾ شايع ٿيو آهي، اُن جي وچورَ پيش ڪرڻ ضروري آهي.

پهريائين مئي مهيني ۾ الله بچائي مرڻاس جو خط ڇاپيو ويو. خط پڙهڻ سان اهو صاف ڏسجي پيو تہ اهو اشاعت لاءِ نہ هو، بلڪ سڌو ڪامريڊ پليجي جي نالي ۽ فقط هن لاءِ هو. خط کي ڪجهہ ايڊٽ ڪري ٻن ٽن هنڌن تي "اوهان سان" وارا مخاطبي لفظ ڦيرائي "پليجي صاحب سان" جا غائب جي صيغي وارا لفظ ڇاپيا ويا، حالانڪ ساڳيو اهو "اوهان" وارو لفظ، پليجي ڏانهن مخاطب ٿيل، خط ۾ هر هنڌ موجود بيٺو آهي. پوءِ اهو خط ڇو شايع ڪيو ويو، جڏهن خط لکندڙ چيو هو تہ "اوهان وٽ جلد ايندس ۽ اوهان سان ڳالهائيندس"! ان جو جواب ان نوٽ ۾ موجود آهي، جيڪو خط جي هيٺان 'اداري' طرفان ڇاپيو ويو آهي– يعني هيءُ تہ "جواب عنقريب 'تحريڪ' ذريعي پڙهندڙ سائين اڳيان پيش ڪيو ويندو"– عذر اُن جو اِهو نهيو تہ "اهڙي قسم جا سوال ٻيا ڪي پڙهندڙ سائي بہ پڇي چڪا آهن". نوٽ کان فوراً پوءِ غلام عباس جي ڪنهن خط جو فقط هڪ جملو ڏنو ويو آهي تہ "پليجي جو تلوار کان تکو ۽ تيز قلم اِجهو ويجهڙائي ۾ ئي ڪو وڏو ٻارڻ ٻاريندو..." مطلب تہ ڪامريڊ پليجي کي جاٺي ٻجهي محترم سيد صاحب تي هن تحريري يلغار لاءِ ميدان تيار ڪرڻو هو، ۽ اَن خط شايع ڪرڻ سان هن اُهو مقصد پورو ڪيو.

جون مهيني جي "تحريڪ" ۾ ان سلسلي جي ڪا تحرير ڪانہ آئي. جولاءِ ۾، مرڻاس جي خط جي جواب ۾ ٻہ خط، هڪ الهہ بخش جو لنڊن مان (ڏيڍ صفحي ۾) (جنهن ۾ محترم جي. ايم. سيد کي "سنڌ جي قومي انقلابي امنگن جي رستي ۾ مهاجر – پنجابي سامراج کان بہ وڏيڪ وڏي رڪاوٽ" سڏيو ويو آهي)، ۽ ٻيو وارهہ جي غفار قاضيءَ جي نالي هيٺ (ڇٽن

صفحن ۾) شايع ٿيا. آگسٽ ۾ ايڊيٽوريل (ٽن صفحن جو) "سنڌيت مٿان هڪ هٿي ۽ ٺيڪو ختم ڪرايو"! جي عنوان سان، ۽ پڻ نظر قيصرانيءَ جي نالي تي خط جو جواب (ٻارهن صفحن ۾) شايع ٿيا. خطن جي حصي ۾ ٻه ننڍا 'جواب جا جوابي' خط به ڇاپيا ويا ته ڳالهه جو رس رهي. سيپٽمبر ۾ نور محمد سنڌيءَ جو سيد صاحب جي حمايت ۾ ٽن صفحن جو خط ڏيئي، ان جو جواب تيرهن صفحن ۾ ڇاپيو ويو. اُن کان سواءِ چار وڏيڪ خط به پنهنجيءَ وٽ وَراڻ ۾ پيش ڪيا ويا. آڪٽوبر ۾ پنهنجن صفحن جو ايڊيٽوريل، ۽ وري به نظر قصرانيءَ جي نالي ۾ "سنڌ يا سنڌوديش" جي عنوان سان ٻارهن صفحن جو مضمون، هڪڙو ڇٽن صفحن جو خاص خط "گارين بدران دليلن جي سياست ڪريو" جي عنوان سان، ۽ ڇهن صفحن تي نَوَ وڏيڪ خط پنهنجي موافقت ۾ ڇاپيا ويا. گويا هيستائين مرٽاس جي خط جي آڙ وٺي، سيد صاحب جي خلاف ڪامريڊ پليجي جي "وطن دوست انقلابي راهه روشن ڪندڙ مشعل" ۾ سٺ کن صفحا ڪارا ڪيا ويا آهن. پر اجا ڪامريڊ پليجو پنهنجي پر ۾، پنهنجي "تلوار کان تکي ۽ تيز قلم" سان پاڻ پڌرو ڪونه ٿيو آهي- جيتوڻيڪ پنهنجن حمايتين جي نالن ۾ اهي سٺ صفحا هن پاڻ ڪجهه ڪجهه ضرور لکيا ۽ لکايا آهن- خاص طرح نظر قيصرانيءَ جي نالي ۾ جو ڪجهه شايع ٿيو آهي، اُهو ۽ اداري پاران سڀ مضمون ۽ ايڊيٽوريل نوٽ پليجي صاحب پنهنجي نالي کي لڪ ۾ رکي، پاڻ ٿي لکيا آهن.

سوال آهي ته هيءَ ايتري لڪ، ايتري تياري ۽ ايتري پٽ ڪوهه جا لاءِ؟ هي ايڏو مناظري بازيءَ جو اهتمام ۽ ان لاءِ ايتري سٽاءَ ۽ پيش بندي ڇو؟ "تحريڪ" ۾ سيد صاحب خلاف هِن مهم کان اڳ، جو ڪجهه ڪامريڊ پليجي سنڌ بابت، مهاجر - پنجابي سامراج بابت، سنڌي ٻوليءَ بابت پئي لکيو آهي، اُهو سڀ جو سڀ سيد صاحب جو ئي موقف آهي- اُن لاءِ سيد صاحب جون رڳيون به پويون تقريرون - هڪ 4 مارچ جي ياد ۾ گهرايل عام جلسي ۾ 4 مارچ 1973ع تي حيدرآباد ۾ ڪيل ۽ ٻي 30 مارچ 1973ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن اڳيان ڪيل اڄ به، جيڪو پڙهڻ گهري، سو پڙهي سگهي ٿو. سيد صاحب ڏيڍ سال کان نظر بند آهي- ڪابه تقرير نٿو ڪري سگهي، ڪابه تحرير هن جي شايع ٿي نٿي سگهي. ڪڏهن به ڪامريڊ

پليجي يا سندس موقف خلاف سيد صاحب ڪو اکر نہ لکيو آهي ۽ نہ ڪٿي عام پبلڪ ۾ ڪڇيو آهي. ڪامريڊ پليجو پاڻ چوي ٿو تہ هو پنهنجي انقلابي موقف جي ڪاميابيءَ لاءِ سنڌ جي هاريءَ ۽ مزور کي منظم ڪرڻ گهري ٿو، ۽ اُن جي اَبتڙ سيد صاحب هارين ۽ مزدورن کي نہ منظم ڪري جاڳي ۽ نہ ڪرڻ گهري ٿو. ڪامريڊ پليجو پاڻ چوي ٿو تہ سيد صاحب سان هم خيالن جو "رڳو هڪڙو ننڍڙو ٽولو" آهي، جو "پاڻ کي 'سنڌ' ۽ 'سنڌي' سڏايو، سڪٽي ڦٽ ڦٽ پيو ڪري." تہ پوءِ سيد صاحب يا سندس "ننڍڙو ٽولو" هارين ۽ مزورن ۽ ڪامريڊ پليجي طرفان ٿيندڙ ڪنهن انقلابي سجاڳيءَ ۽ تنظيم جي آڏو ڪٿي، ۽ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿو اچي!

ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ سيد صاحب جي برخلاف هي سارو بغاغو اٿاريندي، اِهي سوال خود ڪامريڊ پليجي جي دل ۾ اُٿيا آهن، ۽ اُنهن جي جوابن ڏيڻ جي هن پاڻ بہ ڪوشش ڪئي آهي. اِن سلسلي ۾ پنهنجي آگسٽ جي "تحريڪ" جي پهرئين يلغاري ايڊيٽوريل ۾، هن اُهي جواب، پنهنجيءَ پر ۾، پنهنجي "تلوار کان تکي ۽ تيز قلم" سان، بنهہ حرف آخر جي حد تائين، ڏيئي ڇڏيا آهن. اسان کي رڳو اُهي جواب ڳولي پڙهڻا آهن ۽ اُنهن کي سمجهي، پليجي صاحب جي سنڌ دوستيءَ ۽ انقلابي حوصلي جو داد ڏيڻو آهي.

ڪامريڊ پليجو چوي ٿو تہ "بدقسمتيءَ سان هڪڙي ننڍڙي ٽولي گذريل ڪجهہ سالن کان قومي جدوجهد تي زوريءَ ڇاپو هڻي، اُن کي پنهنجي جڻ ذاتي ملڪيت بڻائي ڇڏيو آهي." گويا، ڪامريڊ پليجي جي خيال ۾، قومي جدوجهد ڪا سئنيما، ڪو سرڪس يا ڪا زمين، يا ڪو دوڪان آهي، جنهن تي ڪن ماڻهن، ڪامريڊ پليجي کي ڌڪو ڏيئي، پري هٽائي، زوريءَ اچي پنهنجو قبضو ڄمايو آهي! ۽ وڏي ڳالهہ تہ "اُن لاءِ هو محترم جي. ايم. سيد جو نالو ڪتب آڻين ٿا"، ۽ چون ٿا تہ "سنڌ جي قومي جدوجهد اڪيلي سِر جي. ايم. سيد هلائي رهيو آهي! اُهوئي اُن جو اڪيلو وارث آهي! سنڌي عوام کي اُهوئي ڪرڻو آهي جيڪي هو چئي! جيڪو اُن ۾ حجت ڪندو، سو چئبو تہ غدار آهي، سرڪار جو پِٺو آهي!" (ڪامريڊ پليجي کي، جيئن ٻين سيني کي، غدار ۽ سرڪار جي پِٺو سڏجڻ کان سخت چڙ آهي.) اُهو "ننڍڙو

ٽولو" ايڏي ساري "ڇاپي" ۾، ۽ ايترو سارو، ڪامياب ڪيئن ٿيو، سا خبر ڪامريڊ پليجي کانسواءِ ڏني آهي. پر اُهو "ٽولو" آهي بنھ "ننڍڙو"، ۽ جي. ايم. سيد اڳواڻ آهن، ۽ ٻيو سچو سنڌي عوام، جيڪو ڪامريڊ پليجي جي پٺيان آهي، تنهن کي هو ٻيو ڪجهه ڪرڻ ئي نٿا ڏين- سواءِ اُن جي جيڪي جي. ايم. سيد چوي ٿو! ۽ جي. ايم. سيد اِها پنھنجي 'وڏيرپ' سنڌي عوام مٿان، ۽ اُن پنھنجي ٽولي جو قبضو قومي جدوجهد تي، ڏاڍيءَ هوشياريءَ بلڪ ٻين جا حق کسيو ڏاڍيءَ بي انصافيءَ سان هيئن قائم ڪيو ويٺو آهي، جو هو "پنھنجي سنگين سياسي غلط ڪارين ۽ ناڪامين کي سنڌ لاءِ قرباني ڳڻائي ٿو، ٺلهيون ۽ اجايون وات جون لستون وٺي، دشمن کي نظربنديءَ لاءِ بهانا ڏيئي، پاڻ کي سنڌ پاران صدقو ٿيل مظلوم ڄاڻائي ٿو. اُن فرضي قربانيءَ ۽ مظلوميت کي هو سنڌي محب وطن عوام خلاف سياسي هٿيار طور استعمال ڪري ٿو ۽ کين اخلاقي طرح مجبور ٿو ڪري تہ هو سندس هر غلط ڳالهہ اڳو سر جهڪائي، غلط وات وٺن ۽ قومي طرح تباهہ ٿين. اها روش بي واجبي، غلط ۽ وطن ودستيءَ جي قانون خلاف آهي." (ڪامريڊ پليجو قانوني ماڻهو آهي ۽ "وطن دوستيءَ جي قانون" جو خيال اٿس.)

پاڪستان ۾ پٺاڻن، بلوچن ۽ سنڌين جي قومي مسئلي متعلق مهاجر - پنجابي سامراج جي سيني گروهن جي راءِ بہ ساڳي اها ئي ڪامريڊ پليجي واري آهي. قومي جدوجهد جي ڪارڪنن کان اُنهن جي شڪايت بہ اِها ساڳي آهي تہ هو هرويرو پاڻ کي مجاهد بنايو، ۽ ڄاڻي واڻي، بلڪ سرڪار کي مجبور ڪيو، جيلن ۾، نظربندين ۽ جلاوطنين ۾ پاڻ کي وجهيو، اجايا عذاب پيا سهن ۽ اٻوجهہ ۽ محب وطن عوام کي، پنھنجي انهيءَ مڪر سان، گمراهہ ڪيو، پاڻ کي اُنهن جو محبوب ليڊر بنايو ويٺا آهن! اوير بنگال جي قومي جدوجهد متعلق بہ هنن سيني گروهن جي اِهائي راءِ ۽ اهائي شڪايت هئي. ڪامريڊ پليجي جي ڪعبي قبلي، عوامي جمهوريہ چين، جي وزيراعظم، چائو اين لاءِ، بہ ساڳي اِهائي راءِ بنگلاديش جي قومي جدوجهد بابت يحيٰ خان ڏانهن، اُتان جي محب وطن مجاهدن جي قتل عام هلندي، پنھنجي خط ۾ لکي موڪلي هئي تہ "ماڻهن جي وسيع عوام کي اُنهن اڳرين تي ڳڻڻ جيترن شخصن کان الڳ سمجهيو وڃي، جيڪي پاڪستان جي اتحاد کي ٽوڙڻ چاهين

ٿا.“ ڪامريڊ پليجو قومي مسئلي کي پاڪستان جي ”عوامي ۽ جمهوري انقلاب جي ڪنجي“ چوي ٿو- ۽ اُها ڪنجي سنڌ ۾ هو پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو، ۽ اُها، جنهن کي هاڻي هڪڙي ننڍڙي ٽولي ”زوريءَ ڇاپو هڻي، پنهنجي ذاتي ملڪيت بنائي ڇڏيو آهي“، اُن تي موٽ ۾ پاڻ ڇاپو هڻي، اُن کي هو پنهنجي ذاتي ملڪيت بنائڻ گهري ٿو، ته جيئن اِها ڇاپي ”آگرين تي ڳڻڻ جيترن اتحاد جي دشمنن“ جي هٿن مان کسجي سندس پنهنجي هٿن ۾ اچي. بس، جي ائين ٿيو ته سنڌ جو ”وطن دوستيءَ جو قانون“ به بچي ويندو ۽ سنڌ جو قومي مسئلو به حل ٿي ويندو- نه ته هوتئن ته ’سنڌيت‘ ۽ ’سنڌي قوم‘ جا لفظ ”ڇِٽاٽا، تعصب ۽ تنگ نظريءَ“ وارا لفظ آهن ۽ اُنهن کان ”سامراج جي واضح ۽ کليل کلايل دشمن ۽ عوامي انقلابي قوتن جي علي الاعلان حامين ۽ علمبردارن“ کي - يعني ڪامريڊ پليجي کي ۽ سندس هيري جناب پٽي صاحب کي - ”ڦڪائي“ ٿيڻ گهرجي. پر ڇا ڪجي، جو سنڌ جي قومي جدوجهد تي ائين موٽ ۾، ”زوريءَ ڇاپو هڻي پنهنجي ذاتي ملڪيت بنائڻ“ ۾ ڪامريڊ پليجي جي آڏو جي. ايم. سيد ۽ اُن جي ننڍڙي ٽولي وارا اڳيان قبضيدار رڪاوٽ بنيا بيٺا آهن! اِن صورت ۾ وڃجي ته ڪيڏانهن وڃجي!

بهرحال، قبضي ڇڏائڻ لاءِ ڪامريڊ پليجي تازو جيڪو جتن ڪيو آهي، اُهو ڪامياب ڪيتريقدر به ٿئي، پر سندس پرستارن ۽ سرپرستن پنهي وٽ اُهو پسند خوب ڪيو ويو هوندو، ڇو ته سرپرستن جي مرضيءَ جي ته ڳالهه ٿي، ۽ وقت سر ڪمان تي ڪين اِهو زهه به چاڙهڻو هو-- وڏيرپ جي سياست ۾ بازي سندن پاسي هئي، ”جيئي سنڌ“ بدلجي ”جيئي پٽو“ ٿي چڪو هو، عوام ۽ سوشلزم جا نعرا به هٿ ۾ هئا، مُلي ۽ مهاجر جي اڳيان سندن هٿ جوڙ ۽ ڏند ٽيڙ ايتري، جو هو اسلام ۽ اردوءَ سان گڏ پنهنجي پيٽ پوڄا ۾ ٿي پورا هئا. باقي رهي هئي سنڌ شناسيءَ ۽ سنڌ دوستيءَ جي ڳالهه، يعني مظلوم ۽ محڪوم ننڍين قومن جي نجات جي ڳالهه. سو ان ڳالهه جي ڪرڻ وارن تي جيڪڏهن ”سنڌ ۽ پاڪستان جي چوٽيءَ جو انقلابي وطن دوست عالم ۽ ڏاهو“ ڪامريڊ پليجو، مارڪس ۽ لينن ۽ مائوءَ جا ڪتاب مٿي تي رکي، ميرجي بيهي رهي ۽ نوجوانن ۽ وطن دوست حلقن ۾ سندن ساک کي

ڪجھ ڪيرائي سگھي، تہ اُن ۾ سنڌس سرپرست "اليڪشني سياست باز، ايوبي وڏيرڪي پاٽاري" ضرور خوش ٿيندي ۽ مٿس بيشڪ وڏيڪ مهربان ٿيندي. باقي ڪامريڊ پليجي جا پنهنجا پرستار، تن کي تہ جو ڪجھ سنڌس زبان مان يا "تلوار کان تکي ۽ تيز قلم" مان مارڪسي، لينيني ۽ مائوئي علم جو چوڳو ملندو، اُهو هو آل ڪانوَ وانگر جهٽيندا ۽ ڳهندا بہ رهندا ۽ پر ڦڙڪائيندا، خوش بہ ٿيندا رهندا.

جيئن مٿي عرض ڪري آيا آهيون، گذريل ڇهن مهينن ۾ محترم جي. ايم. سيد جي خلاف رسالي "تحريڪ" ۾ جو ڪجھ لکيو ويو آهي، اُن جو گهٽو حصو، خاص طرح اُن جا ايڊيٽوريل (آگسٽ ۽ آڪٽوبر جا) ۽ نظر قيصرانيءَ جي نالي ۾ لکيل مواد (آگسٽ ۽ آڪٽوبر جي پرچن ۾)، ۽ نور محمد سنڌيءَ جي جواب ۾ لکيل مضمون (سيپٽمبر جي پرچي ۾) ڪامريڊ پليجي جو ئي لکيل آهي: پر پاڻ کي اجان پڌرو نہ ڪيو اٿس، جو شايد پنهنجي پرستان ۽ سرپرستن کي اِهو تاثر ڏيڻو اٿس تہ اڳتي هلي، پنهنجي "تلوار کان تکي ۽ تيز قلم" سان اجا ئي "ڪو وڏو ٻارڻ" ٻارڻ وارو هو- جيتوڻيڪ اسين اهو ئي ٿا وسهون تہ جيڪا ڪجھ ترار کيس هٿٽي هئي، ۽ قلمبازي کيس ڪرڻي هئي، تنهن جو هو اِتي ئي ڇيھ ڪري چڪو آهي؛ اسين پنهنجي طرفان سنڌس اِن قلمبازيءَ جي مٿي جدا جدا جاين تي ڪافي اُبيڙ ڪري آيا آهيون. هيٺ اسان اِن جي هاڻي ڪجھ وڏيڪ چنڊڇاڻ ڪنداسين، ۽ ڏسنداسين تہ ڪامريڊ رسول بخش پليجو، جيڪو پاڻ کي "سنڌ ۽ پاڪستان جو انقلابي وطن دوست عالم ۽ ڏاهو" سڏائي ٿو، تنهن جي "تيز، شوخ ۽ اڪابر ذهن" جي هيءَ مناظرائي پخ پخان ڪيتريقدر هڪ سنئين سڌي، دل جي صفا ۽ ذهن جي چڱي ڀلي ماڻهوءَ جي منهن تي پٽي ٿي سگهي.

ماھ آگسٽ جي ايڊيٽوريل جو عنوان "سنڌيت مٿان هڪ هٿي ۽ نيڪو ختم ڪرايو!" قائم ڪري، ڪامريڊ پليجي، هڪ ديواني ڪورٽ جي وڪيل وانگر، پهريائين يڪطرفو پنهنجو ڪيس گهڙيو آهي، ۽ پوءِ بيهي پنهنجي لاجواب دليلبازيءَ جي ڦرموٽي ڦيرائي اٿس. دليلبازي هيءَ آهي تہ "اڄ جي وڏي ۾ وڏي قومي ضرورت 'قومي اتحاد' آهي" – "قومي اتحاد" ڪامائن ۾

حصو وٺڻ مناسب نہ سمجھيو"-- جيتوڻيڪ اُن ۾ بہ "وڏيرن کي بادشاهي ملي." وري "1955ع ۾ خان غفار وارن هڪڙي وڏيرڪي جماعت ناهي، نالو رکياڻونس 'اتٽني ون يونٽ فرنٽ'، سائين ان ۾ شريڪ ٿيو... چي 'ون يونٽ کان سنڌ آزاد ڪرايون!' اُها آزادي بہ ملي (پر اُن ۾ بہ) وڏيرا مُلڪ جا والي ٿيا." "حقيقت ۾ پِتي صاحب کي سچيءَ سنڌ جو ملڪ مڃائي ڪري سائينءَ ڏنو. هن سنڌين جي قومي جدوجهد جي ڳچيءَ تي وڏيرن جي لوڏ چاڙهي، سالن جي محنت سان قائم ڪيل قومي ٻڌي ٽوڙي، ماڻهو ڀڄائي ڇڏيا، ۽ پِتي صاحب ملڪ ميدان ڏسي، اچي قبضو ڪيو." "حيدر بخش جتوئي... بہ سائينءَ... جو سخت مخالف" هو. "شيخ اياز بہ.... هن وقت... سائينءَ کان الڳ ويٺو آهي." "محب وطن مست ملنگ شيخ عبدالمجيد جو بہ... سائينءَ [اول کان] ساٿ ڪونہ ڏنو هو"-- (اِنهن ٽنهي شخصن جو ڪامريڊ پليجي سان البت ساٿ هو ۽ آهي-- ۽ اِنهن ٽنهي بزرگن کي هُن، اُنهيءَ ساٿ عيوض ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي، روبرو بہ ۽ پريٺ بہ، سدائين گارين جي گلن جا هار پئي پهرايا آهن.)

ناظرين ڏسي سگهن ٿا تہ مناظري بازي ڪيئن هڪڙا رنگ لاهي ٿي ۽ ٻيا چاڙهي ٿي! ڳالهہ کي دليان ناهڻ تہ سائين هيئن چوي ٿو يا سائينءَ لاءِ هيئن چيو وڃي ٿو، ۽ پوءِ وري مسئلوڏو "قومي اتحاد" جو، ۽ سائينءَ جي "نازي ۽ فاشي سوچ"، سائينءَ سان "پناهگيرن جي سنگت"، سائينءَ جو شهيد ٿيڻ کان انڪار ۽ رڳو "جيلن ۾ عيش ڪرڻ، خان غفار خان جي "وڏيرڪي جماعت" يعني "اتٽني ون يونٽ فرنٽ"، ون يونٽ کان آزادي معنيٰ وڏيرا شاهي، سائينءَ جا مخالف حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز ۽ شيخ عبدالمجيد، ۽ وڏي ڳالهہ تہ "پِتي صاحب جي اڳوائيءَ ۾ سنڌين... جي ڳچيءَ تي وڏيرن جي لوڏ جي چڙهائي"، تنهن جو بار بہ جي. ايم. سيد تي-- مطلب تہ سنڌ ۾ جيڪو بہ ڪو ڪنهن کان ڪنهن طرح ناخوش ۽ ناراض آهي تہ اُن کي جي. ايم. سيد کان سمجهي ۽ اُن لاءِ جي. ايم. سيد تي ڪاوڙ ڪري، ۽ فوراً ڊري اچي، پليجي ۽ پليجي جي سرپرستن يعني "جناب پِتي جي اڳوائيءَ ۾ وڏيرن جي لوڏ" جو پوٺلڳ ۽ پرستار بنجي. "سنڌي قومي جدوجهد تي ڇاپو" ڪامريڊ پليجي اٿين هٿڻ تي گهريو-- ۽ هنيو

اٿس- هاڻي باقي سندس ياڳ جي ڳالهہ آهي، جي ڦٻيو تہ واهہ واهہ، نہ تہ بہ اهڙو تہ هوندئن ئي آهي!

سيپٽمبر جي "تحريڪ" ۾ "هڪ [بيو] خط ۽ اُن جو جواب" اداري طرفان يعني پليجي جي پنهنجي "تلوار کان تکي ۽ تيز قلم" سان رقم ٿيل آهي ۽ سندس پنهنجي "تيز، شوخ ۽ اڪابر ذهن" جي پيداوار آهي. جواب کان اڳ، ملن وانگر، برڪت لاءِ، يا پڙهندڙن تي رعب ويهارڻ يا ڪين پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ، ڪامريڊ مائوءَ جي مضمونن مان اقتباس، "تنقيد ۽ خود تنقيد" جي عنوان سان، ڏنو ويو آهي. اُن کان پوءِ، اول پنهنجي نيڪ نيتيءَ ۽ ڀلمانسيءَ جون وڏيڪ ڳالهيون ڪيون ويون آهن- مثلا، هڪڙي هيءَ تہ "تحريڪ" رسالي "شاهہ صاحب جي سياست جي اصولي چنڊڇاڻ ڪئي آهي، ۽ سندس ذات لاءِ سچيءَ دل سان عزت ۽ احترام جو اظهار ڪيو آهي". ٻي ڳالهہ هيءَ تہ "سنڌي عوام جو مفاد انهيءَ ۾ آهي تہ سنڌ جي سموريءَ سياست جو پورو پورو ۽ صحيح صحيح حساب ڪيو وڃي، ۽ سمورو حساب ڪتاب ۽ رڪارڊ جيئن آهي تيئن رکيو وڃي ۽ اُن ۾ ڪنهن بہ شخص يا ٽولي جو لحاظ رکي، ڪنهن بہ قسم جي گڙٻڙ ۽ جعلسازي نہ ڪئي وڃي..."-- گويا "تحريڪ" رسالي ۾ اِئين ڪيو ويو آهي ۽ ائين ڪيو ويندو! اِن کي چٽبو آهي سُنهن ويسهہ جي چالاڪي يا ڏٽي بازي-- جيئن گشتي ڪوڙا دوا فروش ڪندا آهن، جن کي هونديون آهن پنهنجون ڪوڙيون ۽ جعلي دوائون وڪڻيون، پر اعتبار اهڙا پيا ڏيندا ۽ ڳالهہ جي ٻڌڻي اِئين ٻڌندا، ڄڻ اُهو ڏنڌو بيا دلبائي ۽ نڳ حڪيم ڪندا آهن، ۽ هي خود بہ پاڻ ماڻهن کي اُنهن جي نڳين ۽ دلين کان خبردار ٿا ڪن، ۽ اُن لاءِ، پنهنجي طرفان هي ويچارا گامون سچار ۽ جراح حڪيم تہ بنهہ سچيون ۽ مجرب دوائون ڪنيو، رڳو خلق خدا جي خدمت لاءِ ۽ آخرت جي ثواب خاطر، ڏينهن رات پنهنجي ننڊ ڦٽايو شهر شهر گهمندا ٿا وتن! ڪامريڊ پليجي بہ اهڙي فرسٽ ڪلاس سنهن ويسهہ ڏيارڻ کان پوءِ، "سنڌ جي سموريءَ سياست جو پورو پورو ۽ صحيح صحيح حساب... ۽ سمورو حساب ڪتاب... ۽ رڪارڊ" اِئين ويهي ٺاهيو آهي، جو سچي ڏراوت سندس پنهنجي نالي ڪري ڇڏي، اَٿس، ۽ اُن ۾، سواءِ پنهنجي، ٻئي "ڪنهن بہ شخص يا ٽولي جو لحاظ"

واقعي ڪونہ ڪيو اٿس. سچي "حساب ڪتاب ۽ رڪارڊ" ۾ هن ہي ڪابہ "گڙٻڙ ۽ جعلسازي" ڪانہ ڪئي آهي، سواءِ ان جي، جنهن جو ذڪر جديد انقلاب جي مک امام، اينجلس، هڪڙي جرمن نقاد ۽ ناٽڪ نويس، پال ارنيسٽ، ڏانهن لکيل خط ۾ ڪيو آهي، جنهن جو حوالو متي شروع ۾ ڏنو ويو آهي؛ يعني هيءَ تہ ڪامريڊ پليجي رڳو 20 سالن جي "تاريخي حقيقتن کي پنهنجي مرضيءَ ۽مفاد پٽاندر موڙي مروڙي، پنهنجي دلپسند ۽ ذاتي طور فائديمند قالب ۾ نمڪائي چڏيو آهي، تہ جيئن پنهنجن سرپرستن ۽، خاص ڪري، پنهنجن پرستارن جي اڳيان، هو اڪيلي سر سنڌ ۾ "وطن دوست عوامي انقلاب" جي اڳواڻ طور پاڻ کي پيش ڪري سگهي.

آڪٽوبر جو رسالو "تحريڪ" ايڊيٽوريل سان شروع ٿئي ٿو، جنهن جو عنوان آهي "اسين ڪنهن جي گارگند کان نہ ڊڄنداسين! اسين پاڻ گند نہ ڪنداسين!" هن نيڪ ارادي جي اظهار جي سبب هيءُ هو، جو "تحريڪ" ۾ جيڪو چئن مهينن کان اڳڏو سارو ڪجهہ ڪيو ويو هو، تنهن جو ان وچ ۾، ٻئي پاسي کان، "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" اشاعتن ۾ ڪجهہ ڪجهہ جوابي اقدام عمل ۾ آيو هو.

هن ايڊيٽوريل ۾ ڪامريڊ پليجي پهريائين مجروح معصوميت واري مناظرائي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي. چي "'تحريڪ' جي ڪارڪنن کي سنڌي پورهيت عوام جي نقطي نظر پيش ڪرڻ جي جرم ۾ قلمباز لوفرن ۽ غنڊن هٿان غليظ ۽ گنديون گاريون ڏياريون ويون آهن... سنڌي حيا، فضيلت ۽ اخلاق جا سمورا ليڪا لتاڙي... گند اڇلايو ويو آهي". مطلب تہ "تحريڪ" جي ڪارڪنن معنيٰ ڪامريڊ پليجي پاڻ گل ٿي اُڇليا، ۽ موٽ ۾ سندن مخالفن مٿن ڪنڊا اُڇلايا هئا. اُن کان پوءِ ڪامريڊ پليجي "قلمباز لوفرن ۽ غنڊن" کي ڇڏي، اصلي جوابدار جو سراغ لڳايو آهي- يعني "اِهو سڀ محترم جي. ايم. سيد جي نالي ۾ ۽ سندس پاران ٿيو آهي". ڪامريڊ پليجي کان متان ڪو پڇي تہ "نالي ۾" ڪيئن ۽ "سندس پاران" ڪيئن- اُن لاءِ وري ٻڌايو اٿس تہ "حالتن مان ظاهر آهي تہ اهو سندس (سيد جي) اجازت ۽ هدايت کان سواءِ نہ ٿيو آهي... ههڙا ڪم شاهہ صاحب جي موڪل بنان نٿا ٿي سگهن". يعني ڳالهہ گهڙجي بہ ويئي، نهي بہ ويئي ۽ بيهجي بہ ويئي.

سنڌوديش جي لفظن مان بيو ڪوبہ فائدو ٿي نہ ٿو سگهي!" هھڙيءَ دللبازيءَ ڪي ڏسي، واقعي ائين چوڻو پوي ٿو تہ مناظري بازيءَ ۾ جڏهن ڪو دليل باقي نٿو رهي، تڏهن سڄو زور وجهيو بيڪار لفظن جي اُٿل پٿل ۽ بحث جي بڪ تي پوي ٿو. سنڌ جي سرزمين سنڌ جي نالي سان جي. ايم. جِي، پناهگيرن جي ۽ وڏيرن جي جاگير نہ آهي ۽ نہ وري ٿيندي، پر اُها سنڌ سان گڏ سنڌوديش سڏجڻ سان هڪدم انهن جي جاگير ٿي ويندي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌوديش جي نعري لڳڻ سان "وڏيراشاهي ۽ پناهگير رڙ ڪري، جي. ايم. سيد ڪي ڇهٽي ويا آهن!" ۽ "سنڌوديش! سنڌوديش" جو ورد پيا ڪن! مناظري باز ڪي سمجهہ ۾ هيءَ ڳالهہ ٿي اچي تہ وڏيري ۽ پناهگير جو هائو بچي، ۽ سنڌ، سنڌي ۽ سنڌي قوم جا نالا وڃي، سنڌين سان ڪهڙي بہ ڳالهہ ڪبي، تہ هو هڪدم اُن جي وٺ ۾ اچي ويندا. انهيءَ ڪري ڪامريڊ پليجي ڪي سنڌوديش جي لفظن ۾ "سنڌ ڪي رڳو هڪڙي ننيڙي ٽولي [جي. ايم. وڏيرا شاهي ۽ پناهگير] جي ذاتي جاگير ٺهرائڻ" جي رٿا نظر ٿي اچي. ڪامريڊ پليجو ائين پنهنجيءَ اِن هوائي پٽليءَ ڪي اُڏائيندي اُڏائيندي، مضمون ۾ الائي ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪتو آهي. بهرحال اسين سندس ٿي لفظن ۾ ڪيس چئي سگهون ٿا تہ سندس سنڌ ۽ سنڌوديش جي اِن مشڪلات جو اجا ئي وڌيڪ "مدلل ۽ لاجواب ڪندڙ جواب ۽ صفائي اسين آسانيءَ سان ڏيئي سگهون ٿا. پر ائين ڪرڻ سان اُسان ڪي ناقابل تلافي نقصان رسندو. ڪيس ناقابل تلافي نقصان رسندو. سموريءَ قوم ڪي ناقابل تلافي نقصان رسندو. اهڙيءَ صورتحال مان جاڻي ٻجهي ناجائز فائدو وٺڻ ڪي آزاد قومن ۾ بلئڪ ميلنگ چئبو آهي. ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومن ۾ غداري چئبو آهي. بلئڪ ميلنگ ۽ غداري وڏيرا شاهيءَ ۽ پرمار شاهيءَ جي طبقاتي فطرت آهي." انهيءَ ڪري پاڻ ڪي "انقلابي وطن دوست" چوائيندي ۽ "سنڌي پورهيت عوام جي نقطي نظر پيش ڪرڻ" جي هام هڻندي، وڏيرا شاهيءَ ۽ پرمار شاهيءَ جي اهڙيءَ عادتي بلئڪ ميلنگ ۽ غداريءَ کان ڪيس بہ پرهيز ڪرڻ گهرجي.

پليجي محترم جي. ايم. سيد تي "وڏيرڪي سياست" جو الزام هنيو آهي. پليجي پنهنجن پرستارن اڳيان محترم جي. ايم. سيد ڪي رجعت پسند ثابت ڪرڻ لاءِ "پير، سجاده نشين ۽ وڏو زميندار" سڏيو آهي. پليجو محترم

جي. ايم. سيد لاءِ لکي ٿو تہ ” هن [هميشه] دبيل ۽ دِڪيل لفظن ۾، ڪڏهن سڌي ۽ ڪڏهن اڻ سڌي نموني سان، عوام لاءِ نفرت، ڌڪار ۽ خوف جو اظهار پئي ڪيو آهي.“ هڪ محب وطن قومي اڳواڻ واسطي، اهي واقعي سنگين الزام آهن. پر ڏسڻو آهي تہ اِنهن الزامن هيٺ ۾ ڪامريڊ پليجو ڪيتريقدر ديانتدار ۽ صاف دل آهي.

”وڏيرڪي سياست“ جو بيان خود ڪامريڊ پليجي، رسالي ”تحريڪ“- مئي، 1973ع ۾، پنهنجن لفظن ۾ هيئن ڪيو آهي:-

”... جاٽي جم ڪان [وڏيري جي] طبقاتي فطرت قوم دشمن آهي. ماڻهن جو ڇوٽڪارو، آزادي ۽ طاقت وڏيري طبقي جي واسطي موت جو پيغام آهي. اُن ڪري هو ڪڏهن بہ نٿو چاهي تہ سنڌ جا ماڻهو سچ پچ هر قسم جي غلاميءَ کان مڪمل طرح ڇوٽڪارو حاصل ڪن، پاڻ - پرا، سکيا ستابا ۽ آزاد ٿين....

”سندس [وڏيري جي] سياسي جدوجهد جي واٽ هيءَ آهي تہ (1) جڏهن ڌاريون دشمن زور ٿيو وڃي ۽ سندس قوم ڪمزور ٿيو پوي، تہ هو يڪدم دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، ٽپ ڏيئي، وڃي دشمن جي پيرن ۾ ڪري ٿو... انگريزي دور کان وٺي، ون يونٽ جي دور تائين سنڌ جي وڏيرن جو اِهوئي ڪردار ۽ اهوئي روپ رهيو آهي. (2) هو قومي جدوجهد سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ همدرديءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو: ’ادا، آهي تہ ظلم، پر ڇا ڪريون؟ حرامين [دشمن] سان ڪيون تا تہ مرون ٿا. پنهنجن ۾ حال ڪونهي، نہ تہ بدمعاشن کي نيڪ ڪري ڇڏيون، دل تہ گهڻو ئي ٿي جلي، پر بيوس آهيون‘... ون يونٽ جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ سنڌي وڏيرن اِهو ڪردار ادا ڪيو ۽ اِهو روپ اختيار ڪيو. (3) جڏهن ڌاريون دشمن ڪمزور ٿئي ٿو ۽ سندس پنهنجي قوم زور وٺيو وڃي، تڏهن ڪيس ڏکٽي وٺيو وڃي ۽ هو چوغو بدلايو، هڪدم ٻوڙيو، پنهنجي قوم ڏانهن وڃي... [۽] ڀالو ڀولو بنجي، قومي جدوجهد جي پوئين صفن ۾ اشراف ٿيو وڃيو ويهو رهي... آهستي آهستي... اٽڪل ۽ حرفت بازيءَ سان [هو] پهرينءَ صف ۾ جاءِ والارڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، ۽ اُتان ويهي قومي جدوجهد خلاف سازشون ڪري ٿو. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ سنڌي وڏيرن اهو روپ اختيار ڪيو. (4) جڏهن قومي جدوجهد صفا زور

وئيو وڃي ۽ اُن کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ جو ٻيو ڪو رستو نظر نٿو اچي، تڏهن... هو دشمن سان سازباز ڪري ٿو. اُن سان جنگ بند ڪري، ٺاهه ڪري ٿو، ۽ ان جي مدد سان قومي جدوجهد جي قافلي کي گس تان ڀلائي، ۽ روڪي، قافلي کي اُن واٽ تان هلائي ٿو، جنهن واٽ تي هلي، قوم اڳي وانگر سندس غلام بنجيو پوي... گدڙيل چونڊن کان پوءِ سنڌي وڏيرا شاهيءَ جو ڪردار ۽ روپ اِهو پئي رهيو آهي.

"وڏيرڪي طبقي جي تنظيم... جو مقصد عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، وڏيرن کي اليڪشن ذريعي اقتدار جي ڪرسيءَ تي پهچائڻو هوندو آهي.... [اُن ۾] جماعت ڪجهه به نه هوندي آهي، فقط وڏيرو قومي ليڊر سيڪجهه هوندو آهي. هو اِهو بندوبست انهيءَ لاءِ رکندا آهن ته... عين وقت تي 'جماعت ۽ عظيم اڳواڻ' جي نالي ۾ قوم ۽ قومي ڪارڪن جا تختا به ڪيرائي سگهن. اليڪشن تائين [اُن ۾] وچين ۽ هيٺين وچين طبقي مان ڪيترا قلمباز، بيان باز ۽ چاڙي باز ماڻهو ڀرتي ڪري، ڏيکاءَ لاءِ... رکيا ويندا آهن. پر سندن حقيقي ڪم پٽن ۽ مڱڻهارن وانگر وڏيرن جي شان ۾ قصيدا ۽ مداحون پڙهڻ ۽ مخالفن کي گاريون ڏيڻ هوندو آهي. اليڪشن تائين ڪين ٽيڳرون ڏئي، خوب ڪارائي پياري ۽ پيٽ ڀري، لئي ۾ رکيو ويندو آهي... وچين طبقي جا پيٽ ۽ مڱڻهار ڦونڊ ۾ پرچي هلندا آهن... اليڪشن کان پوءِ، وڏيرا ڦري قوم جا چونڊيل عيوضي... ٿي پوندا آهن، ۽ سندن 'وڏيرڪي حڪومت' ڦري، 'عوام جي حڪومت' ٿي پوندي آهي. وچولي طبقي جا قلم باز ۽ چاڙي باز سورما عادت موجب ڪجهه پوز هڻندا آهن. پر جلد ئي ڪين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي ته 'هاڻي وڏيرا پاڻ سرڪار ٿي چڪا آهن، هاڻي ڪين پٽن ۽ مڱڻهارن جي ضرورت ڪانهي'..."

ڪامريڊ پليجو پنهنجي بيان ڪيل هيءَ وصف "وڏيرڪي سياست" بابت پاڻ پڙهي، خود پنهنجي پاڻ کان به پڇي سگهي ٿو، ۽ ٻيو به هرڪو رستي پنڌ ڪيس بيهاري ڪانئس پڇي سگهي ٿو ته اِنهن پارن پٽن ۽ نالن نشانن واري وڏيرڪي سياست سنڌ ۾ (1) 'انگريزن جي دور کان وٺي ون يونٽ جي دور تائين دشمن جي پيرن ۾ ڪرڻ واري، (2) ون يونٽ جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ قومي جدوجهد سان ڳجهه ڳوهه ۾ بزدلانه ۽ مڪارانه همدرديءَ واري،

جي. ايم. سيد جي ڪتاب "سنڌ ڪلچر" تان، جيڪو اڳي بہ ڇپيو هو ۽ هاڻي ٻيهر بہ ڇپيو آهي، هڪڙو ٻي جوڙ جملو ڪٽي، متن الزام هنيو آهي تہ "هن ڌبيل ۽ ڍڪيل لفظن ۾، ڪڏهن سڌي ۽ ڪڏهن اڻ سڌي نموني سان، عوام لاءِ نفرت، ڌڪار ۽ خوف جو اظهار پڻ ڪيو آهي." ڇي، "مثال طور [سيد صاحب] فرمائي ٿو تہ 'هر قوم ۾ ڪثرت هميشه ڪريل ڪردار جي ٿئي ٿي!" سيد صاحب ڪتاب ۾ صفحي 14 تي "قومي ڪردار" جو عنوان قائم ڪري، اُن جي وضاحت 15 صفحي تائين، يعني ذري گهٽ ٻن صفحن ۾، ڪئي آهي، ۽ ٻنهہ اُن جي آخر ۾ مٿيون جملو لکي، ڳالهہ جو خاتمو ڪيو آهي تہ "... اهڙيءَ طرح سان مختلف قومن ۾ ڪردار جون جدا جدا وصفون پيدا ٿين ٿيون... هرويرو اِئين نہ آهي تہ قوم جا جملي افراد مخصوص قومي ڪردار جا پوئلڳ يا قائل هجن. هرقوم ۾ ڪثرت هميشه ڪريل ڪردار جي ٿئي ٿي. اعليٰ ڪردار ڪن ٿورڙ ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. پر اُن جي سچائپ جي ڪسوٽي اها ٿئي ٿي تہ ملڪ جي شعر، ڏند ڪٿائن ۽ ادب ۾ جن ڳالهين کي ساراهيو ويو آهي، اُهي اُن قوم جو ڪردار ڪري شمار ۾ آڻبيون." هيءَ آهي اُها ڳالهہ، جنهن مان هڪڙو وچان جملو ڪٽي، پليجي صاحب پنهنجن پوئلڳن کي پنهنجي گروهي ۽ نفاقي پوئلڳيءَ ۾ سوگهي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ ۾ سچو پچو 'عوام دوست' فقط پليجو آهي. سيد صاحب تہ "ڌبيل ۽ ڍڪيل لفظن ۾ ڪڏهن سڌي ۽ ڪڏهن اڻ سڌي نموني سان عوام لاءِ نفرت، ڌڪار ۽ خوف جو اظهار ڪيو آهي!" تنهنڪري سيد صاحب کي سنڌ دوست ۽ عوام دوست سمجهڻ سنڌ دشمني ۽ عوام دشمني آهي. اي سنڌي شاگردو، اديبو، هارئو ۽ مزدورو! اچو، هاڻي سچي پچي عوام دوست پليجي صاحب جي پنيان هلو تہ جيئن هو اوهان کي ساڻ ڪٺي، پنهنجن سنڌ جي سچن پچن خير خواهن ۽ عوام دوست عوامي حڪمران سرپرستن وٽ سرخرو ٿي سگهي! پليجي صاحب جي دليل بازيءَ جو لغزِاتي اچي، ڏور، چنائي، هوا ۾ آلوپ ٿي ويو. تفو بر تو اي چرخ گردون تفو!

محترم جي. ايم. سيد جون هزارن صفحن جون تحريرون موجود آهن. سيد صاحب ٿي هڪڙو سنڌ جو سياستدان آهي، جنهن پنهنجي سڄيءَ عمر

جي سياسي ڪردار جو تفصيلي ذڪر ۽ اُن جي پوري ڇنڊڇاڻ، هڪ حق شناس، صاف گو ۽ ذميدار شخص وانگر، وري وري پنهنجن ڪتابن ۾ پيش پئي ڪئي آهي، تہ جيئن سنڌ جا محب وطن اديب، شاگرد ۽ سياسي ڪارڪن سندس شخصي ۽ سياسي ڪردار جو پورو پورو ۽ بي ريا مطالعو ڪري سگهن، ۽ اُن جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي مستقبل جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجي عملي ڪردار جو فيصلو ڪري سگهن. ايڏي ساري سوانحي تاريخ جي ذخيري مان ڪامريڊ پليجو فقط هڪڙو اڌو ڳابرو جملو ڪڍي، اُن کي پنهنجي اصلي مطلب ڪان ڇني، محترم جي. ايم. سيد جهڙي هر دلعزيز ۽ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي فدائي شخص کي "عوام دشمن" ثابت ڪري، اهڙي ڪوڙ کي قسمائي ڪوڙ ڇٿبو آهي. اڪيون ڊڪي، منهن تي ميائڻ بہ اِنهيءَ کي ڇٿبو آهي.

پليجو صاحب سنڌ جي عام سياسي ۽ محب وطن خادمن، شاگردن، اديبن ۽ مزدورن جي دنيا ۾، ٻين ڳالهين کان علاوه، پنهنجين شوشائي ۽ نفاقي سرگرمين کان مشهور آهي. اهڙين شوشائي ۽ نفاقي سرگرمين لاءِ ماڻهوءَ کي پاڻ کان پري وڃڻو ئي ڪونہ ٿو پوي. ڪنهن ڳالهہ جو ڪن ڇڪبو، ڪنهن ڳالهہ جو پڇ وٺبو، ڳالهہ جي وار تان کل لاهبي، پنهنجي زبان جا ور وڪڙ ۽ قلم جا ڪرتب ڏيکاربا، ۽ ڪجهہ پنهنجي "خصوصي چاڻ ۽ علاماڻيءَ" جا انگ اکر پيش ڪبا- بس ڪونہ ڪو جماعتين جو حلقو قائم ڪيو، ماڻهو پنهنجي ڏيڍ سر جي مسيت ٺاهيو ويٺو هوندو. ڪامريڊ پليجي جو بہ انقلابي، مارڪسي ۽ محب وطن دنيا ۾ اهڙي ڏيڍ سر جي مُلي مسيتئي وارو حال آهي.

ڪامريڊ پليجو هڪ ذهين ۽ قابل شخص آهي، تحرير ۽ تقرير جي فن جو صاحب آهي. مارڪسي انقلابي تعليم جو ڪافي سنو اڀياس ڪيل اٿس. انتظامي صلاحيتن جو مالڪ آهي. سياسي جدوجهد ڏانهن مائل طبيعت رکي ٿو. پنهنجين شوشائي ۽ نفاقي سرگرمين کي ڇڏي، ۽ پنهنجي مناظرائي طبيعت کي ضابطي ۾ رکي، جيڪڏهن سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ نيڪ نيتيءَ ۽ دلجمعيءَ سان حصو وٺي، تہ هو پاڻ کي سنڌ ۽ سنڌي عوام جو هڪ ڪامياب ۽ قابل قدر خادم ثابت ڪري سگهي ٿو. پر افسوس هيلتائين سندس شخصي ۽ سياسي ڪارستانين جو رڪارڊ اِهوئي آهي، جيئن:

آئي ٻتم وڃ جاءِ، مانہ مکڙيون چري،
ڪتاتورو ڪرهو، لِڪيو لائي ڪاءِ!
(شاھہ)

(اڳتي قدم پبليڪيشن 3 جنوري 1975)

## چائو اين لاءِ جو يحيٰ خان ڏانهن پيغام

جناب عالي، مون اوهان جو نوازش نامو ۽ سفير چانگ تونگ سان توهان جي ٿيل ملاقات واري رپورٽ پڙهي آهي. اوهان جي چين سرڪار ۾ اعتماد جي ڪري آءٌ اوهان جو ٿورائتو آهيان. چين ۽ پاڪستان پاڙيسري دوست آهن. چين جي حڪومت ۽ عوام کي پاڪستان جي موجوده صورتحال ڪري ڏاڍو اونو آهي.

جناب عالي، اوهان ۽ پاڪستان جي ٻين ڪيترن ئي ليڊرن پاڪستان جي سالميت لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ڪم ڪيو آهي، تہ متان ڪٿي پاڪستان ٽڪرا نہ ٿي وڃي. اسان کي يقين آهي تہ توهان جي سياڻپ وارين صلاحن ۽ ٻين مختلف پاڪستاني ليڊرن جي ڪوشش ڪري پاڪستان جو صورتحال سڌري پنهنجي اصلي معمول تي اچي ويندو. اسان جي راءِ مطابق، پاڪستان جي يڪجهتي ۽ اوير ۽ اولهہ پاڪستان جي عوام جو اتحاد ئي اهڙيون بنيادي ضمانتون آهن، جنهنڪري پاڪستان خوشحال ۽ طاقتور رهي سگهندو. هتي اها ڳالهہ صاف ڪري ڇڏڻ بيحد ضروري ۽ اهم آهي تہ پاڪستان جي ماڻهن جي وسيع عوام کي اُنهن اڳرين تي ڳڻڻ جيترن شخصن کان الڳ سمجهيو وڃي، جيڪي پاڪستان جي اتحاد کي ٽوڙڻ چاهين ٿا. پاڪستان جي هڪ حقيقي دوست جي حيثيت ۾ اسين پنهنجا هي احساس اوهان جي آگاهيءَ لاءِ ئي اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

ساڳئي وقت، اسان کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ ڪافي عرصي کان هندستاني حڪومت پاڪستان جي پنهنجن اندروني معاملن ۾ گهڻي دست اندازي شروع ڪري ڇڏي آهي، ۽ اوهان جي اندروني مسئلن کي ناجائز طريقن سان استعمال ڪري رهي آهي. سوويت يونين ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا ملڪ پڻ واري وٽيءَ تي ساڳي ڪار پيا ڪن. چين جي پريس اهڙيون رپورٽون

شايع ڪري رهي آهي، جن ۾ انهن بيجا اڱراين ۽ هٺ ڇراند کي ظاهر ڪيو ويو آهي، ۽ خود توهان وارو خط، جيڪو توهان پوڊگرنيءَ ڏانهن جواب طور موڪليو آهي، اهو پڻ اسان جي پريس ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

چين جي حڪومت اِئين سمجهي ٿي ته جيڪي ڪجهه هن وقت پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي، سو پاڪستان جو پنهنجو اندروني معاملو آهي، جيڪو پاڪستان جا ماڻهو پاڻ حل ڪري سگهن ٿا. اِنهيءَ ۾ ٻيءَ ڪنهن به ٻاهرينءَ دست اندازيءَ جي ڪابه ضرورت ۽ گنجائش ڪانهي.

جناب عالي، اوهين يقين ڪريو ته جيڪڏهن هندستاني هيچين ڪتي پاڪستان خلاف ڪابه اڱرائي ڪئي، ته چين جي حڪومت ۽ عوام، دستور مطابق، پاڪستاني حڪومت ۽ عوام جي حقي جدوجهد جي ڀرپور حمايت ڪندا، ته جيئن اُهي پنهنجي رياستي حڪمرانيءَ ۽ قومي آزاديءَ جي حفاظت ڪري سگهن.

("پاڪستان ٽائيمس" 13 اپريل 1971ع)

●●●

پنهنجي طور تي، هميشہ پاڪستان ۾ مختلف قوميتن جي رضامنديءَ سان، فطري طور تي هڪٻئي جي قريب تر اچڻ ۽ آزادانہ طور ٿي ميل ۽ قبوليل ڪنهن جوڙجڪ تحت، جنهن ۾ هڪٻئي جي قومي حقن جي تسليمي ٿيل ۽ انصاف جي ضمانت ڏنل هجي، گڏجي رهڻ واري اصول تي، دل ۽ جان سان اٽل بيٺو رهيو. چو تہ سيد کي پڪو ويساهہ آهي تہ ان ريت ئي، وقت سان گڏوگڏ، ڪا گهڻ قومي رياست پنهنجو پاڻ کي هڪ قابل قبول ۽ پائدار رياست بنائي سگهي ٿي.

ٽين ڳالهہ تہ، سيد صاحب مسلمانن ۾، مُلائيت جو هميشه سخت مخالف رهيو آهي. اسلام ۾ جيتوڻيڪ مُلائيت (Priest-hood) جي مڪمل طرح مُمانعت ڪيل آهي، تڏهن بہ، گذريل ڪيترين ئي صدين کان انتهائي بدترين قسم جي مُلائيت مسلم سماج ۾ نہ فقط سرائيت ڪري وئي آهي بلڪ اُها جڙ پڪڙي، مضبوط ۽ مستحڪم بنجي چڪي آهي. هر قسم جي پروهت پڻي وانگر – جيئن اُهو ٻين مذهبن ۾ پڻ آهي– مسلم معاشري ۾ بہ مُلائيت، نٺريڻي، اقتدار جي هٻچ ۽ پنهنجي مخصوص گروهي مفادن جي رکواليءَ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. ٻين مذهبن جي ڪليسائي ۽ پروهت پڻي وانگر مسلمانن ۾ ۽ خاص ڪري پاڪستان ۾ مُلائيت عوام جي مادي ترقيءَ ۽ روشن خياليءَ واري راهہ ۾ هڪ نهايت ئي مضبوط ديوار وانگر رنڊڪ بنجي بيٺل آهي. جڏهن تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ سياست جي اوزار طور مذهبُ يا تہ ختم ٿي چڪو آهي، يا وري اُهو مجبور ٿي پنهنجين محدود حدن يعني ڪريا ڪرم ۽ ڌرمي مذهبي ريتن رسمن (Rituals) جي ادائيگيءَ وغيره تائين محدود ٿي چڪو آهي، ٻين لفظن ۾ مذهب کي اقتدار جي جهنجهٽن ۽ سياسي سرگرمين کان الڳ ٿلڳ ڪيو ويو آهي. ان جي ابتڙ هتي اسان وٽ، پاڪستان ۾ مُلائيت ۽ خاص طور اُن جي سياسي زندگيءَ ۾ – هڪ غير متوازن ارڏائيءَ ۽ انتهائي مغروريءَ وارو مقام حاصل ڪري ورتو آهي تنهنڪري، ملڪ کي ۽ معاشري کي مُلائن جي غير منطقي تاويلن، جهالت ۾ ورتل ۽ مايوس ڪندڙ سندن وعظن ۽ اُنهن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ گمراهين جي تباهين کان بچائڻ لاءِ مُلائيت جي سچي سنجٽ ۽ مذهبي جنون پرستيءَ تي بندش لڳائڻي پوندي ۽ اُنهن کي پنهنجين محدود حدن ۾ رهڻ تي

۽ اُنهن حدن اندر ڪم ڪرڻ جو پابند بنائڻو پوندو. حقيقت اِها آهي تہ اِهي مُلا ۽ مشائخ ملڪ ۾ هر قسم جي ترقيءَ ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪيل ڪوششن جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻيل ۽ اسان جي ويساهہ وسوڙيل ۽ اڻوجهہ عوام تي هڪ قسم جي چَتي بڻيل آهن، جنهن ڪان نجات حاصل ڪرڻي آهي.

چوٿين ڳالهہ تہ، سيد صاحب پاڪستان ۾ مٿين طبقي جي حاڪميت جو هميشه سخت مخالف رهيو آهي، جيڪو پنهنجيءَ فطرت ۾ هڪ پيڙيندڙ ۽ غريبان مارُ طبقو آهي ۽ ان طبقي جا ماڻهو پنهنجن گروهي مفادن جي رکواليءَ خاطر عوام مٿان آمرانہ طرز حڪومت مڙهين ٿا. تنهنڪري مجموعي طور تي اهو طبقو ڪنهن قوم ۾ انتشار، غربت ۽ سماجي پسماندگيءَ کي هميشه لاءِ قائم ۽ دائم رکڻ جو يقيني ڪارڻ آهي. سچي ڳالهہ تہ اِها آهي تہ سيد صاحب اِن سلسلي ۾ سيڪيولرزم، جمهوريت ۽ سوشلزم سان پنهنجي وابستگيءَ تي اٽل بيٺل نظر اچي ٿو ڇو تہ هن جديد دور ۾ ڪنهن قوم ۽ خاص ڪري ترقي ڪندڙ ملڪن جي دُنيوي بقا ۽ فلاح ۽ بهبود لاءِ اهي يعني سيڪيولرزم، جمهوريت ۽ سوشلزم لازمي شرط آهن.

اسين سائين جي. ايم سيد جي سنڌيءَ ۾ ڪيل هن اهم ۽ قومي تعمير جي خيال ڪان بيحد ڪارائتيءَ تقرير جو لفظ بہ لفظ انگريزي ترجمو پيش ڪرڻ ۾ سَرهائي محسوس ڪريون ٿا، جيڪا پاڻ "پاڪستان ۾ قومي يڪجهتي" جي عنوان تحت 11-6-1967 تي اُن وقت ڪئي هئائون جڏهن سنڌ ون يونٽ جهڙي بدنام زمانہ نظام خلاف ۽ اُن ڪان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حق تي مضبوط بيٺل ۽ بي مثل جدوجهد ڪري رهي هئي. سيد صاحب جي هيءَ تقرير پاڪستاني حڪمرانن ۽ سياسي اڳواڻن سان سندن سيني اختلافن کي ه فقط هڪ مضبوط نقطي يا محور تي آڻي بيهاري ٿي پر انهن سيني اختلافن جي باوجود بہ کين ملڪي ايڪي، امن ۽ ڀائيچاري لاءِ، جيڪو پاڪستان ۾ شامل قوميتن جي وچ ۾ انصاف ۽ برابريءَ جي بنيادن تي قائم هجي، جدوجهد ڪندڙ هڪ عظيم محب وطن جي روپ ۾ وڏي آيل ۽ سيني ڪان اڳتي بيٺل ظاهر ڪري ٿي.

اسان کي اميد آهي تہ اسان جا لائق پڙهندڙ حضرات "قوم" بابت سائين جي. ايم. سيد جي سوچ ويچار ذريعي سندن ذهن جي هڪ واضح

جهلڪ حاصل ڪري سگهندا. سيد صاحب جا اِهي نظريا يا سياسي ويچار ملڪ جي وجود ۾ اچڻ واري ڏينهن کان وٺي سياسي حلقن ۾ نهايت ئي ڪافي گرما گرميءَ ۽ غلط فهميءَ جو ڪارڻ بڻيا آهن. اسين سمجهون ٿا ته سيد جي هيءَ تقرير اسان جي قومي ۽ سياسي ويچار ڌارا ۾ هڪ عظيم سنگ ميل ثابت ٿيندي، ۽ اِن ريت اِها اُنهن سيني ماڻهن جي پوري پوري توجهه جي حقدار آهي جيڪي نه فقط پنهنجي پاڻ کي پاڪستان جي عوام جا گهڻگهرا سمجهن ٿا بلڪ پنهنجن مخصوص مفادن خاص ڪري اقتدار اعليٰ ۽ گروهي مفادن کي سيني قومن جي عام ڀلائيءَ خاطر پاسيرو رکڻ يا قربان ڪرڻ لاءِ تيار ۽ خواهشمند آهن- اُنهن سيني عام ۽ خاص ماڻهن جي ڀلائيءَ خاطر، جن پاڻ ۾ گڏجي هڪ متحد، مضبوط، ترقي ڪندڙ ۽ پوريءَ طرح هڪ متوازن پاڪستاني قوم بنجڻ جو عزم ڪيو آهي.

# سيد مراد علي شاهہ جي قتل جو سانحو ۽ سيد خاندان*

عزيز ڪاڇيلي جي نالي ۾ لکيل هڪ مضمون نامدار سنڌي اخبار "برسات" مؤرخہ 8 جولاءِ 1996ع جي ٽئين صفحي جي زينت بڻيل آهي، جنهن ۾ ڇپيل آهي تہ "سرڪٽ هائوس دادوءَ جي وي آءِ پي ڪمري ۾ جناب ابراهيم پنهور صاحب جنهن کي عام طور 'ڏاڏو' بہ سڏين ٿا ماضيءَ جا ڪي واقعا ٻڌائيندي، دعوا ڪئي آهي تہ سنڌ جي وزيراعليٰ محترم عبدالله شاهہ صاحب جي پيءُ (مرحوم مغفور مراد علي شاهہ) جو قتل پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ پهريون سياسي قتل هو، جيڪو خالص سياسي بنيادن تي ٿيو هو". ۽ اهو تہ" محترم عبدالله شاهہ کي پڪ آهي تہ سندس پيءُ کي قاضي اڪبر جي حمايت ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سيدوريل شاهہ سيوهڻ واري، جي ايم سيد جي چرچ تي، قتل ڪيو هو. اهڙو اظهار عبدالله شاهہ صاحب شروع کان ڪندو رهيو آهي... ان وقت ماڻهو بہ چوندا هئا تہ جي ايم سيد جي ڪري ئي وريل شاهہ مراد علي شاهہ کي ماريو هو."

تاريخ جون حقيقتون وسري بہ وينديون آهن، دزجي ۽ دونهاٽجي، سڃاڻپ کان نڪري بہ وينديون آهن ۽ وقت سر هٽرادو ناهيون ۽ گهڙيون بہ وينديون آهن. هيءَ ڳالهہ، جنهن دادو ضلعي جي امن امان ۽ قانون جي رکوالن طرفان تازو سن شهر جي معصوم ماڻهن مٿان نازل ڪيل 'ڪربلا' کان فورن پوءِ، دادوءَ جي سرڪٽ هائوس جي وي آءِ پي روم مان، ائين منهن ڪڍيو آهي، ان ڳالهہ جي، حقيقت جي انهن ٽن صورتن مان، ڪهڙي خاص صورت ٿي سگهي ٿي! ان جو جاڻڻ ڏاڏا ابراهيم پنهور ۽ عزيز ڪاڇيلي صاحب ۽ سنڌ جي محترم وزيراعليٰ صاحب ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ عالمن

---

* هي مواد مختلف اخبارن ۾ "سيد مراد علي شاهہ جو قتل - تاريخ جو رڪارڊ درست ٿيڻ گهرجي." عنوان سان شايع ٿيو هو.

۽ اديبن ۽ صافدل عام سنڌي ماڻهن ۽ پڻ سنڌ جي معتبر سنڌي اخبار "برسات" جي پنهنجي پنهنجي ايمان جي صفائيءَ لاءِ بيحد ضروري آهي. هيءَ سڄو ڪيس ڪو هڪ ڇُنڪي ۾ واقع ٿي، گم ڪو نه ٿي ويو هو، جو ان جي اصل حقيقت ڪو ڄاڻڻ چاهي ته هن کي معلوم ٿي نه سگهي! ۽ نه ٿي ان کي ڪوبه ڏاڏو ابراهيم پنهور جيئن لڳائڻ چاهي تيئن لڳائي ٿو سگهي!

سنڌ اسيمبليءَ جون 1946ع ۾ به پيرا چونڊون ٿيون هيون. هڪڙي ان سال جي شروع ۾ ۽ ٻي ان ئي سال نومبر مهيني ۾. بمبئيءَ کان آزاد ٿيندي پهرين اهڙي چونڊ 1936-37ع ۾ ٿي هئي. ان کان پوءِ ٻي چونڊ 1942-43ع ۾ ٿيڻ واري هئي، پر ٻيءَ مهاياري جنگ سبب اها دير سان 1946ع جي اوائل ۾ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ جيڪا اسيمبلي وجود ۾ آئي هئي، ان ۾ مسلم ليگ جي وزارت سر غلام حسين جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ٿي هئي، پر ان کي واضح اڪثريت به ڪانه هئي ۽ اها نهي ئي انگريز گورنر سر فرانسيز مُوڊيءَ جي ٽيڪ تي هئي. ان چونڊ کان اڳ ئي سائين جي ايم سيد آل انڊيا مسلم ليگ مان، سنڌ جي اندروني مسئلن ۽ سنڌ کان ٻاهر جي ماڻهن جي بيجا دخل اندازيءَ جي سوال تي، الڳ ٿي چڪو هو، ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سندس اڳواڻيءَ هيٺ ليگ مخالف ڪوئاليشن (اتحادي) پارٽيءَ جي هٿان اها ليگ وزارت ڊهڻ واري ئي هئي، ته انگريز گورنر موڊيءَ (جنهن کي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب جو گورنر ڪيو ويو هو) سر غلام حسين سان مصلحتي ٿي، 1935ع جي انڊيا ايڪٽ جي فقري نمبر92 هيٺ اسيمبليءَ کي برخواست (Dissolve) ڪري، 1946ع جي نومبر مهيني ۾ پيهر چونڊن جو اعلان ڪيو.

سنڌ اسيمبليءَ جي هنن آخري چونڊن ۾ سيوهڻ، ڪوٽڙي ۽ محال ڪوهستان جي ٽڪ مان، جيڪو سائين جي ايم سيد جو پنهنجو آزمايل ۽ مضبوط ٽڪ هو، سائين جي. ايم. سيد ۽ قاضي اڪبر ٻئي به مک اميدوار هئا. قاضي اڪبر جتوئيڪ حيدرآباد شهر جو رهندڙ هو پر هن جا وڏا اصل ۾ سيوهڻ جا رهاڪو هئا ۽ سيد گل محمد شاهه وارن سان ويجهي مائٽي به هيس، جيڪو سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جو سجاده نشين به هو ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ دادوءَ جو صدر به هو. سيوهڻ جي سيد وريل شاهه وارن سان به

سندس ماتحتيءَ جا ناتا هئا. جيڪو سيوهڻ ميونسپالٽيءَ جو ۽ سيوهڻ مسلم ليگ جو صدر به هو. اُهي ٻئي سيد وڏي اثر رسوخ وارا هئا ۽ قاضي اڪبر جا حمايتي هئا ۽ حڪومت سنڌ جي عملدار شاهي به سڄي هن جي پُشتيءَ ۾ هئي. سنڌ حڪومت جي تعليمي وزير، دادوءَ جي رهندڙ پير الاهي بخش، سان به قاضي اڪبر جي ويجهي ماتحتي هئي يا ٽيڻ واري هئي ۽ اُهو صاحب آن ناتي به اليڪشن ۾ قاضي اڪبر جو سرگرم مددگار هو.

سيد مراد علي شاهه جي خوني واقعي واري ڏينهن سائين جي. ايم. سيد 1946ع واريءَ چونڊ جي ڪم جي سلسلي ۾ پان سعيد آباد ۾ سيد قادر بخش شاهه وٽ مهمان هو. آءُ به سائن اتي گڏ هوس. (سنڌ اسيمبليءَ جي مذڪوره ٿنهي چونڊن ۾، ۽ پڻ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جن به چونڊن ۾ سائينءَ جن حصو ورتو، انهن ۾ چونڊن جي ڪاغذن جي سنڀال لاءِ، اليڪشن ورڪرن جي اسڪواڊ ۾ آئون سائن گڏ هوندو هوس.) صبح جو نيرن تي ويٺا هئاسين ته شهر جو هڪڙو ماڻهو آيو ۽ واقعي جي خبر ڪيائين. تفصيل ڏيندي چيائين ته "رات واهڙ جو مراد علي شاهه پستول جي گوليءَ لڳڻ سان فوت ٿي ويو. پستول سندس دوست وريل شاهه جو هو. ٻئي دوست پيالي نوشيءَ ۾ محو هئا ۽ مراد علي شاهه جي ڪنهن نوڪر کان ڪو گستاخيءَ جو ڳالهائ وات مان نڪري ويو. وريل شاهه تيش ۾ ايندي، پستول ڪڍيو ۽ وهائي ڪڍيائينس. گولي قضا سان وڃي مراد علي شاهه کي لڳي ۽ هو تڏي تي فوت ٿي ويو..." واقعي جي ڳالهه ٻڌندي، پهريون مک ماڻهو، واهڙ ڳوٺ پهتو، سو پير الاهي بخش هو. هو حڪومت سنڌ جو وزير هو. مسلم ليگ جو وڏو اڳواڻ هو ۽ مراد علي شاهه ۽ وريل شاهه ٻنهي جو گهٽگهرو هو بلڪ دوست هو. ٻنهي جا ٻيا قريبي ساد ، به اُتي پهتا. قاضي اڪبر ۽ ٻيا ماڻهو به ڊوڙي وڃي گڏ ٿيا. ضلعي پوليس جو ڪماني مسٽر ڪرچل نالي ڪو انگريز هو. پانن جي پوليس اسٽيشن تي ايف آءِ آر داخل ٿي. وريل شاهه کي گرفتا ڪري سيوهڻ سب جيل ۾ رکيو ويو. ڪيس سيشن ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ هليو. حيدرآباد جي مشهور هندو وڪيل ڏيئل مل سندس وڪالت ڪئي. ڪيس جي سرڪاري پيروي دادوءَ جي پبلڪ پراسيڪيوٽر خان بهادر يار محمد ڪئي پر ترت ئي ڪنهن سبب ڪان ڪيس جي چارج هن کان وٺي سکر جي

پبلڪ پراسيڪيوٽر مشهور وڪيل عبدالمجيد پيرزادي (حفيظ پيرزادي جي مامي) جي حوالي ڪئي وئي. شاهدن گواهن کان پڇائون ٿيون. قانوني دليل بازيون ٿيون. وريل شاهه تي خون جو ارادو ثابت نه ٿيو. ڪورٽ جي جج حادثاتي خون جي قلم هيٺ، لائسنس ورتل فائر آرمس جي لاپرواهيءَ سان استعمال جي ڏوهه ۾ وريل شاهه کي ڇهه مهينا جيل جي سزا ڏني. سڄي ڪيس جو الف کان ي تائين رڪارڊ اڄ به سيشن ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ موجود آهي.

واقعي جو اُهو ڏينهن اڄ جو ڏينهن، مون هن افسوسناڪ واقعي کي سائين جي. ايم. سيد ڏانهن ڪنهن به طرح سان منسوب ٿيندي، دادو ضلعي يا سڄيءَ سنڌ جي ڪنهن بني بشر جي واتان ڪونه ٻڌو؛ ۽ هن حالت ۾ جڏهن سائين جي. ايم. سيد جو وصال ٿي چڪو آهي، مٿس پنجاهه سالن کان پوءِ مراد علي شاهه جي خون جي چُرچ جو ڏوهه هڻڻ هڪ بي بنياد ۽ باطل غيبت کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه ٿي نٿي سگهي. ميان ابراهيم پنهور "ڏاڏو" تو سڏجي، "ڪلٺو، ڪلاٺو، قربائتو ۽ منڙو ماڻهو آهي... ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ مور آهي... سيد عبدالله شاهه جي انتهائي ويجهن دوستن ۽ ساٿين مان هڪ آهي... انگوچو مٿي تي پٽڪي طور ٿو ٻڌي... شاهه صاحب جڏهن به دادوءَ اچي ٿو يا انڊس هاءِ وي رستي خدا آباد وٽان گذري ٿو ته هو اُتي ترسي ڏاڏي کي پاڻ سان ضرور ڪٺي ويندو آهي... سنڌ جي وڏي وزير جي ايتري تمام ويجهي هئڻ جي باوجود هو پنهنجي پراڻي طور طريقي ۽ سادگيءَ واري رنگ ڍنگ سان ٿو هلي؛" انهن سڀني اعليٰ اوصافن سان توڙي انهن کان سواءِ، سندس هي اُتليل ڳالهيون ته "عبدالله شاهه کي زندگيءَ ۾ ٻن ماڻهن کي گهڻي شڪايت بلڪ رنجش رهي آهي- هڪ پير الاهي بخش کان ۽ ٻيو جي. ايم. سيد کان"، يا هي سندس خبرون جيڪي ڪن واسطيدار اصل ارادن جي نشاندهي به ڪن ٿيون ته "عبدالله شاهه چوندو آهي ته جيترو جي. ايم. سيد چوي ٿو ته مان ترقي پسند آهيان، تنهن کان وڌيڪ مان ترقي پسند آهيان ۽ جهڙي هيءَ سچائي سياست جي دعويٰ ڪري ٿو ان کان وڌيڪ بولڊ (Bold) سياستدان مان آهيان"؛ يا سندس هيءُ سچو ئي گفتو ته "پير الاهي بخش جي پيءُ نواز علي شاهه کي پنهنجو گهر به ڪونه هو، صرف هڪ ڏاند هيس جيڪو سواريءَ جي ڪم ايندو هيس، بس تعويذ ۽ چنبا ڦيٽا ڪندو ڦرندو

هو... سندس هڪ ٻيو پٽ سيد واحد بخش شاهه هو جيڪو منهنجي ٻيءَ اسحاق سان هارپو ڪندو هو... ڪيترن ئي موقعن تي سيد مراد علي شاهه پير الاهي بخش جي مالي مدد ڪئي ۽ وزير ٿيو تہ مراد علي شاهه خرچ ڪيو..." وغيره وغيره ۽ اهي سڀ اُبتا سُبتا گفتا ۽ تُند تلخ پترايون دادوءَ جي سرڪٽ هائوس جي وي آءِ پي ڪمري مان ايندي، بنهہ هاڻ اچي وارد ٿين ۽ اُتان انهن جي سڄيءَ سنڌ لاءِ نشر اشاعت ٿئي- رڳو فقير ابراهيم پنهور جي ڪنهن فتوريل نيت يا سندس ڪنهن ٽڙيل ڪَل جا ئي ڪم نٿا ٿي سگهن. دادو ضلعي ۾ بہ سياسي گاديون آهن- پير الاهي بخش جي ۽ جي. ايم. سيد جِي- انهن کي پنهنجي جاگير بنائڻو آهي، سڄي اک انهن تي آهي.

محترم عبدالله شاهه صاحب پنهنجي مرحوم والد جي فوتيءَ وقت عمر جي صغير سنيءَ ۾ هئا. خاندان جي اهڙي ڪنهن اندوهناڪ حادثي کي هميشہ گهر جا وڏا ۽ ٻيا ويجها بزرگ يا پوءِ ڏاڏي ابراهيم پارا، وڏيءَ عمر وارا، گهڻگهرا، ڪي وڌندڙ جذباتي رنگ ۽ پرڪشش نقش چنبڙائي، ڦرموٽيءَ وانگر چڪرائي، پٽ تي اڇلائي ڇڏيندا آهن. سائين عبدالله شاهه خاص طرح پنهنجي اڄ جي پڪيءَ عمر ۾ ۽ ايڏي وڏي درجي ۽ حيثيت تي رسڻ کان پوءِ پنهنجي ان خانداني سانحي جي سلسلي ۾ محض ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ نفرت جي منفي رد عمل جا تاثرات ٿو رکي. انهن جي جاءِ تي مثبت سوچ کي پنهنجو ڪرڻ مٿن لازم آهي. ان لاءِ ڪين سانحي جو تفسير ۽ ان جي وضاحت سانحي جي قانوني رڪارڊ جي بنياد ۽ پنهنجي سالم سوچ ۽ ضمير جي روشنيءَ ۾ قبولڻي پوندي. اسين سڀ سندس دعاگو آهيون. پاڻ وڏيءَ صلاحيت جا صاحب آهن، ۽ باهمي اعتماد ۽ محبت جي فروغ ۾ جيڪا پلائي آهي، تنهن جي رحمت ۽ منفعت جو نہ ڪو ڇيهہ آهي ۽ نہ ئي خصوصي ڪا حدبندي يا ٻي ڪا وڇوٽي ئي آهي.

(روزانہ "عوامي آواز" جولاءِ 1996ع)

●●●

# جي. ايم. سيد ۽ پاڪستان جو تصور*

منهنجو انگريزيءَ ۾ ڪتاب "سنڌ بچايو - کنڊ بچايو" جنهن جو پهريون ڇاپو، تڪڙيءَ ڇپائي هيٺ هو، سو 15 جون 1947ع تي پڌرو ٿي سگهيو هو.

فيصلہ ڪن حالتون جيڪي نندي کنڊ جي ورهاڱي طرف وڌي رهيون هيون. سي هڪبئي پٺيان ايتريءَ تہ تيزيءَ سان رونما ٿينديون ويون. جو هيٺيون وضاحتي نوٽ ڪتاب جي سرورق واري صفحي جي اندرئين پاسي ڏيڻو پيو هو:

"... هيءَ ڪتاب هڪ مهينو اڳ پڌرو ڪرڻ جو ارادو هو. پر ڪن سببن ڪري ائين ٿي نہ سگهيو. تنهن هوندي بہ حڪومت برطانيہ جي هندستانين کي اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت اعلانيل ۽ تازه ترين آڇ هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهہ تي ڪنهن بہ طرح اثرانداز نٿي ٿئي. سواءِ ڪن ضروري تاڪيدي هيٺ مٿانهين جي، اصل ڳالهہ ۽ خاص طور سنڌ بابت. ان جي بنيادي دليل جي اهميت ۽ ان جو وزن ساڳيو ئي رهي ٿو. (م. ا. ج. 15-6-1947")

حڪومت برطانيہ پاران (جيڪا ان وقت هندستان ۾ اعليٰ اختيار جو واحد سرچشمو هئي) اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت "تازه ترين آڇ" جو اعلان 21 مئي 1947ع تي ڪيو ويو هو، ۽ ان جون خاص ڳالهيون هيٺينءَ ريت هيون:

1- هندستان جي (زير عمل) آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪم ۾ خلل نہ وڌو ويندو. پر ان اسيمبليءَ پاران تيار ڪيل آئين ملڪ جي ڪنهن بہ حصي

---

* هي مضمون جويي صاحب جي ڪتاب Save Sindh Save the Continent جي ٽئين ڇاپي جي آخر ۾ وڌايل مواد طور آيل آهي. جيڪو سائين جي. ايم. سيد جي 1942 کان 1947ع واري جدوجهد جي عڪاسي ڪري ٿو. هي مواد سنڌيءَ ۾ اڳ "تِر جي ڳٺي سنڌ" عنوان سان شايع ٿيل آهي.

تي ان حصي جي مرضيءَ کان سواءِ، قبوليت يا تعميل لاءِ لاڳو نہ ڪيو ويندو.

2- ملڪ جي مختلف حصن جي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ بہ طريقا تجويز ڪيل هئا: يا تہ (الف) زير عمل آئين ساز اسيمبليءَ جي ذريعي، جنهن ۾ اختلاف رکندڙ حصن جا نمائندا شامل هجن يا ٿين؛ يا (ب) انهن اختلاف رکندڙ حصن جي نمائندن تي مشتمل جدا جدا آئين ساز اسيمبلين جي نمائندن ذريعي.

3- صوبن جي حوالي سان ڪنهن هڪ اختلاف رکندڙ صوبي يا ان جي حصي کان ٻئي صوبي يا ان جي حصي لاءِ انتظام ڪجهہ مختلف هئا. جيستائين سنڌ جو تعلق هو. ان جي ليجسليٽو (قانون ساز) اسيمبليءَ کي سڌو سنئون فيصلو ڪرڻو هو تہ صوبي کي ڪهڙيءَ آئين ساز اسيمبليءَ سان شامل ٿيڻ گهرجي.

4- عمل پذير پاليسي اها ئي ساڳي قائم رهئي هئي جيڪا برطانيہ حڪومت جي ڪئبينيٽ مشن جي 12 مئي 1946ع، واري ميمورنڊم ۾ واضح ٿيل هئي، جنهن موجب "يونين" يا "گروپن" جي آئين ۾ "ان ڳالهہ جي گنجائش رکي ويندي تہ جيڪڏهن ڪو صوبو چاهيندو تہ ان شروعاتي ڏهن سالن کان پوءِ، ۽ ان بعد هر ڏهن سالن جي وقفي کان پوءِ پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي اڪثريت راءِ سان، آئين ۾ موجود شرطن تي نئين سر ويچار ڪرڻ جي مطالبي ڪرڻ جو حقدار هوندو."

"۽ پڻ اهو هر صوبي جي مرضيءَ تي" ڇڏيل هوندو تہ جيئن ٿي نوان آئيني انتظام عمل ۾ ايندا، تيئن جنهن بہ گروپ ۾ اهو شامل ٿيل هوندو. ان مان ٻاهر نڪري سگهندو. اهڙي حق استعمال ڪرڻ جو اختيار نئين آئين جي بنياد تي ٿيندڙ پهرين عام چونڊن ۾ قائم ٿيل ان جي قانون ساز اسيمبليءَ کي حاصل هوندو."

ان کان اڳ مارچ 1942ع ۾ لارڊ پِروِي سِيل سر اسٽئفرڊ ڪرپس کي برطانوي حڪومت جي "جنگي مشاورتي مجلس" هندستان جي دوري تي اهو اختيار ڏيئي موڪليو هو تہ حڪومت برطانيہ جي ڪيل اعلان (Declaration) بابت هو هندستاني اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري ۽ ان ڳالهہ

جو جائزو وٺي تہ اهو اعلان ڪيتري قدر وڻن قابل قبول هو، جيڪا ڳالهہ ان اعلان جي مقصد جي ڪاميابيءَ لاءِ نهايت ضروري هئي.

مذڪوره اعلان ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هيٺين ڳالهين جو بہ احاطو ٿيل هو:

ٻي مهاڀاري لڙائي (45-1939ع) جي خاتمي کان هڪدم پوءِ هندستان ۾ هڪ چونڊيل مجلس (Elected Body) قائم ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويندا. جنهن کي هندستان لاءِ نئون آئين ٺاهڻ جو ڪم سونپيل هوندو، ۽ ان آئين کي قبول ڪرڻ ۽ هڪدم لاڳو ڪرڻ جو ذمو حڪومت برطانيہ پنهنجي سر تي کڻي رهي هئي. آئين ٺاهيندڙ اها چونڊيل مجلس انڊين يونين لاءِ آئين تيار ڪندي. پر ان آئين جي تياريءَ جي آخري مرحلي تي. جيڪڏهن ڪو صوبو پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي ووٽ سان ان آئين کي قبول ڪرڻ تي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو تہ ان صورت ۾ اهو صوبو انڊين يونين جي حاڪميت اعليٰ کي قبولڻ کان انڪار ڪرڻ ۾ آزاد هوندو. ان صورت ۾ اهو صوبو پوءِ پنهنجو آئين پاڻ تيار ڪري سگهندو جنهن کي اهو ئي درجو، ۽ اها ئي حيثيت ۽ ذميدارين جا اهي ئي اختيار حاصل هوندا، جهڙا انڊين يونين کي هوندا.

برصغير هندستان جي سيني صوبن کي عام طور تي ڌنل ان پسند يا چونڊ (Option) جي اختيار ۽ ان جي ورجاءَ جي خاطري هندستان جي وائسراءِ لارڊ ويول (Lord Wavel) گهڻ ۾ گهڻ ٻن موقعن تي 1944ع ۽ 1945ع ۾ شملا ۾ ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ لڳ ڀڳ ساڳين لفظن ۾ ڏيڻ ضروري سمجهي هئي.

آخري ڀيرو، برطانوي وزيراعظم مسٽر ائٽلي (Mr. Attlee) 20 فيبروري 1947ع تي واضح طور تي چيو تہ "حڪومت برطانيا جو ارادو آهي تہ جون 1948ع کان اڳ ۾ اقتدار اعليٰ ذميوار هندستانين جي هٿن ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ضروري اپاءَ ورتا ويندا. پر اهڙو آئين ذڪر ڪيل وقت کان اڳ ۾ جيڪڏهن تيار ٿي نہ سگهيو تہ حڪومت برطانيا ان ڳالهہ تي بہ ويچار ڪندي تہ ان متوقع تاريخ تي برٽش انڊيا جي مرڪزي حڪومت جون واڳون ڪنهن جي حوالي ڪيون وڃن... آيا، جيئن آهي تيئن. برٽش انڊيا لاءِ مرڪزي حڪومت جي ڪنهن اختياري نظام کي يا ڪن علائقن ۾ موجود

صوبائي حڪومتن کي يا اهڙي ڪنهن ٻئي طريقي سان. جيئن سڀ کان وڌيڪ مناسب يا واجب سمجهجي ۽ جيڪو هندستاني عوام جي بهترين مفاد ۾ نظر اچي.

هندستان جو آخري وائسراءِ، لارڊ مائونٽ بيٽن، جڏهن ته موڪليل ٿي هو سر ونسٽن چرچل جي قول جي نفي ڪرڻ لاءِ (جنهن چيو هو ته "آءٌ برٽش انڊين ايمپائر جي ڏيوالي لاءِ مقرر ٿيل نه آهيان-) اُن اچڻ سان هڪ موقعي تي، اهو چوڻ ضروري سمجهيو ته بادشاهه سلامت جي برطانوي سرڪار عاليہ پاران برصغير هندستان ۾ اقتدار اعليٰ تان دستبردار ٿيڻ واري تازه ترين طريقي ڪار کي ووٽ جي آسان ڪان آسان عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ٿيل آهي، جيڪو صوبن جي ووٽ کان شروع ٿيندي، رياستن جي گروپن وسيلي مرڪزي حڪومت جي آئين جي سرانجاميءَ تائين پهچندو. اهو طريقي ڪار پنهنجي اصل مقصد ۾ سيني لاڳاپيل ڌرين کي بااختيار حڪومت جي درجي (Dominion Status) واري آڇ هئي ۽ اڳتي وڌي، آزاد مرضيءَ سان انهن گروپن مان نڪري اچڻ وارو سندن اختيار سچ پچ ته سندن خودمختياري/ آزادي (Independence) جي برابر هو."

هاڻي اِتي هڪ اهم سوال پيدا ٿئي ٿو: خودمختيار/ آزاديءَ جي حق حاصل ڪرڻ واري ان سڄي قصي جي بار بار ورجاءَ ۽ ان تي ايتري قدر زور ڀرڻ کان پوءِ به هندستان جو ڪو "صوبو" پنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي عمل ۾ شامل نه ٿيو. اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو؟

ان کان اڳ، جو انهي سوال جو جواب ڏجي. هڪ حقيقت ذهن نشين ٿيڻ گهرجي ته سنڌ پنهنجي هڪ مجيل اڳواڻ، عزت ماب جي. ايم. سيد، ذريعي پنهنجي آزاديءَ جي گهر ڪئي هئي. تنهن هوندي به اها ڪوشش ڪامياب ٿي نه سگهي. اها ڳالهه، جيڪا مستند سچائيءَ سان رڪارڊ تي آيل آهي. تنهن کي ٿورن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

"سنڌ مسلم ليگ جي صدر، عزت ماب جي. ايم. سيد، 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ قرارداد پيش ڪيو. جنهن ۾ گهر ڪئي وئي ته "پاڪستان آزاد قومي رياستن جي يونين طور قائم ڪيو وڃي. جنهن ۾ سنڌ به آزاد اڪائيءَ طور شامل هجي." (جلال 1958: 110)... پاڪستان جو

"آزاد" (Independent)( ۽ اعليٰ اختيار رکندڙ (Sovereign) رياستن جي يونين طور تصور ڪيل هو. جيئن 1940ع جي لاهور واري قرارداد ۾ اهو پيش ٿيو هو (مهتاب، 1997: 49). ڪراچيءَ مان انگريزي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ اخبار، سنڌ آبزرور (Sindh Observer). موجب عزت ماب جي. ايم. سيد شروع شروع ۾ هڪ "سنڌي پاڪستان" ناهڻ تي گهريو. پر 1946ع ۾ مسلم ليگ جي سحر مان صاف صاف نڪري اچڻ کان پوءِ هن (برطانيہ جي) ڪئبينيٽ مشن کي، جيڪا تن ڏينهن ۾ هندستان جي دوري تي آيل هئي. آگاهہ ڪيو هو تہ هن هاڻي پنهنجيءَ گهر کي بدلايو هو ۽ هاڻي هن هڪ "سنڌي پاڪستان" بدران "آزاد سنڌ" چاهي ٿي (جلال، 1985: 187).

"... اهڙيءَ طرح 1947ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي آزاديءَ کان اڳ سنڌين وٽ پسند جون ٽي ڪليل راهون هيون: ڪانگريس جي حڪمرانيءَ هيٺ يڪ انتظامي مرڪزي هندستان (Contralised India) جي راهہ، مساويانہ نظام تي ٻڌل ڪانفيڊرل پاڪستان جي راهہ، يا پورن آزاد سنڌ جي راهہ." (مهتاب، 1997ع: 50).

وقت جي ان گهڙيءَ تي جنوري 1946ع ۾ ڪل هند مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت جي مجلس عمل (Committee of Action) عزت ماب جي. ايم. سيد کي ليگ جي مرڪزي تنظيم ۽ سنڌ ليگ ٻنهي مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جو قدم کنيو.

انهيءَ سوال جي جواب لاءِ تہ صوبا، بشمول سنڌ، پنهنجي خودمختياريءَ/ آزادي جي حاصل ڪرڻ لاءِ مضبوطيءَ سان اٿي کڙا ٿيڻ ۾ ڪيئن ناڪام رهيا، پوري هڪ ڊيان طلب بيان جي ضرورت آهي.

هندستان ۾ برطانوي "صوبن" جا شرفاء تر جا ماڻهو (Elites) برصغير ۾ موجود برطانوي شهنشاهيءَ جي سخت مرڪزيت ۽ وسيع پهچ جي عين مطابقت ۾ ڪُل - هند بنيادن تي هريل ۽ منظم ٿيل هئا. جيئن ئي برطانوي شهنشاهي اقتدار اعليٰ "ورهايو ۽ راڄ ڪريو" واريءَ چال کي سياست جي بساط تي آندو، تہ ڏيهي راجائن ۽ شهزادن ۽ صوبن جي سکر ماڻهن پنهنجا مُهرا سنياليا. بلڪ سڀ کان اڳرا پاڻ ئي ان سخت مرڪزيت جي راند جا مُهرا بڻجي ويا ۽ طئي ڪيل ڪُل هند بساط جي وسيع ۽ عريض فاصلن تان ڊوڙندي ۽ بلند آسماني خلائن تائين ٽپندي ۽ ڪِرندي، هڪڙن

ڪُل – هند قومي ۽ بين ڪُل – هند مسلم فضائن ۾ انگريز بهادر سان ۽ پنهنجي پاڻ ۾ هڪبئي سان زور آزمائين ۾ محو جنگ و جدل ٿي، هڪ ٽر برصغير ۾ مخصوص قومي "شهنشاهت" ۽ ٻي ٽر مخصوص مسلم "شهنشاهت" جي اُنڌ ۾ بلڪ اک نہ ڏسي پير واري انڌڪار ۾ ونجي ويئي، ۽ ٻئي ٽريون مڪاني طور پنهنجي پنهنجي پيرن هيٺان واري جيئري ۽ جاڳندي ۽ ڌرتيءَ تي نظر وجهڻ کان رهجي ويون ۽ صوبا جيڪي تاريخي طور برصغير ۾ قديم ۽ ايرنڌڙ جديد قومن جا وطن هئا، تن جي شعور ۽ مسئلن سان سندن ڪوبہ سروڪار نہ رهيو. ٻئي ٽريون، انڊين نئشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، پنهنجو پنهنجو ڪل هند نمائندگيءَ وارو مرتبو ماڻهن جي محض 4 کان 6 سيڪڙو هائوڪاري ووٽن جي آڌار تائين (جيڪي ووٽ بہ سياسي طرح ڏار چونڊ سرشتي تحت کين حاصل هئا.) محدود ڪِن اختيار جي گادين تي مگ بنجي ويهي رهيا. صوبن جا اهي شرفاء جن کي انهن ٻن مت موڙهل (Crazy) جماعتن جي حمايت حاصل هئي، سي برطانوي حڪومت جي آشيرواد هيٺ آڪڙ ۾ پريل ۽ حڪومت برطانيہ جي تيار ڪيل فوجي ۽ عملدار شاهيءَ جي سايي ۾ سک ۽ سلامتيءَ سان رهندي، ان سودي ۾ پنهنجي منهن پاڻ کي فائدي ۾ سمجهندي، ڏکئي بکئي، محروم ۽ مظلوم عوام جي اڻ اتيل ۽ اڏ ستل عوامي طاقت کان ڪجهہ ڪجهہ خائف، مٿان ٿي مٿان پنهنجن انگريز آقائن کان اقتدار جون واڳون پوريءَ فرمانبرداريءَ سان ۽ ماٺ ميٺ ۾ ۽ پرامن طريقي سان پنهنجن لالچي هٿن ۾ وٺي ويٺا. آڪسفورڊ پڙهيل جمهوريت پسند سماجوادي ڪانگريس اڳواڻ پنڊت نهروءَ جي صلاح ۽ مسٽر جناح جي حمايت سان، جيڪو ٻيءَ پارٽي جو اڳواڻ هو، حالتن جو مزيد فائدو وٺندي. ٻنهي لارڊ مائونٽ بيٽن کان اها رعايت ورتي تہ صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي آجيل خود اختياري/ آزاديءَ واري حق جي ڳالهہ پاسيرو رکندي، پنهنجي پنهنجي حصي واريءَ مملڪت ۾ کين حڪمرانيءَ جو اعزاز عطا ٿئي، تہ آزاديءَ جي ٻيک وٺندڙ ۽ ڏيندڙ ٻنهي ڌرين، يعني ڪانگريس ۽ ليگ هڪ ڌر ۽ حڪومت برطانيہ ٻيءَ ڌر جي سڄي پٽ رهجي ايندي. ان طرح جي ڪجهہ سمجهوتي تي متفق ٿيندي، "لارڊ مائونٽ بيٽن پوءِ سڄو وقت صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي فقط هندستان يا پاڪستان جي ٻن رياستن مان هڪ سان

شامل ٿيڻ لاءِ زورائتي مشورن ڏيڻ ۾ ئي سڄو وقت پورو رهيو.“ (جلال 1985: 285)

اٿين ”برطانوي دولت مشترڪه جي دفاعي گهرجن جي وسيع تر مفادن لاءِ برطانيا حڪومت ان صورتحال تي پوريءَ طرح مطمئن رهي ته هندستان جو ٻن رياستن ۾ ورهاڱو ئي ڪافي هو. ان جي ٻئي امڪان طور ڏکڻ ايشيا ۾ عالمي سامراج مخالف/ موافق ڪيٽريون ئي رياستون قائم ٿي وينديون، تنهن کان بغير بچي ويندو!“ (جلال 1985: 254)

”بندرگاهه وارو شهر ڪراچي مثال طور جيڪو دولت مشترڪه جي جنگي توڙي تجارتي حڪمت عمليءَ لاءِ سوئيز ڪئنال کان آسٽريليا جي وچ ۾ رابطي لاءِ نهايت ضروري منزل تي هو، برطانيه نٿي چاهيو ته اهو جي. ايم سيد جهڙي هڪ انقلابي ۽ جذباتي ۽ زورآور شخصيت جي هٿن ۾ وڃي.“ (مهتاب 1997: 50)

مسلمانن جي اڪثريتي صوبن جي معاملي ۾ انهن جي خودمختياري/ آزاديءَ جي امڪاني صورتن کان خاص طرح سنڌن مڪاني حڪمران گروهن جي ڪن لاڳار جو مزيد سبب هيءُ به هو ته ڪين پنهنجن وطن – اڏ پنجاب، اتر اولهه سرحدي صوبي، بلوچستان، سنڌ ۽ اڏ بنگال ۾ حاڪميت لاءِ هڪ ته ڪامل مسلم اڪثريت اڳ ئي حاصل هئي ۽ ٻيو ته منجهانئن خاص ڪري ڪمزور صوبن، ڪجهه اڳيرو ڏسندي، قرارداد پاڪستان جي شرطن ۾ به پاڻ لاءِ خودمختيار رهڻ جي آئيني صورت ۾ ضمانت موجود ڏٺي ٿي ۽ هنن ان تحفظ جي واعدي تي تيستائين ته اعتماد به ڪيو ٿي. پر اها ڳالهه انهن لاءِ اڄ سچ پچ ته هڪ سخت پڇتاءَ واريءَ صورت طور سامهون هوندي. يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪين هڪ متوقع خوشيءَ جي صورت سامهون هئي، جيئن ڪانگريس جيڪا هڪ وحداني راڄ (Unitary Raj) لاءِ ضد ٻڌيو بيٺي هئي اتي هندستان ۾ صوبا رياستون سڏجن پيا ۽ سياسي، معاشي ۽ ثقافتي طرح مڪاني آزاديءَ جا مزا ماڻي رهيا آهن. پر پاڪستان جا صوبا خودمختياري/ آزاديءَ واري ڏٺل ۽ ڏيکاريل ڇٽ پويان لڳا ۽ اڄا تائين ته دست نگر صوبن جي صورت ۾ ئي رهڻ تي پاڻ کي سڙندي ۽ مرندي پيا ڏسن ۽ وفاق جي محض ٽُڪرن تي محتاج طور رهڻ ۽ وقتي وقتي سان هٿين پيرين مونڙين بند، وفاقي فوج جي مارشل لائي گهاٽي ۾ پيڙبا پيا رهن!

بهرحال برصغير هندستان بظاهر تہ آسانيءَ سان ۽ امن امان جي حالت تحت، جيئن ڪجهہ حلقن پاران پوري فخر سان دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، 1947ع ۾ آزادي ماڻي. ان خوش فهم دعويٰ جي باوجود، ڏرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن کي، جيڪي ان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شامل هئا، وڏي هڪ منظم انساني ڪوس مان گذرڻو پيو. اڻ ڳڻيون معصوم انساني جانيون ضايع ٿيون ۽ ماڻهن جي ايڏي وڏي پئماني تي لڏ پلاڻ ٿي، جنهن جو اڳ ۾ ڪوبہ اهڙو مثال ڪٿي موجود ڪونهي، ۽ نتيجي طور مهاڪال ۽ پرلئہ جي پئماني جيترين سماجي ۽ ثقافتي تباهہ ڪاريون بہ رونما ٿيون. جدوجهد هلندي ڪل هند مسلم ليگ پنهنجن برطانوي آقائن تي الزام هڻندي رهي تہ اها ڪانگريس سان ملي، آزاد هندستان کي هڪ اڪثريتي هندو راڄ ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا هئا. چنانچہ ان خود ساختہ خطري کي ٽارڻ لاءِ ڌار رياستن جي گهر ڪئي ويئي ۽ چيو ويو تہ ”جيڪڏهن ممڪن هجي تہ خونريزي ۽ گهرو ويڙهہ کان ضرور پاسو ڪجي. پر ان جي ڪابہ گنجائش نہ ٿي بچي... سو جيڪڏهن اڳلا جنگ چاهين ٿا، تہ اسين ان کي بہ قبول ڪريون ٿا.“ (ڊيوڊ ملسٽيڊ 1996؛ 100). اها مسلم ليگ جي حوالي سان، ان جي بغض جي شڪار ۽ خفت جي آخري آڙاهہ جي گويا هڪ جهلڪ هئي. انهيءَ سيڪجهہ جي باوجود، 15 آگسٽ 1947ع تي بادشاهہ جارج پنجين پاڪستان ڏانهن امائيل پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ چيو؛ ”اهڙيءَ، ريت پرامن ناهہ ذريعي پنهنجي آزادي حاصل ڪري اوهان سڄيءَ دنيا جي آزادي پسند ماڻهن لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو آهي.!“ (ڊيوڊ ملسٽيڊ، 1996؛ 102). بولن جي ڪيهہ جيئن نازڪ چِپ تحقيق ڪيڏي نہ بي حس ۽ بي ڳُڻي ٿِي سگهي ٿي!

**انسانن جي برابري ۽ قومن جي برابري:**

ساڳئي سال 1947ع ۾ جين پال سارتر، پنهنجي جڳ مشهور تصنيف Existentialism is Humanism (”وجوديت ئي انسانيت آهي“) ۾ تلهي ليکي ان نتيجي تي پهتو تہ ”انسان تي سزا بڌل اهي تہ هو آزاد رهي“ "Man is condemned to be free!" (ڊيوڊ ملسٽيڊ، 1996ع؛ 98)

”1947ع کان اڳ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ گجراتي ڳالهائيندڙ ڪجهہ

(زردشت ڌرم وارن) پارسين کان علاوه سنڌ ۾ رهندڙ سڀئي رهاڪو، پوءِ اهي هندو هئا يا مسلمان، گهڻو ڪري سڀئي سنڌي هئا. پاڪستان ٺهڻ وقت، ڪراچيءَ ۾ 75 سيڪڙو هندو هئا (پٺاوالا، 1951، 7). انهن سڀني ۾ سنڌي ٻولي روزمره جي ميل جول لاءِ رابطي جو ذريعو هئي ۽ صوبي جي سرڪاري ٻولي به هئي، اها هندن توڙي مسلمانن ۾ هڪجهڙي عام هئي. ارڙهين صديءَ جي شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي صوفيائي ۽ متييد کان آزاد شاعريءَ سچ پچ ته ان ٻوليءَ کي ٻنهي مذهبن جي هڪ مقدس زبان بنائي ڇڏيو هو. لطيف جي بيتن سان، جن ۾ وطن دوستيءَ، انساني برابريءَ ۽ عالمي ڀائيچاري جو پيغام سمايل آهي، "پاڪستان کان اڳ سنڌ ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان هندستان جو هڪ سمانجاتي (Homogenous) صوبو هئي. (مهتاب علي، 1997ع؛ 46). سنڌ ان وقت به سنڌي ماڻهن جو هڪ آزاد وطن هئي، جڏهن 1843ع ۾ اها انگريز فوجن هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ پنهنجي آزادي وڃائي ويٺي هئي.

ها، سچ پچ ته "انسان تي سزا ٻڌل آهي ته هو آزاد رهي." قومن جي مقدر ۾ به آزادي ماڻڻ سندن خاص حق به آهي ۽ سزا طور مٿن مڙهيل فرض به آهي، پر ماڻهو فرد طور آزاديءَ جو دفاع ۽ آزاديءَ جو لطف فقط ان وقت ماڻي سگهي ٿو، جڏهن سماج ۾ انفرادي طور انساني برابريءَ واريءَ حيثيت کي مڃتا ۽ قبوليت ملي، ۽ قومون آزاديءَ کي پنهنجو ڪري ان جو دفاع به فقط ان صورت ۾ ڪري سگهن ٿيون جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ موجود قومن کي اجتماعي طور قومن جي برابريءَ واريءَ حيثيت ۾ مڃتا ملي. هر ڳالهه جي باوجود، تلخ حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي آزاديءَ وارو ڏينهن اڃا حاصل ڪرڻو آهي. هيءُ ئي اهو وقت جو دور آهي جڏهن پاڪستان کي قومن جي هڪ جيل خاني مان ڦيرائي هڪ جهڙين آزاد ۽ خودمختيار قومن جي جنت بڻايو وڃي، جيئن ان جو واعدو ڪيو ويو هو ۽ سڄي هيڏي رتا ان لاءِ رتي وئي هئي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ سنڌ جا سڀئي محب وطن - مرد، عورتون ۽ ٻارڙا - پنهنجي حياتيءَ جي آخري ساهه تائين پنهنجو اهو فرض نڀائيندا رهندا.

●●●

# پاڪستان جو نهراءُ - جيئن اُهو 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ بحث هيٺ آيو

3 مارچ 1943ع تي ٽڏهوڪي سنڌ پراونشل مسلم ليگ جي صدر جناب جي - ايم - سيد سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ هڪ "غير سرڪاري" نهراءُ پيش ڪيو، جنهن کي پيش ڪرڻ وقت پاڻ "پاڪستان جو نهراءُ" سڏياٿون.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي تہ جناب جي- ايم- سيد پاران پيش ڪيل نهراءَ جي متن ۾ ڳالهہ جي فرقيوارانہ رنگ، يعنيٰ آل انڊيا مسلم ليگ جي 1940ع واري نهراءَ ۾ پيش ٿيل بہ قومي نظريي جي بوليءَ جا انگ، موجود هئا، ۽ مسلم ليگ جو اُهو نهراءُ پڻ "پاڪستان جو نهراءُ" سڏيو ويو هو. پر هائوس جي اندر، جناب جي - ايم - سيد پنهنجي پيش ڪيل نهراءَ کي جيڪا صورت ڏني ۽ ان تي جڏهن ايوان ۾ بحث شروع ٿيو، تہ بحث دوران برصغير هندستان جيڪو ڪيترين ئي قومن جو گڏيل وطن هو، تنهن ۾ اُن جي گهڻ- قومي سچائيءَ جي واضح حقيقت روشن ٿي هئي، ۽ ان کي وڏيڪ خاص طور "پاڪستان" خاص مسلمانن جي وحداني مملڪت طور نہ - جاڪاڻ تہ مسلم ليگ وٽ مسلمان هندن جي ڀيٽ ۾ تہ الڳ قوم سڏيا ويا هئا، پر پاڻ ۾ هو جدا جدا قومن طور سڃاتل هئا، ۽ اُن سبب، پاڪستان ڪثير قومن جي وفاقي مملڪت طور گهريو ويو هو، ۽ مغربي توڙي مشرقي پاڪستان ۾ هندستان جي مسلم قومن سان اُن جي وفاق ۾ هر هڪ لاءِ خودمختياري (Autonomy) ۽ خود اختياري (Sovereignty) جي معاهدي جي ڳالهہ بيهاريل هئي. سنڌ اسيمبليءَ جي سڀني ميمبرن، جن نهراءَ تي بحث ۾ حصو ورتندي تقريرون ڪيون تن تجويز ڪيل پاڪستان جي وفاقي

ڊانچي ۾ سنڌ جي آزاد ۽ خود اختيار حيثيت جي گهَر ڪئي جنهن جي ضمانت 1940ع جي نعراءَ ۾ اڳ ئي موجود بہ هئي.

سنڌ جي وزيراعظم (Prime Minister) (ان دؤر ۾ هاڻوڪي وزيراعليٰ کي وزيراعظم سڏبو هو) سر غلام حسين دهايت الله بحث ۾ حصو وٺندي چيو: ”عزت ماب جي- ايم - سيد جي پيش ڪيل نعراءَ ۾ فقط هڪ ڳالهہ کي بحث هيٺ آندو ويو آهي جيڪا اها آهي تہ [هندستان ۾] مسلمان ڪنهن بہ هڪ مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهڻ نٿا چاهين، پر اُهي پنهنجي لاءِ آزاد رياستون يا وحدتون (States or Units) گهرن ٿا.“

بحث ۾ حصو وٺندي شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ چيو: ”سنڌي مسلمان بلڪل پرپور انداز ۾ واضح ڪن ٿا تہ ڪين ڪوبہ اهڙو مملڪتي نظام جنهن ۾ ڪين ڪنهن بہ اهڙيءَ هڪ مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهڻو پوي، جنهن ۾ ڪا بي قوم غالب هجي، قبول نہ هوندو. بيشڪ اسين ڪنهن بہ اهڙي مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهڻ نٿا چاهيون. مرڪزي طرز حڪومت ۾ هڪ قوم جي مستقل اڪثريت هوندي. عزت ماب جي- ايم - سيد چوي ٿو تہ سوويت يونين جي طرز تي هتي صوبن کي حق خود اراديت ۽ آزادي حاصل هوندي. صوبن کي پنهنجي مرضيءَ موجب وفاق کان ڌار ٿيڻ جو حق بہ حاصل هوندو. روسي آئين ۾ صوبن يا وفاقي اڪاين کي اِن قسم جي حق لاءِ واضح شق موجود آهي... هتي، اسان وٽ سنڌ ۽ پنجاب جي صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ ڪي تڪرار هلندڙ آهن، مثال طور سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي تڪرار وغيره... ان تڪرار جي نبيري لاءِ هڪ امين (Arbitrator) مقرر ڪيو ويو هو، ۽ مسئلي جي نبيري کان پوءِ ٻنهي صوبائي حڪومتن بادشاهہ سلامت کي اپيل ڪئي آهي... قدرت سنڌ صوبي کي سامونڊي ڪنارو عطا ڪيو آهي، انهن سامونڊي سرحدن جي حفاظت لاءِ اسان کي بحري فوج گهرجي، هوائي ۽ پيادل فوج پڻ اسان جي ضرورت آهي. هندستان ۾ نظرياتي اختلاف ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ، بين مملڪتي (Inter State) مامرن جي نبيري لاءِ ڪنهن مرڪزي انتظامي جوڙجڪ (Machinary) جي ضرورت پيدا ٿيڻ کي آءٌ ڪا اڻ ٽيڻي ڳالهہ نٿو سمجهان. هر صوبي کي پنهنجا قدرتي وسيلا حاصل آهن، ۽ سنڌ کي ڪراچيءَ ۾ سمنڊ جهڙي قدرتي نعمت مليل آهي.

رڳو ڪسٽمس جي مد ۾ اسان جي حاصل ٿيندڙ آمدني ساليانو 8 کان 9 ڪروڙ رپيا آهي. انهيءَ کان علاوه اسان جي ٻي آمدني پڻ آهي، جيڪا انڪم ٽئڪس، ريلوي ۽ ٽپال ڪاتن مان حاصل ٿئي ٿي. اِها آمدني (هندستان جي) مرڪزي حڪومت کنيو وڃي ٿي. اسان کي پنهنجي اُن آمدنيءَمان ڪوبہ حصو پتو نٿو ڏنو وڃي. هن وقت اسان جي مالي صورتحال اِها آهي جو اسان جي صوبائي حڪومت صوبي اندر ٻارن لاءِ لازمي تعليم متعارف ڪرائڻ کان قاصر آهي، بيمار ماڻهن جي علاج ۽ دوا درمل لاءِ ضروري نوعيت جي انتظام ڪرڻ لاءِ اسان وٽ پيسا ناهن، ڇو تہ اسان جي معاشي حالت ڪمزور آهي. اسان جي آمدنيءَ جو وڏو حصو مرڪزي حڪومت کنيو ٿي وڃي. اسان کي پنهنجن آمدنيءَ جي وسيلن مان مرڪزي حڪومت جهڙو "سفيد هاٿي" پالڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي...."

جناب محمد عثمان سومري (سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندي) چيو: "اسان وٽ سنڌ ۾، هندو ۽ مسلمان جو ڪوبہ جهڳڙو ناهي. هر ماڻهو سنڌ جي آزادي ڏسڻ لاءِ ماندو آهي. پر، آزاديءَ مان اها معنيٰ بہ هرگز ناهي تہ ڪو اسان جو سنڌ صوبو بلوچستان، پنجاب يا پاڪستان يا ٻين صوبن سان شامل ٿيندو. ائين ڪرڻ جو مطلب سنڌ کي ڪنهن اونداهي کڏ ۾ ڌڪڻ جي برابر ٿيندو، ڇو تہ اهڙيءَ صورت ۾ اسان تي اڪثريت ٻين صوبن وارن جي غالب ٿيندي. سنڌ کي آمدنيءَ جا پنهنجا وسيلا ڪافي آهن ۽ تنهنڪري جيڪڏهن اسين ٻين کان ڌار رهنداسين تہ اهو اسان لاءِ وڌيڪ فائديمند ٿيندو."

خانبهادر محمد ايوب کُهڙي بحث ۾ حصو وٺندي چيو: "مسٽر جناح 1940ع ۾ لاهور ۾ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو هو تہ مسلم ليگ قومن لاءِ حق خوداراديت جي گهر ڪئي آهي. اسين بہ اُهائي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ برطانوي حڪومت مسلمان قومن... سنڌ ۽ ٻين صوبن جو اِهو مڪمل حق، خود اراديت وارو حق، تسليم ڪري. ۽ نہ اُهو درجو جيڪو هينئر آهي جنهن کي صوبائي خودمختياري، آزاد صوبا، تہ چيو وڃي ٿو پر ڪيترين ڳالهين ۾ اسين مرڪزي حڪومت جا تابعدار آهيون.

اسين مرڪزي حڪومت [جي بالادستيءَ] کان مڪمل آزاديءَ جي گهرُ ڪريون ٿا. نين حالتن تحت مڪمل آزادي. ان کان علاوه باقي جيڪو مسئلو

رهي ٿو سو آهي پيادل فوج، هوائي فوج ۽ بحري فوج جو. أهي معاملا مرڪزي نوعيت جا آهن جن کي ڪنهن گول ميز ڪانفرنس ۾ بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو، جتي ڪانگريس، مهاسڀا جا نمائندا ۽ سيئي صوبائي تريون موجود هونديون ۽ أهي سيئي گڏجي ڪنهن نہ ڪنهن قبول جوڳي حل تي پهچي ويندا."

جناب راءِ گوڪلداس چيو: "عزت ماٻ ميمبر جي – ايم – سيد تجويز ڪري ٿو تہ مسلمان مجموعي طور جدا قوم آهن، ۽ أنهن لاءِ ڌار رياستون ـــ(States)هجڻ گهرجن، آءٌ سمجهان ٿو تہ اِهو اِن وقت تائين ناممڪن آهي جيستائين هندستان ۾ آزاد وحدتون قائم نٿيون ٿي وڃن. جيڪڏهن آءٌ انگريزيءَ ۾ چوان اڪاين يا وحدتن جي فيڊريشن (Federation of Units) تہ أن فيڊريشن لاءِ هوڻن ٿي آزاد اِڪاين جو هجڻ لازم ملزوم آهي... آءٌ اِهو چوڻ ۾ سرهائي محسوس ڪريان ٿو تہ عزت ماٻ جي – ايم – سيد هندن جي نمائندن کي پڪ ڏيارينڊي ۽ اهو چوندي تہ ڪيس [يعني جي - ايم - سيد کي] هندو ڌرم تي ڪنهن بہ قسم جي آجوڳ ٽيڪا ٽپڻي يا تنقيد ڪرڻ جي ڪا نيت يا ارادو ڪونهي، اِن ڪان پوءِ ان تاثر کي ختم ٿي سمجهڻ کپي. جيستائين [تجويز ڪيل] پاڪستان جي نظام جو تعلق آهي، يا جيئن عزت ماٻ جي – ايم – سيد پاڻ چيو آهي. آءٌ أن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ چاهيندس. هُو چوي ٿو تہ [گڏيل هندستان ۾] هڪ مذهبي فرقي وارن جي اڪثريت هيٺ سبب أتي استحصالي راڄ قائم ٿيڻ جو انديشو آهي.

أن ۾، جيستائين آءٌ سمجهان ٿو، سندس اشارو هندن جي اڪثريت ڏانهن آهي. [پر] آءٌ پڇان ٿو تہ سنڌ ۾ صورتحال ڇا آهي؟ هتي هندو نہ پر مسلمان اڪثريت ۾ آهن. ساڳيءَ ريت ڪجهہ ٻين صوبن ۾ پڻ مسلمان گهڻائيءَ ۾ آهن. أهي پنهنجي لاءِ ڌار صوبن جي گهُر ڪن ٿا [جيئن سنڌ ۾]، جنهن ۾ سندن حاڪميت هوندي... تنهنڪري اِنهن ڳالهين مان فقط اهوئي ظاهر ٿئي ٿو تہ هن اسيمبليءَ ۾ هيءُ نعراءُ محض اِن ڳالهہ جي آڌار تي پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن تہ هن ايوان ۾ مسلمانن کي واضح اڪثريت حاصل آهي تنهنڪري کين پڪ آهي تہ ان قسم جو نعراءُ پاس بہ ٿي ويندو. أهي

جيڪڏهن اڪثريت ۾ آهن ۽ نهراءُ پاس ڪن ٿا تہ اسان ڪي ان تي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. پر اڄ پنهنجي معزز دوست کي اهو ضرور ياد ڏياريندس تہ هڪ طرف تہ پاڻ هندن تي اهو بهتان رکي، چوي ٿو تہ جيئن تہ اُهي اڪثريت ۾ آهن تنهنڪري [گڏيل] هندستان ۾ بين تي بہ حاڪميت ڪندا. ٻئي طرف، [مسلمانن جي مفاد خاطر] هُو اِهائي ساڳي ڳالهہ اسان جي صوبي سنڌ ۾ دهرائڻ گهري ٿو. ڪين انهيءَ تي ڪجهہ ويچار ڪرڻ گهرجي. يعني اِهو تہ جنهن ڳالهہ کان پاڻ هندن کي جهلي ٿو، يا اُن تي مٿن اعتراض ڪري ٿو. اُها ساڳي ڳالهہ هتي مسلمانن جي مفاد خاطر سنڌ ۾ ورجائڻ جو خواهشمند آهي، جيڪو هندن توڙي مسلمانن جو گڏيل وطن آهي."

بحث جي پڇاڙيءَ تي جناب جي - ايم - سيد اُٺي بيٺو ۽ ٻن تمام اهم نڪتن جي نشاندهي ڪيائين: (1) "عزت ماب راءِ گوڪلداس ميولداس چوي ٿو تہ معاملو جيڪڏهن فقط سنڌ جي آزاديءَ جو هجي ها، تہ اُها ٻي ڳالهہ هئي. انهيءَ جو مطلب اِهو ٿيو تہ پاڻ اُن جي آجيان ڪن ها، پر ڪين اِن ڳالهہ جو اُڪو آهي تہ مستقبل ۾ سنڌ ڪٿي [مثال طور] ترڪيءَ سان شموليت نہ اختيار ڪري وني. هُو ائين چو ٿو چوي! مستقبل ۾ جيڪو بہ فيصلو ٿيو، اُن جو دارومدار ٻنهي ڌرين [يعني هندن ۽ مسلمانن] تي هوندو. اُهي [سنڌي هندو] جيڪڏهن اسان تي ڀروسو رکي سگهن ٿا تہ اسين گڏجي جيڪڏهن پنهنجي نموني آزاد حيثيت ۾ رهي سگهون ٿا تہ ايران ۽ تُرڪي پاڻ [۾ شامل نہ ٿيا آهن] آزاد ملڪ آهن ۽ ڪنهن بہ ملڪ سان گڏيل رياستي انتظام تحت الحاق يا اتحاد ڪرڻ ۾ پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ يا خود اختيار ۽ آزاد بہ آهن، پر تنهن هوندي بہ انهن ائين ناهي ڪيو. [ڊگهي دور جي] تاريخ اها ڳالهہ ثابت ڪئي آهي. مستقبل ۾ ڪهڙا فيصلا ڪيا ويندا، تنهن بابت اڄ وڌيڪ ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهان. مستقبل جا فيصلا هن صوبي جي عوام جي اُمنگن ۽ مرضيءَ تي ٻڌل آهن.

"ٻي ڳالهہ جيڪا راءِ صاحب ۽ ٻين ميمبرن اُٿاري آهي سا آهي ملڪي دفاع بابت. سوال اهو آهي تہ افغانستان پنهنجي حفاظت ڪيئن ڪري رهيو آهي؟ اسان جو صوبو تہ افغانستان جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سکيو ستابو ۽ شاهوڪار آهي. اسان جي صوبي جي آبادي دنيا جي ڪيترين ئي ننڍين

رياستن کان گهٽي وڌيڪ آهي. جيڪڏهن دنيا جون ٻيون قومون جيڪي آباديءَ جي لحاظِ کان اسان کان ننڍيون بہ آهن، پنهنجي وطن جي حفاظت يا اُن جو دفاع ڪري سگهن ٿيون، تہ پوءِ اسين بہ ڇو نہ ائين ڪري سگهون!"

راءِ صاحب گوڪلداس وچ ۾ مداخلت ڪندي چيو: "شاهہ صاحب اِهو محسوس نٿو ڪري تہ اُهي حاڪم قومون آهن!"

جنهن تي مسٽر گزدر ورائي ڏيندي چيو: "اسين بہ هڪ حاڪم قوم بنجڻ گهرون ٿا." جناب جي– ايم – سيد پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو: "تہ پوءِ اچو تہ جاگرافيائي ڀَڌي ڪريون. ڪئناڊا، ۽ آمريڪا جي متحد رياستن (USA) جا مثال اسان جي سامهون آهن. اُهي آزاد قومون آهن، ۽ اُهي هڪبئي ۾ شامل نٿا ٿين. ميڪسيڪو جو مثال وٺو. اُهو هڪ آزاد ملڪ آهي ۽ ڪنهن پرپاسي واري ملڪ يا رياست سان اتحاد ڪرڻ نٿو چاهي. تنهنڪري اسان جي لاءِ ڪن ماڻ وارن ميمبرن جو اهڙو خيال يا انديشو صحيح ناهي.

"سائين اسپيڪر صاحب! اِهي لفظ چئي آءٌ پنهنجي نشست تي ويهان ٿو."

اسپيڪر: "هاڻي آءٌ ٺهراءَ کي راءِ شماريءَ لاءِ پيش ڪريان ٿو."

ڊاڪٽر هيمنداس واڌوانيءَ چيو: "آءٌ ٺهراءَ جي حمايت ڪندڙ ۽ مخالفت ڪندڙ ميمبرن جا ووٽ چاهيان ٿو."

اسپيڪر: "آءٌ اهڙي ورهاست جي اجازت ڏيان ٿو..."

"پاڪستان جي ٺهراءَ بابت راءِ شماريءَ جو نتيجو: ٺهراءَ جي حق ۾ 24 ووٽ ۽ مخالفت ۾ 3 ووٽ – ڪل 27 ووٽ."

تڏهوڪي سنڌ ليجسليٽوِ اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جو ڪُل تعداد 60 هو، پر ٺهراءَ پيش ڪرڻ ۽ اُن تي راءِ شماريءَ واري ڏينهن يعني 3 مارچ 1943ع تي فقط 27 ميمبر ايوان ۾ موجود هئا جن مان 24 ميمبرن يعني اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن جي 40 سيڪڙو ميمبرن، يا ائين ڪٺي چئجي تہ اسيمبليءَ جي ڪُل ميمبرن مان هر 5 ڄڻن مان ٻن ڄڻن ٺهراءَ جي حق ۾ پنهنجو ووٽ ڏنو. ٽن هندو ميمبرن، جيڪي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ موجود هئا، تن پنهنجي ووٽ جو حق استعمال نہ ڪيو، جڏهن سنڌن ساٿي ميمبرن مان اڪثر ڄڻا

ڪانگريس پاران شروع ڪيل ”هندستان ڇڏيو“ هلچل ۾ حصي وٺڻ سبب، جيلن ۾ واڙيل هئا.

پاڪستان جي ٺهراءَ تي ان ڏينهن يعني 3 مارچ 1943ع تي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ جيڪي به تقريرون ٿيون، تن مان واضح طور اِهوئي نتيجو نڪري ٿي سگهيو، ۽ جن به عزت ماب ميمبر صاحبن - ۽ سڀ کان وڌ ٺهراءَ پيش ڪندڙ جناب جي. ايم. سيد پاڻ به- اُن ٺهراءَ تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو، تن سيني جي آڏو سڀ کان وڌ ۽ خاص ويچار جي ۽ ڇوڻ جي ڳالهه هڪ ۽ صرف هڪ ٿي هئي. يعني، سنڌ جي سياسي تشخص جي تسليميءَ جي ڳالهه، هندستان يا پاڪستان جي اندر يا انهن کان ٻاهر سنڌ جي حقِ آزاديءَ جي ڳالهه، ۽ ڪنهن به طرح مرڪزي سيڪيولر يا اڻ سيڪيولر نظامِ حڪومت ۾ ٻيءَ ڪنهن قوم جي مستقل اڪثريتي بالادستيءَ جي قبولڻ کان انڪار جي ڳالهه. پر افسوس، پاڪستان ۾ وري به 1947ع جي ورهاڱي ۾ اُها ئي ناپسند صورت سنڌ تي مڙهجي وَئي، جيڪا 1943ع ۾ پاڪستان جي ٺهراءَ تي ٿيل بحث دوران سنڌ يڪراءِ طور نٿي چاهي.

(روزانه ”عبرت“ 6 فيبروري 2003ع)

●●●

# برطانوي راڄ هيٺ 1937ع کان 1947ع تائين سنڌ کي مليل خودمختياريءَ تي هڪ نظر

سن 37-1936ع کان وٺي 47-1946ع تائين وارا ڏهه سال سنڌ جي جديد تاريخ ۾ نهايت ئي نازڪ دؤر وارا سال هئا. سالن جو اهو ڏهاڪو هندستان ۾ برطانوي راڄ هيٺ سنڌ کي مليل خودمختياريءَ ۽ اُن دؤر جي سامراجي حاڪميت يعني انگريزن جي سلطنت شاهيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيل "ويڙهه" جي "آخري ڏهاڪي" طور ڄاتو وڃي ٿو. انهن ڏهن سالن ۾ سياسي طور سنڌ ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو اُن جو عذاب اڄ ڏينهن تائين ڪم نصيبيءَ جي شامت طور سنڌ مٿان لٽڪي رهيو آهي. سنڌ جي ان ڪم نصيبيءَ جون جڙون سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ (پهرين فيبروري 1937ع، ايڪيهين جنوري 1946ع ۽ نائين ڊسمبر 1946ع تي) منعقد ٿيل ٽن عام چونڊن ۾ کُتل آهن. اُهي چونڊون وڏين آسن اُميدن سان وڙهيون ويون پر هر ڀيري غير معتبر نتيجن جي ڪيفيت ۾ صورت پذير ٿيون. هڪ پاسي سنڌ جي محب اڳواڻ جي. ايم. سيد ۽ سنڌس بااُميد ۽ خوشدل ساٿين ۽ ٻئي پاسي سنڌ جي برطانوي گورنر، ذاتي ۽ گروهي مفادن جي تاڪائو غلام حسين هدايت الله ۽ سندس حمايتين- هندن ۽ مسلمانن- جيڪي پنهنجي حرص هوس ۽ روز بروز وڌندڙ گهرجن جي پورائي ۽ سنڌ مٿان حاڪميت ڪرڻ وارن پنهنجن منصوبن جي تڪميل خاطر پاڻ ۾ مِلي جُٽ ٿيل رهيا- ٽن ئي ٽيمن جي وچ ۾ موجود لاڳيتي هڪ اڻ برابر تڪرار ۽ تلخيءَ سبب اُهي چونڊون اسيمبليءَ جي فلور تان هارايون ويون.

سٺ (60) ميمبرن تي ٻڌل اسيمبليءَ لاءِ پهريون عام چونڊون جيڪي محدود پئماني تي ۽ فرقيوار بنيادن تي، آباديءَ جي صرف 12 کان 13 سيڪڙو بالغن کي ڏنل ووٽ جي حق ۽ ڏار چونڊ سرشتي تحت، منعقد

ڪرايون ويون هيون، تن جي نتيجن طور، انگريز حاڪمن کي سنڌن ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو" واري مقصد ماڻڻ جو، نه رڳو اختيار پر جڻ ته کُليو هڪ وڏو ميدان مليو ويو هو. اڪثريتي ۽ اقليتي فرقي يا ٽرين. يعني مسلمانن ۽ هندن پاران نشان ٿيل ڪن تحفظات کي سبب ڄاڻائيندي. سيٽن جي عدد ۾ اڳوات طئي ٿيل اُٿل پُٿل ۽ چونڊن جي نتيجن کي وڏيءَ چالاڪيءَ سان مزيد هيراڦيريءَ جي ور چاڙهيندي، اختيارن ۽ اقتدار جي توازن کي اهڙيءَ طرح بيهاريو ويو، جو اسيمبليءَ ۾ پهتل ميمبرَ جڻ ته هڪ ڏيهه يا قوم جا ماڻهو نه پر وڻ وڻ جون ڪاٺيون بڻيل هئا.

پهرين فيبروري 1937ع تي ڪرايل چونڊن جا نتيجا جيڪي سرڪاري طور تي ظاهر ڪيا ويا هئا. سي هتي ڏنل چارٽ موجب هئا:

| نمبر شمار | جماعت يا پارٽي | ڪُل حاصل ڪيل سيٽون |
|---|---|---|
| چارٽ: | | |
| 1- | جي ايم سيد جي سربراهيءَ واري "سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي" | 22 |
| 2- | شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي "سنڌ آزادي پارٽي." | 3 |
| 3- | سر غلام حسين هدايت الله جي جماعت "سنڌ مسلم پارٽي." | 4 |
| 4- | سنڌ هندو سڀا (جنهن جو بعد ۾ اسيمبليءَ ۾ نالو بدلائي هندو انڊيپينڊنٽ پارٽي رکيو ويو) | 11 |
| 5- | انڊين نئشنل ڪانگريس | 8 |
| 6- | آزاد ميمبر (مسلمان = 6 + هندو= 2) | 8 |
| 7- | يورپي ميمبر | 3 |
| 8- | پورهيتن پاران | 1 |
| | | ڪُل سيٽون: 60 |

انگريزن ڪان سنڌ کي مليل هيءَ صوبائي خودمختياري اجا به هڪ وڏيڪ عذاب ڏيندڙ زخم يا ڏنڀ سان شروع ٿي. سنڌ جو گورنر سر لنسيلاٽ گراهم جيڪو هڪ خود پسند ۽ هٺيلي سڀاءَ وارو حاڪم هو. تنهن سيني جمهوري قدرن ۽ روايتن کي پائمال ڪندي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جيڪا اسيمبليءَ ۾ واحد اڪثريتي جماعت هئي ۽ جيڪا ٻين هم خيال جماعتن سان

گڏجي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي ڪامل اڪثريتي حيثيت ثابت ڪري سگهي ٿي. تنهن کي پاسيرو ڪندي. هندستان ۾ انگريز سرڪار جي نوازيل ۽ آزمايل دوست سر غلام حسين هدايت الله کي (جنهن جي سنڌ مسلم پارٽي اسيمبليءَ ۾ رڳو چار سيٽون حاصل ڪري سگهي هئي) سنڌ ۾ وزارت ٺاهڻ جي ڪوٺ ڏني.

مختلف سوچ وارن ۽ پانت پانت جي پارٽين "آزاد" ميمبرن - هندن، مسلمانن ۽ پين - کان علاوه جن کي "هر هنڌ حاضر" ٿي سمجهيو ۽ چيو ٿي ويو. چئن ويچار ڌارائن (پليٽفارمن) واريون جماعتون هيون، جيڪي ٿوريءَ گهڻيءَ گهٽ وڌائيءَ سان سجاڳ جوڳيون ۽ منظم هيون، سي هيٺينءَ ترتيب سان سنڌ جي ليجسليٽو هائوس ۾ اچي موجود ٿيون هيون:

1- سنڌ نئشنلسٽ، جن جي اڳواڻي جي. ايم. سيد ٿي ڪئي.... 22
۽ سنڌي نئشنلسُٽ، شيخ عبدالمجيد جي سرواڻيءَ هيٺ ..... 3
2- انڊين نئشنلسٽ، جيڪي انڊين نئشنل ڪانگريس جا حامي هئا....8
3- سنڌي هندو ڪميونلسٽ.....
4- سنڌي مسلمان ڪميونلسٽ، جن جي اڳواڻي سر غلام حسين هدايت الله ٿي ڪئي....4

سنڌ اسيمبليءَ جو افتتاحي اجلاس، سنڌ جي پهرئين وزيراعظم (تڏهن سنڌ جو وڏو وزير Prime Minister، وزيراعظم، سڏبو هو) سر غلام حسين هدايت الله جي اڳواڻيءَ ۾، 27 مارچ 1937ع تي هڪ نراس ۽ خاموش احتجاج واريءَ ڪيفيت ۾ منعقد ٿيو. سر غلام حسين پنهنجي غير مستحڪم حيثيت کي لوڀ لالچ جي خواهشمند ميمبرن کي مختلف قسمن جا دم دلاسا ڏئي، ڪجهه وقت لاءِ استحڪام ڏيئي سگهيو هو- ۽ اهڙي پنهنجي عمل کي هو کُلئي عام "پيٽ وسيلي ميمبرن تائين رسائيءَ واري پاليسي" چوندو هو. تنهن هوندي بہ هائوس ۾ هو پنهنجيءَ اُن حيثيت کي گهڻي عرصي تائين پائدار بڻائي نہ سگهيو ۽ پورن پارنهن مهينن کان پوءِ اسيمبليءَ ۾ شڪست کاڌائين، ۽ 18 مارچ 1938ع تي کيس اهو عهدو ڇڏڻو پيو. پر اقتدار جي ايوان تائين ٻيهر رسائيءَ وارو خبط سندس ذهن تي ڀوت وانگر سوار رهيو ۽ فقط ڪجهه مهينن کان پوءِ پنهنجي جاءِ نشين خانبهادر الله

بخش سومري جي وزارتي ٻيڙي ۾ ٽپ ڏئي شامل ٿي ويو. جيڪو سنڌس ٿي پهرئين ڪئبينيٽ ۾ جونيئر وزير هو. اقتدار جي واڳن کي ڇنبڙي پوڻ وارو اهو پنهنجو انداز سر غلام حسين پنهنجي وڏ وزارت کان پوءِ قائم ٿيندڙ پنجن ئي وزارتن ۾ پنهنجي لاءِ يقيني جاءِ حاصل ڪرڻ وسيلي قائم رکيو. ائين ٿيهر 1940ع ۾ مير بنده علي خان جي ماتحت ۽ چوٿين ڀيري ساڳئي خانهادر سومري جي ماتحت جيڪو تنهن وچ ۾ (1941ع ۾) وزيراعظم طور وري منظر عام تي آيو، ۽ آخر ۾ 1942ع ۾ خان بهادر سومري جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ برطرفيءَ تي، جڏهن ڪيس (سر غلام حسين کي) اسيمبليءَ ۾ ڪنهن هڪ به ميمبر جي حمايت حاصل نه هئي، يڪدم هو پهريون ڀيرو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو– ۽ ان وقت جي سنڌ جي گورنر سر هيمو ڊَو (Sir Hugh Dow) جي حڪم تي ۽ فورن بعد ۾ مسٽر جناح جي وڏي ڪرم فرمائيءَ سان نوازجي، رڙهي، وڃي سنڌ جي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويٺو، ۽ 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام تائين اُن عهدي کي چهٽيو رهيو. مسٽر جناح بعد ۾ ڪيس اڃا به وڌيڪ نوازيو. ذاتي طور سنڌس سرانجام ٿيل خوشامد برآمد جي صلي طور ۽ خاص ڪري سالن جي اُن ڏهاڪي جي آخر ۾ منعقد ٿيل 1946ع جي سنڌ اسيمبليءَ جي ٻن جعلي اليڪشن ۾ کُلم کُلا ڌانڌليون ڪرائي. آل انڊيا مسلم ليگ جي اميدوارن کي کٽائي آڻڻ جي "ثواب" طور نئين ڄاول پاڪستان ۾ ڪيس سنڌ جي گورنريءَ جي منصب سان نوازيو ويو. سر غلام حسين سنڌ جي گورنريءَ واري اها حيثيت پنهنجن آخري پساهن تائين قائم رکي.

سنڌ اسيمبليءَ جا سٺ ميمبر جيڪي محدوديل ۽ جداگانه ووٽ سرشتي تحت چونڊيا ويا هئا. ڪن هڪ يا ٻن کي ڇڏي باقي سڀئي وڏا ملڪيتدار، پٽسي پونجيءَ ۽ هلنديءَ پُڄنديءَ جا صاحب، بلڪ سماج جي حاڪم طبقي سان تعلق رکندڙ هئا. سر غلام حسين جنهن کي پنهنجن ڇئن مسلم ميمبرن جي ئي حمايت حاصل هئي، سو ٻين ڪافي ميمبرن کي وزارتن ۽ ٻين هرڪائيندڙ لالچن ۽ فائدن جي آڇن سان دام ۾ آڻيندي مس مس وزيراعظم بڻيو هو، ۽ مجبوريءَ کان بعد ۾ سنڌ جي قومپرستن وٽ "اتحاد" لاءِ جڏهن پهتو ته جي. ايم. سيد ۽ سنڌس ساٿين سماجي ڀلائيءَ جو هڪ

پروگرام، هڪ صاف سٿري حڪومتي نظام، زراعت سان لاڳاپيل معاملن جهڙوڪ زرعي زمين جي منتقلي، وياجيل قرضن جي نثين توازن ۽ صفائيءَ، زرعي زمين جي ڍل جي منصفاڻي پرتال، ۽ جاگيرداريءَ جي خاتمي وغيره متعلق تجويزن کي قانوني شڪل ڏيارڻ جهڙا معاملا، شرطن طور، سندس سامهون رکيا ته جيئن سنڌ جا هتين خالي ۽ هيٺا محنت ڪش ماڻهو جيڪي تاريخ جي جبر سبب، عقيدي جي لحاظ کان، غالب اڪثريت ۾ مسلمان هئا. تن جي ڪا عام ڀلائي ٿي سگهي. ڪافي حِيل حُجت کان پوءِ پڪا واعدا ڪيا ويا پر اُنهن کي ڪڏهن به عملي جامون نه پهرايو ويو. اُنهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو، جو هر ٻيري حڪومت کي "اتحادين" جي حمايت کان محروم ٿيڻو ٿي پيو، ۽ اَن جي جاءِ تي نهندڙ هر نئين وزارت اچا به وڌيڪ ڏتارينڌڙ ۽ ڳلتائي واعدن سان وجود ۾ آئي ٿي. اسيمبليءَ ۾ موجود انڊين قومپرست هندو تاجرن جي ووٽن تي چونڊيل ڪانگريسي، هندو فرقي پرست سينيا ۽ "سڀ سان حاضر مسلمان زميندار ۽ جاگيردار" پنهنجن پنهنجن پختن بيٺل مفادن سبب زرعي ۽ سماجي ڀلائيءَ وارن سڌارن جي حمايت کان پري رهيا. چو ته آهي سُڌارا اُنهن سيني جي مفاد ۾ نه هئا، ۽ ان طرح پنج تي وزارتون (17-4-1937، 22-3-1938، 18-3-1941، فيبروري 1941 ۽ آگسٽ 1942ع تي) انهن خود غرض ۽ مفاد پرست ٽولن جي انا پسند فيصلن ۽ اعمالن سبب هڪبئي پٺيان ناڪام ٿينديون. ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون. اهي ٽولا جنهن سماج ۾ رهيا ٿي، ۽ جنهن جو انهن کاڌو پيتو ٿي، ۽ جنهن جي پورهئي جي رت تي مچي مهوڙ ٿيا ٿي، اُن ئي سماج جي عام بهبوديءَ جي ڪمن ۾ ڪاهل ۽ لاغرض رهيا ۽ سندن پنج ئي وزارتون ايئن پنهنجي منطقي انجام کي پهچندو رهيون.

ان وچ ۾ 1938ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ، عام تَفرقائي نعريباز مقبوليت جي پروپئگنڊائي اُپار سان، سنڌ جي سياسي اُفق تي پهريون ڀيرو اوچتي نروار ٿي. جي. ايم. سيد جيڪو انڊين نئشنل ڪانگريسي اڳواڻن جي عوام ڏانهن بي رُخيءَ ۽ غير پارلياماني سلوڪ سبب ڪانئن بيزار هو، سو جناح جي وڪيلياڻين ڳالهين ۽ پرپور تسلين ۽ خاطرين تي 1940ع ڌاري آل انڊيا مسلم ليگ ۾ انهيءَ اُميد سان شامل ٿيو ته سنڌ اسيمبليءَ لاءِ مستقبل ۾

رٿيل عام چونڊون جيئن ئي منعقد ٿيون، تہ ناڪارن ۽ عوام بيزار رجعت پسند ميمبرن جي جاءِ تي قابل ڪار، روشن خيال، ترقي پسند ميمبرن کي چونڊائي، اسيمبليءَ ۾ آڻي، ۽ ان ريت صاف سٿري انتظاميہ، سٺي حاڪميت ۽ آزادي پسند (Liberal) قانون سازيءَ کي عمل ۾ آڻڻ جهڙا معاملا، جن جي اُن وقت ضرورت هئي، احسن طريقي سان عمل ۾ اچي ويندا! پر چونڊن منعقد ڪرائڻ ۾، اُن وقت جاري عالمي مهاڀاري لڙائيءَ سبب، سالن جا سال دير ٿيندي وئي، ۽ پورن ڏهن سالن جي عرصي بعد 1946ع ۾ ئي اُهي منعقد ٿي سگهيون.

درحقيقت اُن سال سنڌ ۾ هڪ نہ پر بہ عام چونڊون ٿيون. انهن ٻنهي چونڊن مان پهريُن يعني فيبروري 1946ع وارين چونڊن ۾ مسلم ليگ جي ڪامياب ٿيل 28 ميمبرن، جن جي اڳواڻي سر غلام حسين ڪئي ٿي، ۽ مخالف ڌر جي اتحاد، جنهن جي اڳواڻي جي. ايم. سيد ٿي ڪئي. جي ڪامياب ٿيل 29 ميمبرن وچ ۾ هڪ سروسر مقابلي جهڙيءَ صورتحال کي جنم ڏنو. توڻي جو پارلياماني معاملا جمهوري انداز سان پوءِ بہ نبري پئي سگهيا ۽ اهڙي ڍَهو ڍهہ جي صورتحال تبديل بہ ٿي پئي سگهي، پر چونڊن جي شروع ٿيندي ئي مسلم ليگ جي مرڪزي اعليٰ قيادت، جي. ايم. سيد جي سرواڻيءَ ۾ قائم ٿيل سنڌ پراونشل ليگ ڪائونسل پاران جوڙيل سنڌ پراونشل پارليامينٽري بورڊ جي نامزد ڪيل ”ترقي پسند“ مسلمانن کي ڏنل ٽڪيٽن کي روڪڻ جهڙا غير متوقع قدم کنيا. ليگ جي اعليٰ قيادت جي ان ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ ليگ جي مرڪزي هاءِ ڪمان جي اٽڪشن ڪاميٽيءَ جي. ايم. سيد کي پروانشل مسلم ليگ جي صدر جي عهدي سميت ليگ جي سيني عهدن، بشمول بنيادي رڪنيت، تان بيدخل ڪيو. اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ڪاروهنوار ڪيئن ٿي اڳتي وڌي سگهيو؟ انهيءَ نقطي کي سيد جي پنهنجن لفظن ۾ هن ريت بهتر انداز ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو:

”جڏهن سنڌ جي گورنر سر فرانسس موڊيءَ (Sir Francis Mudlie) مون کي ملاقات لاءِ گهرايو تہ مون سندس اڳيان سنڌ اسيمبليءَ ۾ پارٽي پوزيشن جي حقيقي صورت پيش ڪئي. پر فورن مون کي ائين لڳو تہ

هو مون کي مسلم ليگ جماعت ۾ بيهر شامل ٿيڻ لاءِ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ڇو ته سندس چوڻ موجب منهنجي پاران مسلم ليگ جي مخالفت سبب مسلمانن جي يڪجهتيءَ کي نقصان پهچي رهيو هو! اهو منهنجو سنڌ جي نئين گورنر بابت پهريون تاثر هو، ۽ جيئن ته آءٌ سندس اڳئين ڪردار بات ڪا گهٽي ڄاڻ نه رکندو هئس. تنهنڪري آءٌ ته ماڳهين حيران ٿي ويس ته خاص ذميواري جيڪا سندس ذمي رکي وئي هئي. هو پاڻ کي اُن تائين محدود رکڻ ۾ ناڪام وڃي رهيو هو!

"پر مون کي ته ڇا پر سڄي صوبي کي ان ڳالهه وڏيڪ حيرت ۾ وڌو جڏهن گورنر (پنهنجي دربان صفت) سر غلام حسين هدايت الله کي ئي وزارت ناهڻ جي ڪوٺ ڏني! اسيمبليءَ ۾ پارٽي پوزيشن بابت ڪوڙن انگن اکرن جو حوالو ڏيڻ کان علاوه گورنر پنهنجي ان غير آئيني قدم لاءِ هڪ ڪل جهڙو افسانوي عُذر به پيش ڪيو، جنهن سچ پچ ته اسان جو ساهه ئي ڪڍي ڇڏيو. هُن پنهنجيءَ پر ۾ بٽيل وڏي هڪ عاقل ۽ عادل طور پنهنجي مؤقف جو اعلان ڪيو ته سڀ کان وڏي جماعت، مسلم ليگ، جنهن چونڊن ۾ حصو ورتو هو. ان ڪري اُها ئي ترجيح جي حقدار هئي! اهو دليل نهايت ئي کِل جهڙو هو، ڇو ته آئين بابت قانون ۾ دلچسپي رکندڙ هڪ عام شاگرد به ڄاڻو ٿي ته جمهوري حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ حڪومت ناهڻ جو حق فقط اُن جماعت کي ئي ملي سگهيو ٿي، جنهن وٽ قانو ساز مجلس ۾ ووٽن جي حقيقي سگهه حاصل هئي..." "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد"، ص ص 4-203)

سنڌ ۾ جڏهن کان صوبائي خودمختياري رائج ٿي، سر غلام حسين هدايت الله وقت به وقت اهائي ڳالهه هڪ فيصلہ ڪن دليل طور پيش ٿي ڪئي ۽ ڪم ٿي آندي ته حڪومت ۾ ڪيس هڪ بي مثل ۽ اجهل حمايت حاصل هئي! انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه هو ته ڏهن سالن دوران اهو ئي دليل يا حربو سندس سياسي سگهه جو مکيہ ذريعو هو. هو ڪنهن به عوامي يا مقبول عام جماعت کي ڪيرائي رکڻ جي سگهه رکندو هو، ۽ آسانيءَ سان ان کي پنهنجي ذاتي مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهيو ٿي. اها ڳالهه سمجهڻ ڪا ايڏي ڏکي به ڪا نه هئي ته سنڌ ۾ سيد جي اڳوائيءَ ۾ جيڪا ترقي پسند مسلم ليگ گروپ ٺهي هئي، اها انگريز ڪامورا شاهيءَ سان

پنهنجي اهڙي اثر رسوخ جي دعويٰ ڪري نہ ٿي سگهي، جيڪو اثر رسوخ سر غلام حسين کي حاصل هو، ۽ اُن ٿي آثار تي مسلم ليگ جي اعليٰ مرڪزي قيادت سر غلام حسين سان ۽ سندس پوئلڳيءَ ۾ بيٺل مسلم ليگ جي رجعتي ڌڙي سان پنهنجي قسمت کي داءَ تي لڳائي رکيو هو. 1946ع واري اُن نياڳي سال جي فيبروريءَ جي آخر ڌاري سنڌ ۾ صوبائي آتانامي (خودمختياريءَ) جي صورتحال ڪجهہ ان طرح هئي تہ اسيمبليءَ جي بجيٽ اجلاس ۾ جي. ايم. سيد جي اتحاد سر غلام حسين جي وزارت خلاف بي اعتماديءَ جي رٽ پيش ڪئي. اُها بي اعتماديءَ جي رٽ 29 جي پيٽ ۾ 30 ووٽن جي اڪثريت سان ناڪام ٿي، چو تہ اُن ۾ ٽن يورپي ميمبرن جي حمايت بہ سر غلام حسين جي وزارتي ڌر کي حاصل هئي!

اِن وچ ۾، 2 اپريل 1946ع تي جي. ايم. سيد کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا کان آيل وفد سان ملاقات لاءِ شملا گهرايو ويو، جيڪو وفد ڪجهہ وقت اڳ هندستان ۾ اختيارن جي فوري منتقليءَ لاءِ، صوبائي گروپ بنديءَ جي نُقطي وارو منصوبو ڪٺي، اُتي پهتل هو. محترم جي. ايم. سيد وفد آڏو هندستان جي آئيني مسئلي متعلق سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهنجي "اتحاد" جو نقطي نظر پيش ڪندي، هندستان جي هر صوبي سميت سنڌ کي غير مشروط حق خودارادیت واري حق ڏيڻ ۽ الڳ الڳ هڪ خود اختيار يونٽ طور تسليم ڪرڻ جي گهر ڪئي، تہ جيئن صوبا پنهنجي تقدير جو فيصلو آزاداڻي نموني، خالص پنهنجي مرضيءَ موجب، ڪري سگهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ سيد صاحب جي اتحاد کي پختو يقين هو تہ هندستان جي فرقيوار مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ فقط اُهو ئي واحد پائدار بنياد ٿي سگهيو ٿي. (حوالو: ڪئبينيٽ وفد، فيلڊ مارشل وائڪائونٽ ويول (Viscount Wavel) ۽ جي. ايم. سيد وچ ۾ 2 اپريل 1946ع تي ادائي وڳي ٿيل ملاقات جو نوٽ "اختيارن جي منتقلي" اپريل 1946ع، ص ص: 93-92)

اُن کان ٽي سال کن اڳ، 3 مارچ 1943ع تي، اُنهيءَ ٿي نالي ماتر صوبائي خودمختياريءَ واري ڏهاڪي دؤران منعقد ڪرايل پهرينءَ عام چونڊن جي نتيجي ۾ پهرينءَ چونڊجي آيل سنڌ اسيمبليءَ آڏو پاڪستان جو

نعراءُ پيش ڪندي جي. ايم. سيد سنڌ جي عوام پاران اُها ساڳي صورتحال ۽ اُن جو اُهو ساڳيو تصور پوريءَ وضاحت سان پيش ڪيو هو. جنهن نعراءَ کي تن ڏينهن ۾ ۽ پڻ هاڻي بہ "1940ع جو لاهور وارو نعراءُ" سڏجي ٿو، يعني پاڪستان جي فيڊريشن ۾ سنڌ جي هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست جي وجود جو چٽو ۽ پڪرو تصور.

شملا کان موٽڻ بعد، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سيد جي اتحادي ڌر گورنر کي پنهنجن حمايتي 31 ميمبرن جي دستخطن سان هڪ يادداشت نامو اُماڻيو، جنهن ۾ ڪانسٽس اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺائڻ جي طلب ڪيل هئي. اُن مرحلي تي اتحاد کي مسلم ليگ پارٽيءَ کان 26 جي ڀيٽ ۾ 30 ميمبرن جي اڪثريت حاصل هئي. گورنر رمضان مهيني گذرڻ کان پوءِ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏرائڻ جو واعدو ڪيو. 5 سيپٽمبر 1946ع تي سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس جاري رکڻ بدران گورنر اُن جي معمل يا وقتي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جو تہ کيس "... غير معمولي صورتحال ۾ پيدا ٿيل ڪيترن ئي مشڪل معاملن جو پوريءَ سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ لاءِ ڪجھ وقت گھربل هو." وزارت اسيمبليءَ جي معرفت بجيٽ پاس ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي هئي. گورنر لاءِ واحد آئيني رستو اهو وڃي بچيو هو تہ هو جي. ايم. سيد کي مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ حڪومت جون واڳون سنڀالڻ جي ڪوٺ ڏئي ها تہ جيڪي ذميداريون وزارتي ڌر نباهڻ ۾ ناڪام وئي هئي. سي عمل ۾ آڻي سگھن ها.

اُن مرحلي تي ليگ کي پنهنجين صفن مان ٻن وڏيڪ ميمبرن جي نڪري وڃڻ جو نقصان بہ سهڻو پيو هو. ٻن پارلياماني سيڪريٽرين مسٽر يوسف چانڊيو ۽ سيد نور محمد شاھ، وزارت جي خراب ڪارڪردگيءَ کي نندينديءَ. هڪ پريس بيان وسيلي، پنهنجن عهدن تان استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. اُن واقعي سبب گورنر بنھ باهوڙجي پيو هو ۽ کُليءَ طور طرفداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ جي هڪ نهايت ئي خود پسند ۽ چڙواڳ ڪوشش ڪندي، اُن ئي ڏينهن اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ ۽ صوبي ۾ نين چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيائين!

اها هئي صورتحال جنهن تحت 1937-47ع واري ڏهاڪي دؤران سنڌ

اسيمبليءَ جون تيون ۽ آخري چونڊون منعقد ٿيون. اهي چونڊون 9-12-1946 تي ڪرايون ويون. جي. ايم. سيد ان قصي جي تَتُ پنهنجن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

”ليگ جي ڪئمپ ۾ اُميدوارن کي ٽڪيٽن ڏيڻ وارو ساڳيو پراڻو ناٽڪ ورجايو ويو. پارٽي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ اميدوارن کان نئين سر درخواستون ته گهرايون ويون پر ٽڪيٽن جي ورهاست دوران عجيب نوعيت جا واقعا پيش آيا. مير بنده علي خان ۽ سيد نور احمد شاهه، جن مسلم ليگ جي قاعدن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي، تن کي ٽڪيٽ ڏنا ويا پر ساڳئي ئي هڪ باغيءَ يوسف چانڊيي جي درخواست کي رد ڪيو ويو. جناح صاحب جي زير نظر هلندڙ ليگ جي ان ’اصولي ۽ منصفاڻي‘ وهنوار جو سڀ کان عجب جهڙو هڪ مثال وزيراعظم جي پُٽ مسٽر انور حسين هدايت الله جي حق ۾ مير مقبول کي ڳلتو ڏئي هٿ ڪڍائڻ هو، جيتوڻيڪ مير مقبول اُن سڄي عرصي دوران ليگ سان سچو رهيو پر مسلم ليگ لاءِ پنهنجي ڪنهن واعدي جي وفاداريءَ يا سائن ڪنهن جي وفاداريءَ، سچائيءَ ۽ ڪردار جي بلنديءَ يا ڪنهن جي ذاتي طور اخلاق ۽ اُصولن سان وابستگيءَ ڪابه معنيٰ نه ٿي رکي. وٽن صلاحيت ۽ قابليت به ڪنهن ليکي ۾ نٿي آئي. ليگ جي آڏو ڌن دولت، اثر رسوخ ۽ طاقت ئي هميشه سوڀيا ۽ سوڀ واري ڳالهه هئي.

”انهن جي سامهون اسان، پنهنجي طور تي، زميندارن ۽ جاگيردارن جي گڏيل حلقي مان حاجي مولابخش سومري کي، ۽ ٻين مسلمان حلقن مان جُملي 16 اميدوار نامزد ڪيا هئا.

”چونڊن جا نتيجا قائم حڪومتي اقتدار ۽ اختيار جي آثار تي، اڳواٽ ئي طئي ڪيا ويا هئا. اسان جي نامزد ڪيل اُميدوارن مان فقط ٻه ڄڻا اسيمبليءَ ۾ پهچي سگهيا.“ (جي. ايم. سيد: ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“- انگريزي ڇاپو- ص: 217 ۽ 220)

ان ريت 1946ع جي اخري چونڊن ۾ وري به ڌانڌلين جا اُهي نوان رڪارڊ قائم ٿيا، جن نازي جرمنيءَ ۾ عام لوڪن جي راءِ معلوم ڪرڻ واسطي هٽلر پاران اختيار ڪيل طور طريقن کي به شرمائي ڇڏيو. اُنهن هٽلري هٿڪنڊن جي آڏو سنڌ جي ”جمهوري“ چونڊن جو اڄان ئي پنهنجو ٻيو هڪ

مزاج هو. هتي پولنگ اسٽيشنون هيون، پولنگ آفيسر هئا. ووٽر لسٽون ۽ بئلٽ باڪس هئا، مطلب تہ جمهوري قدرن جي تقاضائن جي ظاهري پورائيءَ لاءِ سيئي سانگ رچايا ويا هئا. اُهي هڙئي جمهوري بندوبست ڪيا ويا هئا، جيڪي ووٽرن جي راءِ شماريءَ لاءِ ضروري هئا، پر حقيقت ۾ ۽ عملي طور فقط مُٺلن ۽ غيبائن مائهن ووٽ ڏنا- جيئرن جاڳندن، هيٺن ۽ مصيبت جي ماريل مائهن جي جاءِ تي، جيڪي پراڻي فرسوده نظام جي تبديليءَ جي آس من ۾ سمائي گهرن ۾ ئي يا ڏاڍن جي اوطان ۾ سچو ڏينهن چوڪس نظربند ٿيا ويٺا هئا.

نئين اسيمبليءَ ۾ ليگ جو خانبهادر محمد ايوب کُهڙو نئين حڪومت ۾ وزايرعظم جي عهدي لاءِ ڪنجي آيل ليگ ميمبرن جو سڀ ڪان وڌ منظور نظر اميدوار هو. اسيمبليءَ ۾ ليگ جي ڪٽي آيل 35 مان 25 ميمبرن جي حمايت بہ کيس حاصل هئي. پر مسٽر جناح، جيڪو تن ڏينهن ۾ مير بنده عليءَ جي مهمان جي حيثيت ۾ ڪراچيءَ ۾ ٽڪيل هو. تنهن ان صورتحال ۾ پنهنجي ذاتي دَسترسيءَ سان سنڌ مٿان سر غلام حسين هدايت الله جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اُها ئي ساڳي مُردار ۽ ٿوڏي حڪومت مڙهي ڇڏي. سر غلام حسين، جيڪو سنہ 1947ع ۾ ڏيکاءَ طور انگريزن کان مليل پنهنجي "سورهيائيءَ" (Knight hood) جي خطاب کي ڇڏي چڪو هو پر پوءِ بہ هو ميدان ۾ اُنهن جو ساڳيو اُهو ئي سُورمو بٽيو بيٺو هو، سو گورنر جي حمايت سان ۽ پڻ ليگ جي صدر مسٽر جناح جي آشيرواد سان وزيراعظم جي گاديءَ تي بنان ڪنهن مشڪلات جي سوار ٿي ويهي رهيو. سنڌ ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي سڄي عرصي دؤران انگريز گورنر جي مهربانين ۽ حمايت سان. پهرئين وزيراعظم جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪئريئر جو آغاز ڪندي، اخر تائين هن وزيراعظم طور گادي مائڻ تي گهري، ۽ هن ڀيري تہ کيس ليگ جي اعليٰ قيادت جي منظور نظر طور، هڪ طاقتور ۽ "ڪامياب" جماعت جي حمايت بہ حاصل هئي. هن سچ پچ بہ صوبي جي ايتريءَ دکدائڪ ڏهن سالن جي سياسي صورتحال ۾ ٻئي ڪنهن مائهوءَ ايڏو وڏو درجو يا اقتدار نہ مائيو هو.

انگريز جيڪي پڇاڙيءَ واري ان پنهنجي دؤر ۾ خاص طرح، اهو ورجاءُ

ڪان پوري ۽ حقيقي نجات ماڻي سگهجي.

سنڌ دشمن ۽ سنڌي قوم جي بدخواهہ مفادن، پنهنجن ڪُڌن ۽ مڪروهہ مقصدن ماڻڻ لاءِ، خاص هڪڙي ئي حرفت هلائي هئي. 1937ع وارين پهرين چونڊن جي نتيجن کي رد ڪرڻ ۽ بدلائي پنهنجي ذاتي ۽ گروهي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ ۽ اُن ئي مقصد لاءِ سالن جي اُن ڏهاڪي جي آخري ٻن چونڊن ۾ پڻ ڌانڌلي ڪرڻ ۽ دغابازيءَ سان اُنهن جي نتيجن ۾ هيراڦيري ڪرڻ جي حرفت هلائڻ؛ ڌار چونڊ سرشتو ۽ پڻ سنڌدن قبيلائي رئيسپ، مذهبي ۽ روحاني برتريءَ وارو پيري مريديءَ جو دابو ۽ طبقاتي شاهوڪاريءَ جو رعب تاب ڪين اُن سنڌدن پرفريب حرفت جي راند ڪيڏڻ ۽ ڪٽڻ ۾ خوب ڪم آيا.

جي. ايم. سيد ان سڄيءَ حرفت ۽ سازش سان لاڳاپيل ڏرين کي وائکي ڪرڻ لاءِ ۽ تاريخ کي گواهہ بڻائيندي. ضلعي دادوءَ جي سنڌ اسيمبليءَ واري مسلم حلقي لاءِ 9 ڊسمبر 1946ع تي ڪرايل عام چونڊن ۾ روا رکيل ڌانڌلين خلاف اعتراض وارينڊي، 12 فيبروري 1947ع تي هڪ اليڪشن پٽيشن داخل ڪئي- خاص طرح چونڊن جي اُن حلقي مان جتان هُو پاڻ اُميدوار طور بيٺو هو، ۽ جتان مسلم ليگ جي نامزد اُميدوار قاضي محمد اڪبر کي آزاد ۽ غير جانبدار چونڊن جي هر اُصول، قاعدي قانون ۽ هر جمهوري روايت جي خلاف ورزي ڪري، ڪامياب قرار ڏياريو ويو هو اُن پٽيشن ۾ جي. ايم. سيد اُنهن چونڊن جي نتيجن کي چئلينج ڪيو هو. معاملي جي تحقيقات لاءِ اُها ئي پٽيشن 18 نومبر 1947ع تي اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿي ۽ پورن ٻن سالن دؤران ڪيل تحقيقات ڪان پوءِ اُن جي ڪارروائي مڪمل ٿي، ۽ 2 فيبوري 1949ع تي ان جي رپورٽ سنڌ جي گورنر کي پيش ڪئي وئي.

اُن رپورٽ ۾ قاضي اڪبر صاحب کي مٽس لڳايل الزامن جو ڏوهي قرار ڏيندي، سندس چونڊن کي رد ڪيو ويو ۽ ڪيس ڇهن سالن جي عرصي لاءِ ووٽ وٺڻ ۽ ڏيڻ جي حق ڪان محروم قرار ڏنو ويو. رپورٽ پير الاهي بخش کي بہ ساڳين الزامن جهڙوڪ ووٽر خريد ڪرڻ، پرائي يا ٻئي ماڻهوءَ جي نالي سان ڪوڙا ووٽ وجهندڙن جي مدد ڪرڻ وغيره جهڙن الزامن ۾ ڏوهي ثابت ڪندي، ڪيس ڇهن سالن لاءِ ووٽ جي حق استعمال ڪرڻ جي سلسلي ۾ نااهل قرار ڏنو ويو. ساڳيءَ طرح رپورٽ ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي ماڻهن کي ساڳين اهڙن الزامن هيٺ ڏوهي ثابت ڪندي، ڪانئن ڇهن سالن لاءِ ووٽ وٺڻ

۽ ٻين جو حق کسيو ويو.

ٻن اهم لاڳاپيل صاحبن مان هڪ جٽي قاضي اڪبر صاحب کي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي سيٽ ڇڏڻي پئي ۽ پير الاهي بخش جيڪو تن ڏينهن ۾ سنڌ حڪومت جي ڪابينا ۾ عزت ماب وزير طور شامل هو، تنهن کان پڻ وزارت ڇڏائي وئي. ڪميشن پنهنجي ان تفصيلي رپورٽ جي آخر ۾ ڪجهه اهم نوعيت جا ۽ عام دلچسپيءَ جا رمارڪ هيٺينءَ ريت ڏنا:

”هن رپورٽ کي سهيڙڻ کان اڳ اسين عزت ماب گورنر صاحب جي ڌيان تي اها ڳالهه به آڻڻ مناسب سمجهون ٿا ته رڪارڊ ۾ اسان اهڙي لکپڙهه ڏٺي آهي. جنهن ۾ ٿڌهوڪيءَ حڪومت پاران هن ٽربيونل کي پنهنجي ڪارروائي حڪومت جي من پسند طريقي موجب هلائڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون هيون. اسين اهو پڻ سمجهون ٿا ته ٿڌهوڪي وزيراعظم (يعني لياقت علي خان) ٽربيونل جي ٿڌهوڪي صدر کي پاڻ وٽ گهرائي معاملي کي رفع دفع ڪرڻ ۽ ڪجهه ٻين معاملن بابت منظور ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون هيون. اسين اهڙي عمل کي گستاخانه عمل، عدالت جي بي حُرمتي ۽ انتظاميه طرفان عدليه جي معاملن ۾ مداخلت جي ڪوشش سمجهون ٿا. اسين هتي ان ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به مناسب سمجهون ٿا ته اڳوڻو صدر ٽربيونل کي ڇاڻ ڏيڻ کان سواءِ ٿي ٽربيونل جي ڪن ڪمشنرن سان مليو هو ۽ ساڻن ٽربيونل آڏو هلندڙ هن ڪيس بابت ڳالهايو هئائين. اسان بروقت ٿي حڪومت جي صاحب اختيار شخصن جي اهڙين ملاقاتن خلاف پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪئي هئي ۽ مستقبل ۾ ان قسم جي ڪوشش نه ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو. جَجن کي وزيرن ۽ ٻين حاڪمن ۽ اختيار جي صاحبن پاران انهن معاملن جي سلسلي ۾، جيڪي عدالت ۾ اچا بحث هيٺ يا اڻ فيصل هئا، گهُرائڻ يا متاثر ڪرڻ هڪ غير آئيني عمل آهي. ان کان به اڳاهين ڪوشش اها ڪئي وئي ته معاملي سان لاڳاپيل ڌرين مان هڪ ڌر، وقت جي حڪومت معرفت ٽربيونل سان رجوع ڪيو، ته جيئن حڪومت پٽيشن جي مخالفت ۾ پنهنجا سرڪاري اختيار استعمال ڪري سگهي ۽ مخصوص ڌر جي حق ۾ فيصلي ڏيارڻ لاءِ ٽربيونل کي ڪا پارٽ ۽ سفارش ڪري سگهي. تڏهن به بروقت اسان اهو فيصلو ڏئي ڇڏيو هو ته عدالت سان ان قسم جي چال چلت يا اهڙو وهنوار توهين عدالت جي ذمري ۾ آيو ٿي ۽ اهو به ته عزت ماب گورنر صاحب جي معرفت کان سواءِ ڪنهن وزير يا ڪابينا پاران عدالت سان ڪيل هر قسم جي لکپڙهه غير

قانوني هئي. اسان پاران ان ڳالهہ طرف ڌيان ڇڪائڻ تي تہ ٽربيونل جي معاملن ۾ جيڪڏهن ان قسم جون مداخلتي ڪوششون جاري رهيون تہ هيءَ ٽربيونل مستقبل ۾ پنهنجي ڄمڄهن اختيارن ڪي، جيڪي بيشڪ ان کي حاصل آهن، استعمال ڪرڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ڪندي. اهڙيءَ تنبيهہ ڪان پوءِ ٽربيونل سان ڪن وڌيڪ هدايتن ڏيڻ يا زير غور معاملي يا ڪارروائيءَ ۾ ٻيءَ ڪنهن طرح جي مداخلت جي ڪوشش جي حجت ڪانہ ڪئي ويئي، نہ ڪيون ويون، البت، هڪ ڌر پاران ٽربيونل کي جائز طريقي تحت درخواستن ڏيڻ تي، اُن ڌر کي سهوليت ڏيڻ لاءِ مقدمي جي ڪارروائيءَ جي هنڌ طئي ڪرڻ بابت ٽربيونل پنهنجو جائز فيصلو بہ صادر ڪيو هو.

”اسين پنهنجي هيءَ رپورٽ عزت ماب گورنر صاحب جي خدمت ۾ نهايت ئي احترام سان پيش ڪريون ٿا.

- صحي: بي- پي- دلال، صدر.

صحي: رحيم بخش - آءِ - شيخ، ڪمشنر

صحي: فيروز نانا غلام علي، ڪمشنر

سکر، فيبروري 1949ع

(حوالو: سنڌ حڪومت جي غير معمولي گزٽ، 18 فيبروري 1949ع)

حڪومت پاران 16 فيبروريءَ 1949ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جنهن ڪان پوءِ اليڪشن پٽيشن بابت اليڪشن ڪميشن پاران فتويٰ يا فيصلو بيان ٿيل آهي ۽ اُن بابت حڪومتي احڪامات شامل آهن، سا نوٽيفڪيشن لفظ بہ لفظ هن طرح شايع ٿي:

”حڪومت سنڌ جي غير معمولي گزٽ، ڀاڱو پهريون، جنهن جو حڪومت سنڌ جي ليگل ڊپارٽمينٽ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ پاران 16 فيبروري 1949ع تي اجراءُ ٿيو.

”نمبر 209-47/R- جيئن تہ گورنمينٽ آف انڊيا (صوبائي چونڊون)، (ڌانڌلين بابت اليڪشن پٽيسن) 1936ع واري حڪمنامي جي ڀاڱي ٽئين جي پيرا نمبر 3 تحت ۽ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي (اليڪشن ۽ اليڪشن پٽيشن بابت) 1936ع وارن انتخابي قاعدن تحت سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي دادو ڏکڻ محمدن ديهي حلقي لاءِ اميدوار جي. ايم. سيد پاران هڪ اليڪشن پٽيشن جناب عزت ماب گورنر صاحب وٽ داخل ڪرائي هئي، جنهن ۾ پٽيشنر پاران اُن تڪ جي 9 ڊسمبر 1946ع تي ڪرايل عام چونڊن ۾ قاضي

محمد اڪبر کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو. اُن ۾ ڪرايل ڏانڊلين کي چئلينج ڪيو ويو هو.

"جيئن تہ حڪومت پاران 28 جون 1947ع تي جاري ڪيل ليگل ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر 290-17/R- تحت سي ايم لوبو (Lobo.M.C)، بي پي دلال (Datal P.B) ۽ محمد بخش ايم ميمڻ کي چاٿايل پٽيشن جو مقدمو هلائڻ لاءِ ڪمشنر طور مقرر ڪيو ويو هو. ۽ جيئن تہ حڪومت پاران 29 مئي 1948ع تي جاري ڪيل ليگل ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر 209-47/R- تحت سي ايم لوبو، جنهن استعيفا ڏني هئي. اُن جي جاءِ تي بي بي دلال کي ٽربيونل جو صدر ۽ حسن علي عبدالرحمان يار ائٽ لاڪي بي- پي- دلال جي جاءِ تي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو.

"۽ جيئن تہ حڪومت پاران 10 جولاءِ 1948ع تي جاري ڪيل ليگل ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر 209-47/R- تحت حسن علي عبدالرحمان، جنهن استعيفا ڏني هئي. اُن جي جاءِ تي فيروز غلام علي نانا کي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو.

"۽ جيئن تہ مٿي چاٿايل ڪمشنر ذڪر ڪيل قاعدن هيٺ مٿي چاٿايل پٽيشن جي جاچ پڙتال ڪان پوءِ هڪ رپورٽ اُماڻي موڪلي آهي. جيڪا ذڪر ڪيل آرڊر جي ڀاڱي ٽئين جي پئراگراف نمبر (8) جي ذيلي پئراگراف نمبر (3) لاءِ گهربل هئي. اها رپورٽ ضميمي طور هيٺ شايع ڪجي ٿي.

"تنهنڪري هائي عزت ماب گورنر صاحب ذڪر ڪيل آرڊر جي ڀاڱي ٽئين جي پئراگراف (8) ۽ ذيلي پئراگراف (3) تحت ۽ ڪمشنر جي رپورٽ سان موافقت ۾، هيءُ حڪم جاري ڪرڻ فرمايو آهي:

(الف) تہ ڪامياب اميدوار ۽ اپيل ۾ جواب ڏيندڙ يعني مدعاعليہ قاضي محمد اڪبر جي چونڊ رد هوندي.

(بي) تہ مدعاعليہ قاضي محمد اڪبر ڇهن سالن لاءِ ووٽ ڏيڻ جي حق استعمال ڪرڻ جو اهل نہ هوندو.

(ج) تہ مدعاعليہ يا جواب ڏيندڙ قاضي محمد اڪبر درخواست گذار جي. ايم. سيد کي 8000 روپيا ڏنڊ طور پري ڏيندو.

(د) تہ پير الاهي بخش نواز علي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي رڪنيت ۽ پڻ ووٽ ڏيڻ جو حق جو ڇهن سالن لاءِ اهل نہ هوندو.

(د) تہ مير محمد شاهہ ووٽ ڏيڻ کان ڇهن سالن لاءِ نااهل هوندو.

”فقرن (الف)، (ب)، (ج)، (د) ۽ (ه) ۾ ڄاڻايل حڪم 3 فيبروري 1949ع جي شام کان لاڳو هوندا.

(و) سيد گل محمد جي سلسلي ۾ ڪميشن جي سفارش اڃا ويچار هيٺ آهي ۽ مناسب وقت تي ان بابت احڪامات جاري ڪيا ويندا.

گورنر سنڌ جي حڪم سان جاري ٿيو.

محمد بخش – اي – ميمڻ
سيڪريٽري ٽُ گورنمينٽ

”هن نوٽيفڪيشن جو ضميمو ڌار شايع ڪيو پيو وڃي.“

اها ڳالهه ياد رکڻ جوڳي آهي تہ سنڌ اسيمبلي جيڪا انگريزن پاران عنايت ڪيل خودمختياريءَ واري ڏهاڪي دؤران آخري ڀيرو منعقد ڪرايل چونڊن ۾ ٿيل ڌانڌلين جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي هئي. تنهن کان ان سوال بابت جواب ڏيڻ لاءِ جڏهن رابطو ڪيو ويو تہ ”آيا سنڌ جو آئين (الف) موجود (هندستان جي) آئين ساز اسيمبليءَ ۾ تيار ڪيو وڃي، يا (ب) هڪ نئين ۽ الڳ ملڪ (پاڪستان) جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾.“

۽ اُن سنڌ اسيمبليءَ ۾ 25 جون 1946ع تي ٻن متبادل راين مان هڪ بابت راءِ ڏيڻ لاءِ بحث ڪيو ويو ۽ اُن اسيمبليءَ پاران ٻيءَ متبادل راءِ جي انتخاب جي نتيجي ۾ اسين اڄ پاڪستان ۾ شامل آهيون.

اهو سوال تہ آيا 1946ع وارين عام چونڊن، جن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ڪئي وئي هئي ۽ بظاهر انهن رد ٿيل چونڊ وارن نتيجن جي بنياد تي وجود ۾ آيل اسيمبليءَ کي ڪو قانوني يا اخلاقي جواز يا ڪو اختيار بہ هو تہ اها سنڌ جي ماڻهن جي خودمختياريءَ واري حق بابت ڪا راءِ ڏئي سگهي يا ڪو فيصلو ڪري سگهي!“

اهو سوال سنڌجي ماڻهن لاءِ ۽ تاريخ لاءِ پڻ هڪ تڪراري نقطي طور، بحث طلب ۽ فيصلي طلب آهي ۽ رهندو.

۽ پڻ اهو سوال بہ تہ بلا لحاظ ان ڳالهہ جي تہ اهڙو حق اُن طرح جي ناجائز ۽ ڪوٽ سان چونڊجي آيل سنڌ اسيمبليءَ کي هو يا نہ هو–

ڇا، اهڙي ٿيل فيصلي کي آئيندي هميشه لاءِ ڪا اخلاقي ۽ قانوني سَنَدَ يا جائزگي حاصل بہ هوندي يا نہ!؟

(عبرت مئگزين 15 نومبر 2003ع)

●●●

# جي. ايم. سيد: سندن سياسي فڪر جو تجزيو(1)

خوشتران باشد ڪہ سرِ دلبران
گفتہ آيد درحديثِ ديگران.

هيءُ ڪتاب جيڪو اڄ شام اسان جي هٿن ۾ آهي سو سائين جي. ايم. سيد جي سوانح عمريءَ جو هڪ مختصر اپياس آهي. سيد ڪي مون پنهنجو روحاني پيءُ سڏيو آهي- اڄ آءٌ جيئن آهيان، جو ڪجھ بنجي سگهيو آهيان، سو سندن پرورش ۽ سهائتا جي طفيل. هن ڪتاب ۾ سندن سياسي زندگيءَ خاص ڪري سن 1937ع کان وٺي سندن سياسي جيون جي آخري گهڙين جو احوال بيان ٿيل آهي. ڪتاب جو نالو ئي اِن ڳالھ جي تسليءَ لاءِ ڪافي آهي. هيءُ ڪتاب سندس اِن سياسي ڪمائيءَ کي سمجهڻ- اُنهن بنيادن تي نہ تہ هُن پنهنجي سڄي سياسي سفر ۾ ڇا حاصل ڪيو، بلڪ ڇا حاصل ڪرڻ گهريو- جي سمجهڻ جي ڪوشش ڏئي ٿو. هيءُ ڪتاب سندن متعلق ڪن ڳالهين کي سمجهڻ، اُنهن جي وضاحت ڪرڻ، گُهري ٿو. سمجهڻ معنيٰ درگذر ڪرڻ. اُن کان وڌ سمجهڻ معنيٰ ميجتا ڏيڻ- ميجتا ماڻهوءَ کي نہ، ڇو تہ اِهو مسئلو ئي نہ آهي، پر سندس عملن يا ائين چئجي تہ سندس ڪيل ڪوششن، سندس جدوجهد، کي ميجتا ڏيڻ. جيڪڏهن اوهين فقط ايترو ئي سمجهي سگهو تہ اهو ماڻهو ان جدوجهد طرف ڪيئن مائل ٿيو، ڪهڙيءَ نيت سان مائل ٿيو نہ ڇڻ اوهين گهڻو ڪجھ سمجهي ويا. حقيقت اِها آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ جو ماڻ يا سندس سڄي فضيلت اِن ۾ هرگز پوشيده ناهي تہ هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڇا حاصل ڪيو بلڪ اِن ڳالھ ۾ آهي تہ هُن پنهنجي

---

(1) آڪسفورڊ پاران فيبروري 2000 ۾ ايس، ايم ڪوريجي جي شايع ڪرايل ڪتاب G.M.Sayed: An analysis of his political perspectives جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيل.

ديس ۽ پنهنجن همر وطنن، ديس واسين، کي ڇا ڏنو. سوانح عمرين ۾ موضوع سان انصاف فقط اِن صورت ۾ ٿي ڪري سگهجي ٿو جڏهن سوانح نگار پنهنجي هيرو - جنهن جي جيون ڪٿا هو لکڻ چاهي ٿو- جي نظرين، سندس فڪر ۽ جدوجهد جنهن جو هو بانيڪار هو- جي پرک بي ريائيءَ سان ڪري. اِن سلسلي ۾، جيئن مون ڇيو آهي، هِن ڪتاب جو عنوان "جي. ايم. سيد- سندس سياسي فڪر جو هڪ تجزيو" ساراهه جوڳو ۽ گهڻو ڪجهه آڇيندڙ آهي. ڪتاب جو عنوان بذات خود سائين جي. ايم. سيد جي سياسي زندگيءَ جو تجزيو ڪري ٿو، سندس ڪاميابين يا حاصلاتن جو.

سياست هڪ قسم جي راند آهي جيڪا سياسي جماعتون، امن هجي يا جنگ، ٻنهي صورتن ۾، هڪٻئي سان کيڏنديون آهن. آءٌ مڃان ٿو تہ اِها راند نہ امينَ قبولينديَ آهي ۽ نہ ئي ڪي صلح ڪرائيندڙ. اڪثر ڪري ڪي ٻاهريون قوتون يا ماڻهو اِن راند ۾ ٽپي پوندا آهن. اُهي ٻاهريان کيڏاري نہ فقط پنهنجا ڪي هدف مقرر ڪندا آهن بلڪ دنگل بہ ڪرڙا ڪندا آهن، فقط اِن لاءِ تہ جيئن ان کيڏ مان پنهنجي پسند جي کيڏ کيڏي سگهن يا پنهنجي من پسند نتيجا يا مفاد ماڻي سگهن. سياست ۾، پوءِ اُها شهري نوعيت جي هجي يا فوجي نوعيت جي، اُن لقاءَ لاءِ لازمي آهي تہ ڪنهن هِن يا هُن مرحلي لاءِ ضرور تيار رهڻو آهي، جڏهن وقتُ، جنهن کي عام طور تي تاريخ سڏيو وڃي ٿو، پير تي ڏونڪو هڻي، ان راند جي نتيجن جو اعلان ڪري ٿو- اُهو ڪن روشن خيال ۽ انصاف پسند عالمن ۽ ليکڪن وسيلي پنهنجا مُلهائتا فيصلا صادر ڪري ٿو.

هندستان جي ننڍي کنڊ مان برطانوي راڄ جي خاتمي کي پنجن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي. ان وقت کان وٺي انهن جي وچڻ واري واقعي بابت ڪيترائي ڪتاب سَوَن بلڪ ان کان بہ وڌيڪ تعداد ۾، هندستان مان سندن سلطنت جي خاتمي واري موضوع تي لکيا ويا آهن. سنڌ جيڪا ان سياسي راند جي ڪا تمام وڏي ٽر نہ تڏهن بہ سڄي ميدان جي نهايت اهم جُزن مان هڪ ضرور هئي، انهن سوين ڪتابن مان ڪنهن هڪ ۾ بہ ڪو اهميت جوڳو توجهہ حاصل ڪري نہ سگهي. اِن هوندي بہ، ويجهڙائيءَ ۾، "ڌرتيءَ جي ڪن حلالي فرزندن" ٻاران ڪي چند لکڻيون

اڪثر ٿيندو آهي، جهڙي ۾ ماڻهو هڪٻئي سان دست و گريبان هوندا آهن ۽ سنڌ پائيچارو ٽُٽي ڇيهون ڇيهون ٿي ويل هوندو آهي ۽ اُهي ڪيترن ئي فِرقن ۾ ورهائجي ويل ويندا آهن.

هندستان، جيڪو نهايت ئي وسيع علائقن تي مشتمل هڪ ملڪ هوجنهن ۾ ڀانت ڀانت جا ماڻهو مختلف رنگن ۽ نسلن، ٻولين ۽ تهذيبن وارا رهيا ٿي، اُهو شروع کان وٺي ڪنهن نہ ڪنهن عظيم سلطنت تحت ئي متحد رکجي سگهيو ٿي– جيئن موريا سلطنت، گپتا سلطنت ۽ مغل سلطنت مطلق العنان قسم جون شهنشاهتون هيون. انگريز ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ پنهنجي سچي قوت ۽ جديد قوميت واري تصور جي خود اعتماديءَ سان لَيس ٿي، جيڪا اُنهن بني نوع انسان جي سڀ کان تازي توانائي صنعتي انقلاب وسيلي حاصل ڪئي هئي، هندستان جي سياسي منظرنامي تي نمودار ٿيا ۽ پنهنجن اڳين جاءِ نشينن، مغلن، سان رِيس ڪندي ۽ انهن جي نقش قدم تي هلندي، وڏي دٻدٻي سان، پنهنجي پسند جي سلطنت شاهي قائم ڪيائون، ۽ اُهي پنهنجي اُن مقصد جي حاصلات ۾ ايتريقدر تہ ڪامياب بہ ويا، جو ڪانئن اڳ وارن حاڪمن مان ڪنهن بہ نہ ماڻيو هو. خاص ڳالهہ جيڪا ياد رکڻ جهڙي آهي، سا اها تہ هنن پنهنجي جديد دنيا جي سياسي اصطلاح يعني پارليامينٽي جمهوريت جي بَساط تي جداگانہ چونڊن جي صورت ۾ ”ورهايو، ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ جي نقشي جي پڪيڙ ڪندي، سڀ اُن جا منفي گُر پيچ پنهنجن هٿن ۾ جهليندي، ملڪ ۽ ماڻهن جا ٻنهہ ٻي خوف و خطر مائِي باپ بڻيا وينا رهيا.

اها حقيقت تاريخ ۾ رڪارڊ تي موجود آهي تہ هندستان ۾ سنڌ وائسراءِ لارڊ منٽو ئي اُهو ماڻهو هو جنهن مسلمان شُرفاءَ جي وفد کي چالاڪيءَ سان تيار ڪرائي، پنهنجي ڪٺ پتلي جي حضورَ هِز هائينيس آغا خان جي اڳوائيءَ ۾ پاڻ وٽ گهرائي ورتو تہ اچي ڪانئس مسلمانن لاءِ ڌار چونڊ سرشتي جو مطالبو ڪن، ۽ طوطي وانگر ائين چون تہ ”هندستان ۾ مسلمانن جي سماجي، معاشي ۽ ثقافتي مفادن جي حفاظت کي فقط ۽ فقط ڌار چونڊ وسيلي يقيني بڻائي ٿو سگهجي.“ اِها ڳالهہ بہ اوترِي ئي مشهور آهي تہ جديد، چالاڪ ۽ عقلمند منتظمن طور انگريز حاڪمن هندستان ۾ پنهنجي

رعايا جي مختلف برادرين ۾ سياسي پارٽيون قائم ڪرايون ۽ ننڍيون وڏيون ٻيون جماعتون اياريون تہ جيئن اُهي آئيءَ ويل انگريز مائي باپ جي سياسي حڪمت عمليءَ ۽ پروگرامن جي سرانجاميءَ ۾ هٿئي طور ڪم اچي سگهن. انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ اُن ڪان پوءِ آل انڊيا مسلم ليگ اهڙي ئي نوع جون ٻہ مک جماعتون هيون، جن کي اُنهن پنهنجي ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ وارين اتڪل بازين جهڙوڪ ”ڏار چونڊ سرشتي“ وسيلي لالچ ڏيئي پنهنجي چُنگل ۾ ڦاسائي ورتو هو. هڪ سلطنت شاهيءَ سان - جيڪا جيتري وسيع هئي اوتري ئي پختي بيٺل ۽ اڏول هئي- اُٺ ويهہ ۽ ميل جول ۾ رهندي، اهي ٻئي جماعتون، ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجيءَ پنهنجيءَ پَر ۾، پنهنجين پنهنجين سلطنتن ۽ شهنشاهين جا خواب ڏسڻ لڳيون ۽ الڳ الڳ هر ڪا ڌر هندستان اندر قومي سوال کي اُن ئي مخصوص ’قومي شهنشاهت‘ واريءَ اک سان ڏسڻ لڳي. ڪانگريس لاءِ اهو ’هندستاني قوميت‘ جو سوال هو ۽ مسلم ليگ لاءِ اُهو ’مسلم قوم‘ جو سوال هو، پر اصل ۾ ۽ دور رس نتيجن طور، ٻنهي صورتن جي تصادمي موقفن طور تہ اها ورهاست هڪ بي بنياد، بدبخت ۽ تباهہ ڪن حقيقت جو پيش خيمو ئي ثابت ٿي پئي سگهي.

هندستان ۾ ڪابہِ ڌر جيڪا هندستان جي هِن قضيي جي وڏيڪ خوشگوار ۽ معقول حل لاءِ اُدم ڪري رهي هئي، تنهن پنهنجي موقف جي ئي روشنيءَ ۾ ’قوميتن‘ جو نعرو هنيو. مولانا عُبيدالله سنڌي، جيڪو تن ڏينهن ۾ تازو ئي سوويت يونين جي سفر ۽ ”قوميت“ بابت نهايت ئي سخت موقف رکندڙ ملڪ سعودي عرب ۾ پنهنجي جلاوطنيءَ جا ڪيترائي سال گذارڻ ڪان پوءِ موٽيو هو، تنهن بجا طور تي هندستاني ماڻهن - بنگالين، گجراتين، تاملواسين، ڪشميرين، پنجابين، بلوچن، سنڌين وغيره- کي مڪمل ”قومون“ سڏيو. خود مسٽر جناح پاڻ بہ ننڍي کنڊ ۾ قومن جي ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ جي قريب تر پهچي چڪو هو، جڏهن هن لاهور ۾ مارچ 1940 ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو هو تہ: ”هندستان ۾ فرقيوارانئي نوعيت جو ڪوبہ مسئلو ناهي پر اهو واضح طور تي قومن جي وچ ۾ چڪتاڻ وارو مسئلو آهي ۽ اُن کي اِن ئي تناظر ۾ نبيرڻ گهرجي... جيڪڏهن انگريز حاڪم سچ پچ سچيءَ نيت سان ننڍي کنڊ ۾

عوام جي سک ۽ سلامتيءَ جا گھڻگھرا آهن، تہ اِن مسئلي جي نبيري جو واحد رستو جيڪو اسان سيني آڏو کُلي ٿو سو اِهو آهي تہ هندستان کي خودمختيار قومي رياستن ۾ تقسيم ڪري، مک قومن کي علحده علحده وطن ڏنا وڃن.“ مسٽر جناح پنهنجيءَ ان تقرير ۾ اٿين چوڻ سان ليگ جي مشهور لاهور واري ٺهراءَ ۾ ڪتب آندل اصطلاح ”جُز طور اِڪاين“ (Constituent Units) جي تشريح ڪندي، هڪ طرح جڻ اُنهن کي ”آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ“ جي درجي ڏيڻ واريءَ ڳالھہ جي ضمانت ڏني هئي. اپريل 1941ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي مدراس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صدارتي تقرير ڪندي مسٽر جناح هندستان ۾ قومي سوال بابت پنهنجي موقف کي اڃا بہ وڌيڪ چٽو ۽ واضح ڪري بيان ڪيو. هڪ لک ڪان بہ مٿي ماڻھن جي مجمعي آڏو اهو سوال پيش ڪندي هُن چيو: ”ڇا، هندستان ۾ ڪنهن بہ هڪ مرڪزي حڪومت وارو نظام عمل ۾ اچي سگھي ٿو ۽ ڪامياب ٿي سگھي ٿو، جڏهن اوهان وٽ بہ مختلف قومون هجن. حقيقت ۾ ٻن کان بہ وڌيڪ ۽ هڪٻئي کان بنھہ مختلف قومون هجن!“ پنهنجي تقرير جاري رکندي، اڳتي چيائين، ”هن ننڍي کنڊ ۾، هتي، هن ديس ۾ (يعني مدراس صوبي ۾) هڪ ٻي قوم ’دراوڙ‘ بہ آباد آهي. هيءُ ديس ’دراوڙستان‘ آهي. اوهان لاءِ واحد رستو اِهو آهي تہ اوهين پنهنجي حق لاءِ جدوجھد ڪريو، اوهين پنهنجو جيون، پنهنجيءَ سيپتا موجب ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ موجب، گذاريو... اوهان جي تاريخ اوهان کان اها تقاضا ڪري ٿي. هت اوهين پنهنجي اِن نظريي سان اڳتي وڌو. مون کي اوهان سان هر قسم جي همدردي آهي ۽ دراوڙستان جي قيام جي سلسلي ۾ آءٌ اوهان جي جيڪا ڪجھہ مدد ڪري سگھيس، سا ڪندس. هتان جي ست سيڪڙو مسلمان اوهان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائيندا ۽ اُهي برابريءَ، انصاف ۽ رواداريءَ وارن اصولن تي، اوهان سان گڏجي رهندا.“

اِن ڳالھہ کي وڌيڪ چٽائيءَ سان سمجھڻ لاءِ قائداعظم پاران پاڪستان جي پهرئين آئين ساز اسيمبليءَ جي افتتاحي اجلاس کي 13 آگسٽ 1947 تي ڪيل خطاب جو حوالو پيش ٿي سگھي ٿو، جنهن ۾ هن، قوم جي محسن جي حيثيت ۾، مستقبل جي پاڪستان جي بهترين مفادن خاطر،

سوچ ويچار ۽ عمل لاءِ هڪ پيغام ڏنو هو. هُن مستقبل جي پاڪستان لاءِ "سيڪيولر نئشنلزم" (دنيائي فلاح لاءِ قوم پرستيءَ) جي واضح سفارش ڪئي، جيئن اُن جو اولڙو 1940ع واري پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ پڻ صاف موجود هو.

منهنجون پينرُ ۽ پاٺرو! آءٌ اڄ اوهان آڏو هتي بيٺو آهيان، ۽ پنهنجي پوريءَ سنجيدگيءَ ۽ پنهنجي اندر جي آواز سان اها ڳالهه اوهان جي آڏو چوڻ جي همت ڪريان ٿو تہ پنهنجي سڄي سياسي فڪر ۾ سيداعظم سائين جي. ايم. سيد وٽ 1940 واري پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ مجيل ڳالهين کان علاوه ٻيو ڪوبہ حوالو نہ هو، ۽ اُهو گهٽ ۾ گهٽ. قائداعظم جي پاڪستان جي پهرئين آئين ساز اسيمبليءَ جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪرڻ واري ڏينهن (13 آگسٽ 1947ع) تائين، آل انڊيا مسلم ليگ جي آئين جي مُول متي (Sole Credo) طور پڻ ائين لکيل ۽ مجيل هو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ٻيا ماڻهو اِنهيءَ موقف تان هٽ ڪٽي ويا، پر سيد ائين ڪڏهن بہ نہ ڪيو. هو پنهنجي ان موقف تي اٽل بيٺو رهيو. جڏهن بہ ۽ جنهن بہ بهاني سان پاڪستان جي ٺهراءَ جي واضح بيان ٿيل مؤقف کان انڪار ڪيو ويو، تہ خاص اُهي ماڻهو جيڪي اُن ٺهراءَ جي اصل روح سان واڳيل رهيا، سي سڀ سائين جي. ايم. سيد وانگر فطري طرح پنهنجن اصل ۽ ناقابل انڪار حقن ۽ قومي مفادن جي حفاظت لاءِ سينہ سپر ٿي بيٺا. سيد صاحب پنهنجي مَنَ جي فقط اهڙيءَ ئي صاف ۽ واضح ڪيفيت ۾، عدم تشدد واريءَ راهہ سان پنهنجي قوم پرست سياسي جدوجهد کي تا دم آخر جاري رکيو.

1938ع ۾ ڪراچيءَ جي آل انڊيا مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ پاران هندستان ۾ قومي سوال واري موضوع تي پيش ڪيل ٺهراءَ تي ڳالهائيندي، 1943ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ 1940ع واري قرارداد لاهور پيش ڪندي ۽ اُن جي اکر اکر جي روح جي دل ۽ جان سان حمايت ڪندي، ۽ 1945ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت سان اُنهيءَ سال منعقد ٿيندڙ فيصلي ڪن عام چونڊن ۾ سنڌ مسلم ليگ پاران پنهنجن سنڌ سان سچن ۽ محب وطن نمائندن بيهارڻ واري فطري ۽ بنيادي قومي حق جي حمايت ۾ ليگ جي اعليٰ مرڪزي قيادت سان ٿيل ڳالهين ۾ پنهنجي

تمام تر سنجيدگيءَ سان حصو ونندي ۽ جهيڙيندي، سائين جي. ايم. سيد حقيقت ۾ هندستان ۾ قومن جي حق خود ارادي‌ءَ جي تسليميءَ واري ساڳئي اُن اصول جي هُوبهو اثين وڪالت ۽ تائيد ڪري رهيو هو جيئن مسٽر جناح 1940ع ۾ لاهور ۾ ۽ 1941ع ۾ مدراس ۾ منعقد ٿيل آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاسن ۾ کلئي عام ڪئي هئي.

هن موقعي جو فائدو ونندي ڪتاب جي ليکڪ جناب ايس- ايم- ڪوريجي صاحب جو آءٌ شڪرگذار آهيان جنهن اچ شام هيءُ ڪتاب اسان سان متعارف ڪرايو آهي، آءٌ ڪين واڌايون پيش ڪريان ٿو. هن صاحب اِن ڪتاب ۾ سيداعظم سائين جي- ايم- سيد جي متي ذڪر ڪيل/ بحث ۾ آيل نقطي نظر جو نہ فقط ذڪر ڪيو آهي پر اُن جي تصديق ۽ توثيق پڻ ڪئي آهي. جناب ڪوريجي صاحب جي هن ڪتاب جي ڇپجي پڌري ٿيڻ جي آءٌ پنهنجي سچيءَ دل سان آجيان ڪريان ٿو. سنڌ جي هن سچي پچي، روشن خيال ۽ انصاف پسند عالم پاران لکيل هيءُ ڪتاب دراصل وڏي هڪ ادراڪ ۽ همت وارو ڪم آهي، ۽ مون کي پڪ آهي تہ هيءُ ڪتاب پاڪستان ۾ رياست اندر آئيني تبديليون آڻڻ ۽ هڪ نهايت ئي مرڪزيت پسند، مطلق العنان نوعيت واريءَ مملڪت مان بدلائي قومن جي برابريءَ واري اصول تي مشتمل ڪنفيڊرل يونين ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هر سُوءِ راءِ عامہ هموار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، جنهن ۾ ڏار چوندن وارو زهر ناڪ نظام ۽ اڳوڻن اسان جي ڏارين ۽ دشمن حاڪمن پاران سياسي ورثي طور ڇڏيل ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ جهڙا جمهوريت جي روح جي نفي ڪندڙ هٿڪنڊا هميشه هميشه لاءِ ختم ۽ دفن ٿي ويندا ۽ اُهي ڪنهن کي وري ڪڏهن ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندا.

آءٌ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس وارن کي ههڙي سَرَل، عمدي ۽ برجستيءَ لکڻيءَ کي خوبصورتيءَ سان ڇپائي، ڪتابي صورت ڏيڻ تي دلي مبارڪون ڏيان ٿو.

**محمد ابراهيم جويو**

آمريڪن سينٽر، حيدرآباد، سنڌ.

ضميمو

# ”جنب گذاريم جن سين“ ڪتاب بابت ”پڇا“ جي ڳالهه

اسلام آباد سائين منهنجا

24-12-1996ع

ڪالهه هڪ ڪتاب پئي پڙهيم جنهن ۾ لکيل هو ته نيپولين به چنگيز خان وانگر وقت جي برق رفتاريءَ جو قائل هو.

وقت واقعي ڪنهن لاءِ به ڪونه ٿو ترسي. هڪ اهڙي پکيءَ وانگر آهي، جيڪو سدائين پروازَ ۾ آهي. انگريزن جي ڏينهن ۾، جڏهن پرائمري تعليم هاٿوڪي دؤر وانگر اڃا زمين دوز ڪانه ٿي هئي. استاد پڙهائيندا هئا ۽ شاگرد پڙهندا هئا. ڪامورا تعليم کي مقدس پيشو سمجهندا هئا. تڏهن ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ هڪ سبق هوندو هو ته ”اڄ جوڪم سڀاڻي تي نه رکجي.“

اوهان سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ بابت پڇيو آهي ته ”ون يونٽ سرڪار ڪهڙا اعتراض اٿاريا هئا ۽ مسئلو حل ڪيئن ٿيو؟“ ان باري ۾ سربستو احوال لکي اوهان کي موڪليان ٿو. خبر ناهي ته سڀاڻي جو سڄُ ڪهڙا نوان سامانَ، نوان معاملا ۽ مسئلا ڪٺي اچي. اميد ته اوهان کي مهل سر خط پهچي ويندو ۽ ڪم ايندو.

2- اوهان کي ياد هوندو ته اٽويهه سئو سٺ واري ڏهاڪي ۾ سائين جي. ايم. سيد سن ۾ نظربند هوندو هو ۽ ڪتاب لکندو رهندو هو. اسين وٽس ڪچهري ڪرڻ هلندا هئاسون ته اڪثر ڪري، انهن ئي ڪتابن جون ڳالهيون ڪندو رهندو هو. جڏهن ”جنب گذاريم جن سين“ ڪتاب لکي رهيو هو، تڏهن سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجن دوستن احبابن کي مختلف مشاهيرن ۽ معاصرن متعلق سندن حياتيءَ جو احوال ۽ تصويرون موڪلڻ لاءِ خط لکيا هئائين. مون تي بار رکيو هئائين ته ڪيئن به ڪري، علامه صاحب وٽ وڃي، سندس حياتيءَ جو احوال لکي، ڪيس ڏياري موڪليان. پيو ته نوابشاهه واري حڪيم معاذ ۽

حيدرآباد ۾ بيگم طاهره آغا جي حياتيءَ جو احوال ۽ تصويرون هٿ ڪري موڪليان. مون سندس حڪمن جي پوئواري ڪئي. جڏهن ڪتاب تيار ٿيو ته اوهان جي ئي دلچسپيءَ سان ٻن جلدن ۾ ڇپيو. مون کي اهو به ياد آهي ته ان جي سر ورق جي ڊزائين اوهان ع. ق. شيخ کان ٺهرائي هئي، جنهن ۾ طوفان ۾ وڻن جا پڻ اڏامندي ڏيکاريل هئا.

3- جڏهن اوهين بورڊ ڇڏي ويا ته مخدوم صاحب چيئرمين هو. ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسينيءَ کي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري مقرر ڪيو هئائين. بعد ۾ سندس چوڻ تي مون کي سيڪريٽري مقرر ڪيائين.

هڪ ڏينهن مون کي آفيس ۾ سرڪاري خط اچي مليو ته ”جنب گذاريم جن سين“ ڪتاب جي فلاڻن فلاڻن صفحن تي اعتراض جوڳو مواد ڇپيل آهي. ان جي سمجهاڻي ڏيو. مان خط کڻي هالين ويس ۽ مخدوم صاحب کي حال احوال ڏنم. چيائين ته ”لاهور هلڻو پوندو. فلاڻيءَ تاريخ لاءِ جهاز جون ٽيڪٽون خريد ڪريو. مان ان وچ ۾ ڪنهن سان فون تي ڳالهايان ٿو ته تڙ تڪڙ ۾، ڪو ابهرو قدم نه کڻ. ملڪ ۾ اهي ون يونٽ. ڪو پتو ئي ڪونهي.“

مخدوم صاحب ۽ مان مقرر تاريخ تي لاهور وياسون. پاڻ فون تي گورنر ڪالاباغ سان ڳالهايو هئائين. ساڻس مليو، جنهن انهيءَ ڪم لاءِ مغربي پاڪستان سرڪار جي سيڪريٽري مسعود نبي نور کي فون ڪيو.

مخدوم صاحب ۽ مان ٻئي ڏينهن مسعود نبي نور سان ملياسون. هو نندي هوندي، شايد، جيڪب آباد جي پاسي پڙهيو هو ۽ سنڌ جي خاندانن سان تمام سٺا لاڳاپا هئس. مخدوم صاحب جو ڏاڍو آدر ڀاءُ ڪيائين.

مسعود نبي نور چيو ته ”ڪتاب جي جن صفحن بابت لکيل آهي ته هنن ۾ هي پٽرائون اعتراض جوڳيون آهن. سي ڪيي، اهي صفحا نئين سر ڇاپيو. ڪتاب جون جيڪي ڪاپيون اجان ڪونه وڪاڻيون آهن، تن جي جلد، بندي کولائي، اڳين صفحن جي جاءِ تي نوان ڇاپيل صفحا وجهو ۽ جلد بندي ڪرائي، ڪتاب وڪڻو. پر، ان کان اڳ، مون کان نئين سر ڇاپيل صفحن تي صحيحون وني وڃو ۽ آئينده جڏهن به ڪتاب جو نئون ڇاپو ڪيو ته منهنجيءَ جاءِ تي جيڪو به سيڪريٽري هجي، ان کان به نئين ڇاپي جي انهن صفحن تي صحيحون ونجو.“

مسعود نبي نور جي آفيس مان ٻاهر نڪتاسون ته مخدوم صاحب

چيو تہ ”حيدرآباد هلون. اوهين فوراً سرڪاري هدايتن جي پيروي ڪريو ۽ مسعود نبي نور کان صحيون ڪرائي وجو. آئنده ڪتاب جو نئون ڇاپو نڪري تہ بہ ائين ڪجو. هونئن، مون اهي پئرائون پڙهيون آهن. منجهن اعتراض جهڙو مواد ڪونهي. گورنر ٻڌايو تہ مغربي پاڪستان سيڪريٽريٽ جي انفارميشن کاتي ۾ ڊئريڪٽر ۽ ڊپٽي ڊئريڪٽر جهڙن عهدن تي ڪم ڪندڙ ٻن سنڌي عملدارن جي. ايم. سيد جي ڪتاب جو نالو کڻي، اسان کي چرڪ ڏيڻ ۽ پاڻ وٽائڻ لاءِ اهو ڪم ڪيو آهي. پر هاڻي اوهان کي ڪوبہ الڪو هئڻ نہ گهرجي. اسان کي سندن شرارت گمراھ ڪانہ ڪندي.“

مخدوم صاحب ائين چئي، ٽڏو ساھ پريو ۽ هڪ اردو شعر پڙهيو:

دیکھا جو تیرُ کھاکر کمین گاہ کي طرف

اپنے هي دوستون سے ملاقات هو گئي

لاهور مان واپسيءَ بعد مان مسعود نبي نور ۽ مخدوم صاحب جي هدايتن موجب، صفحن ۾ درستيون ڪرائي، ڪتاب جون بہ ڪاپيون کڻي وري لاهور ويس. مسعود نبي نور هڪ ڪاپيءَ تي صحيون ڪري، مون کي چيو تہ ”ڪتاب وڃي وڪڻو.“ ٻي ڪاپي پاڻ وٽ رکيائين.

1976ع ۾ سرڪار مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ۽ سيد ظفر حسين (مرحوم) کي بورڊ ۾ سيڪريٽري ڪري آندو، جنهن کي اها سڄي ڳالھ ٻڌائي، ڪتاب سندس حوالي ڪري ويس.

ڪتاب بڪ اسٽال تي وڪامندو رهيو. جڏهن ضرورت پئي تہ نئين ڇاپي جي تياري ٿي. ٽن چئن سالن کان پوءِ بورڊ ۾ موٽي آيس، تہ اهوئيچي رهيو هو. پر، شاھ صاحب (مرحوم) سرڪاري هدايتن جي پيروي ڪانہ ڪئي هئي. مون کي لاهور وارا ٻئي سنڌي سپاجهڙا ياد آيا. سو، اداري کي وري سندن ڪنهن حرڪت کان بچائڻ لاءِ، ڪتاب جي ڇپائي عارضي طرح روڪائي، سرڪاري هدايتن جي پيروي ڪيم. ون يونٽ ٽٽي ويو هو. بورڊ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي ۾ هو، جنهن ۾ وزير تعليم مسٽر پيارعلي الانا ڪلچر جو سيل قائم ڪيو هو ۽ ڊئريڪٽر مقرر ڪيو هو. تعليم کاتي جو سيڪريٽري مسٽر علي ڏنو

پنهور هو. هڪ ڏينهن سندس پيغام پهتو تہ ”مون سان ملي وڃو.“

مان ڪراچيءَ ويس ۽ ساڻس مليس تہ سائين امدد محمد شاهہ وٽس ويٺو هو. مسٽر پنهور مون کان ”جنب گذاريم جن سين“ ڪتاب بابت پڇا ڪئي. مون کيس سچو احوال ڏنو. ڳالهہ ٻڌي، گهنٽي وڄايائين ۽ ڊئريڪٽر ڪلچر کي سڏيائين. چڙ مان چيائينس تہ ”تو هن ڪتاب بابت اسان سان کهڙي ڳالهہ ڪئي هئي ۽ حقيقت کهڙي هئي!“

ڊئريڪٽر ڪلچر اهڙو ڪچي جهڙي پِت.

جڏهن هو هليو ويو تہ مسٽر پنهور چانهہ گهرائي. مون کي چيائين تہ ”اوهان صحيح ڪم ڪيو آهي.“ سائين امداد محمد شاهہ کي چيائين تہ ”پاڻ کي حقيقت معلوم ٿي. اوهين هاڻي ڪوبہ فڪر نہ ڪريو، ڪتاب جلد شايع ٿي ويندو.“

اسين ٻئي ڪانئس موڪلائي ٻاهر نڪتاسين تہ سائين امداد محمد شاهہ سخت غصي ۾ ڊئريڪٽر ڪلچر تي چوهہ چنڊيا. مخدوم صاحب لاءِ محبت جو اظهار ڪيائين ۽ چيائين تہ جويي صاحب ۽ اوهان لاءِ مونکي تہ هر طرح خاطري هئي. پر، ڪاڏي وڃجي. هنن نياڳن ڄاڻي واڻي، اسان کي ڏاڍا ڪوڙ بدوڙ ٻڌايا هئا. شاهہ صاحب مون کي پنهنجيءَ ڪار ۾ هوٽل تي لاهي ويو. مان شام جو حيدرآباد آيس. مخدوم صاحب کي حال احوال ڏنم. پايان ٿو تہ سائين امداد محمد شاهہ بہ سائين جي. ايم. سيد کي حقيقت کان آگاهہ ڪيو هوندو.


سائين جي. ايم. سيد ۽ مخدوم صاحب جن جا مون وٽ ڪمين ڪارئين خط پٽ ايندا رهيا. مون سان سندن محبت ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو. مٺا ماڻهو هئا، سنڌ جي سونهن هئا، سهڻيون روايتون قائم ڪري ويا. اياز جي اکرن ۾ ائين چئجي تہ:

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ مٺيا،
پر، مون کي اهڙا مڙس وٽيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا،
۽ پنهنجو پاڻ ملهائي ويا.

سڪ سان،
غلام رباني آگرو

محمد ابراهيم جويو
A-41 صحافي ڪالوني، حيدرآباد.

ڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران
ين جي. ايم. سيد جا شايع ٿيل ڪتاب




جشن جي ايم سيد

Price: Rs. 100-00